# غلامي ۽ آزادي جا عبرتناڪ نظارا


۽

# مسافر جي ڪهاڻي سندن زباني

محمد صديق "مسافر"

نئين ترتيب

مشتاق "مسرور" باريچو



روشني

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

# غلاميءَ ۽ آزاديءَ جا عبرتناڪ نظارا

## مسافر جي ڪهاڻي سندن زباني

حبشي قوم جي غلاميءَ آزاديءَ جو تاريخي ۽ تمدني احوال

# غلاميءَ ۽ آزاديءَ جا عبرتناڪ نظارا

# مسافر جي ڪھاڻي سندن زباني

مصنف

**محمد صديق ”مسافر“**

نئين ترتيب

**مشتاق ”مسرور“ باريچو**

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

**روشني پبليڪيشن**

ڪنڊيارو

2009ع

# فهرست


مرتب پاران: مشتاق "مسرور" باريچو 9

غلامن جو واپار- خورشيد قائم خاني 11

ڏيباچو 23

## حصو پهريون

### غلاميءَ ۽ آزاديءَ جا عبرتناڪ نظارا

**باب پهريون**

شيدين جي غلامي 27

**باب ٻيو**

شيدين جي آزاديءَ جي تاريخ 32

مسٽر گرينول شارپ 37

ٿامس ڪلارڪسن 39

وليم ولبر فورس 41

سر ٿامس فائرويل بڪسٽن 44

**باب ٽيون**

آمريڪا وارن شيدين جي مڪمل آزادي ۽ سڏارو 47

غلاميءَ جي وقت حالت 47

آزاديءَ جي نعمت 48

جارج واشنگٽن 49

وليم لائيڊ گئريسن 53

ابراهام لنڪن 55

ايگزيڪٽو مئنشن 61

سڏارو 63

فريڊرڪ ڊگلاس (شيدي اڳواڻ) 63

بوڪر ٽي واشنگٽن (شيدي اڳواڻ) 70

نارمل انڊسٽريل انسٽيٽيوٽ ٽسڪيگي 73

اسڪول جو فنڊ 74

اسڪول جون هاٽوڪيون بلڊنگون ۽ ملڪيت 74

شاگرد ۽ عملو 75



ريسرچ لائبريري
سنڌالاجي
سنڌي ڄام شورو

باب چوٿون
غلاميءَ جي زماني ۾ سنڌ جي شيدين جي حالت 78
باب پنجون
آزادگيءَ جي زماني ۾ سنڌ جي شيدين جي حالت 83
اوائلي حالت 83
مسيندڙويا مگرمان 85
هاڻوڪي افسوسناڪ حالت 86
نفاق 88
جهالت 89
مسڪيني 90
بدتهذيبي 91
باب ڇهون
سنڌ جي شيدي قوم جو سڌارو 93
تنظيم 93
نيات جو انتظام 94
مسيندڙويا مگرمان 94
تهذيب 96
تعليم 96
دل نہ لوڙ (نظم) 97
باب ستون
اپيل 98
پنهنجن ذات ڀاين ڏانهن 98
جملي اهل اسلام ڏانهن 100
پاڪستان سرڪار ڏانهن 101
آنريبل وزيرن ۽ ڪائونسل جي ميمبرن ڏانهن 103
اخبارن جي ايڊيٽرن ڏانهن 103
تعليمي ڪمن تي اختيار رکندڙ حامين ڏانهن 104
باب اٺون
غلاميءَ کان آمريڪي صدارت تائين 105
آمريڪا ۾ ڪارن جي جدوجهد 105

## حصو ٻيو

مسافر جي ڪهاڻي — سندن زباني


'مسافر' شيدي- خورشيد قائم خاني 111

باب پهريون

مثنوي 115

منزل پهرين: والد مرحوم جو ٻالپڻ ۾ سفر 115

منزل ٻي 116

منزل ٽين 117

منزل چوٿين: آزادي 119

منزل پنجين: برادريءَ جو سک پڻ 119

منزل ڇهين: ٻي شادي 120

منزل ستين: والد مرحوم جي آخرين منزل 121

باب ٻيو

موجوده مسافر 122

پهرين منزل: ننڍپڻ ۽ ابتدائي تعليم 122

ٻي منزل: ابتدائي نوڪري 124

ٽين منزل: ٽريننگ ڪاليج ۾ تعليم 126

(الف) پارسيءَ جي تعليم 126

(ب) عربيءَ جي تعليم 127

(ت) شعر سازيءَ جي تعليم 128

(ج) ڪتابن مطالعي ڪرڻ جو شوق 129

(د) پرنسپال صاحب جي نوازش ڀريل نظر 130

چوٿين منزل: ٽريننگ ڪاليج ۾ نوڪريءَ جي شروعات 131

(الف) پريڪٽسنگ اسڪول ۾ نوڪري 131

(ب) انگريزي تعليم 133

(ت) امتحان ۾ قدرتي ۽ ديوان صاحب جن جا لائق 134

پنجين منزل: خود ڪاليج ۾ نوڪري 136

ڇهين منزل: اوچتي تبديل ۽ وطن جي خدمت جو وجهه 136



لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

| | |
|---|---|
| (الف) اوچتي شرانگيزي | 136 |
| (ب) وطن ۾ انگريزي اسڪول قائم ڪرڻ | 139 |
| ستين منزل: پرديس ۾ آخري نوڪري | 146 |
| اٺين منزل: پينشن تي لهڻ ۽ متفرقہ حالات | 149 |
| (الف) اوچتي قسمت | 149 |
| (ب) وطن جي نياڻين جي تعليمي خدمت | 150 |
| (ث) تصنيف ۽ تاليف جو ڪم | 152 |
| مذهبي تعليم ۽ تربيت | 153 |
| عشق جي منزل | 157 |
| شاديون ۽ اولاد | 158 |

# مرتب پاران

سنڌ جو ناميارو استاد اديب، شاعر ۽ محقق محمد صديق "مسافر" اهو پهريون شخص هو جنهن شيدين جي تاريخي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن تي قلم کنيو ۽ "غلامي ۽ آزاديءَ جا عبرتناڪ نظارا" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو جنهن ۾ هن شيدين جي غلاميءَ ۽ آزاديءَ بابت نهايت سچائيءَ سان واقعن کي قلمبند ڪيو. هڪ سادو ۽ سچو انسان جنهن جي لفظ لفظ ۽ اکر اکر ۾ سچائي سمايل آهي. هن پنهنجي برادريءَ جي حالتن تي ايتري صداقت سان لکيو جنهن جهڙو ۽ جنهن وانگر شايد ئي ڪو لکي سگهي.

محمد صديق "مسافر"، هن دنيا جو هڪ اهڙو مسافر هو جيڪو سڄي حياتي سفر ۾ رهيو. ننڍپڻ ڪان جوانيءَ ۽ پيرسنيءَ تائين، پر جتي به رهيو پاڻ ملهايائين.

سڄي حياتي ڏک ڏاڪڙا، مصيبتون ۽ مصائب، ڏک ۽ تڪليفون سهندڙ هن عظيم استاد، جيڪو جيتوڻيڪ شيدي هو پر پنهنجي جدوجهد ۽ ڪارنامن جي ڪري ڪيترن سهڻن ڪان سونهن ۾ سرس نظر اچي ٿو. پنهنجي فڪر ۽ جذبي جي لحاظ کان هو هڪ عظيم انسان هو. هڪ اهڙو انسان، جنهن وٽ سچائيءَ جو آملهه خزانو هو. هو هڪ اهڙو سورهيه هو جنهن پنهنجي عملن سان انسان هئڻ جو حق ادا ڪري ڇڏيو. هڪ اهڙو غيرتمند، جيڪو پنهنجي برادريءَ جي پوئتي پيل حالتن تي لڙڪ هاريندو ۽ ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو.

هو هڪ اهڙو استاد هو، جنهن پنهنجي استاد هئڻ جو فرض ڀرپور نموني ادا ڪيو. شاعر جي حيثيت ۾ پاڻ هڪ عمدو شاعر هو. اديب جي حيثيت ۾ هن سنڌ جي علمي ۽ ادبي خزاني کي مالا مال ڪيو. ايڊيٽر جي حيثيت ۾ هڪ قابل ايڊيٽر ثابت ٿيو. اهي لفظ ناهن، جيڪي هن عظيم انسان جي ساراهه جو حق ادا ڪري سگهن.

پر افسوس آهي، ته هو اسان کان وسري ويو آهي. ڇا، ان ڪري، جو هو هڪ غريب ۽ مسڪين استاد هو. حيف آهي انهن تي، جن جي

حياتيءَ ۾ هن روشني پيدا ڪئي، سندن رهنما ٿيو انهن مان اڄ ڪيترا اهم عهدن تي آهن يا انهن جو اولاد اهم عهدن تي ضرور آهي، جن کي ماستر "مسافر" منزل ماڻڻ جي واٽ ڏيکاري هئي، ۽ زندگيءَ جي ابتدائي ڏاڪي تي سندن رهنمائي ڪئي هئي.

مسافر صاحب وٽ ڪيترائي شاگرد پڙهيا. جن مان ڪيترائي استاد ٿيا ۽ وري انهن جا شاگرد به استاد ٿيا. اهو سلسلو اڃا جاري آهي، ۽ جاري ئي رهندو. هو اهڙو ڏيئو هو جنهن سان ڪيترائي ڏيئا ٻريا ۽ ٻري رهيا آهن. اهو ڏيئو اڄ به روشن آهي ۽ سدائين روشن رهندو ۽ لاٽ مان لاٽ ٻرندي رهندي!

. مسافر صاحب جي خواهش هئي، ته پنهنجي وطن واسين جيان سندس برادري به علم ۽ هنر حاصل ڪري، سماج ۾ انسان جي ناطي اهو مقام حاصل ڪري، جنهن جو هو حقدار آهي. شيدي پائرن پنهنجي محسن جي انهيءَ خواهش جو ڪيترو احترام ڪيو آهي، ڪين ان تي ضرور غور ڪرڻ گهرجي.

. محمد صديق "مسافر" متعدد ڪتاب لکيا. جن مان ڪيترائي اڄ ناياب آهن. شايد ڪن لائبريرين يا گهرن ۾ موجود هجن. مون کي ننڍي هوندي کان ئي مسافر صاحب کي پڙهڻ جو شوق هو. ننڍپڻ ۾ ئي مسافر صاحب کي پنهنجو روحاني استاد مڃيو هئم. ان ڪري، ڪٿان به ڪو ڪتاب هٿ ايندو هو ته پاڻ وٽ محفوظ رکندو هئس.

اڄ خوشي آهي، ته مسافر صاحب جو مشهور ڪتاب "غلامي ۽ آزاديءَ جا عبرتناڪ نظارا" کي نئين ترتيب سان پڙهندڙن جي خدمت ۾ ميڙي روشني پبليڪيشن جي سهڪار سان پيش ڪري رهيو آهيان. هن ڪتاب جي ٻئي حصي طور مسافر صاحب جي شاعريءَ جي ڳٽڪي "ڪليات مسافر" ۾ ڏنل سندن خود نوشت به شايع ڪئي پئي وڃي. ان کان سواءِ مختلف مضمون به شامل آهن. اميد آهي ته هي ڪتاب پسند ڪيو ويندو ڇو ته خاص ڪري شيدي پائرن جي تاريخ ۽ حالتن تي هيءُ هڪ مختصر، پر جامع دستاويز آهي، جيڪو هن موضوع تي تحقيق ڪندڙن لاءِ ضرور رهنما ٿيندو.

مشتاق "مسرور" باريچو

ٽنڊو مير غلام حسين،
9_ لطيف آباد، حيدرآباد سنڌ.

مهاڳ

# غلامن جو واپار

پاڪستان ۾ شايد ٿورڙن ماڻهن کي ڄاڻ هجي، تہ هن ملڪ ۾ صدين کان آفريڪي نسل جا لکين ماڻهو رهن ٿا، جن کي سنڌ ۾ شيدي ۽ بلوچستان ۾ مڪراني سڏين ٿا. شيدي لفظ آفريڪي ٻوليءَ جي هڪڙي لفظ 'سِدي' جو بگڙيل روپ آهي، جيڪو حقيقت ۾ عربيءَ جي لفظ 'سيدي' جو هڪ روپ آهي، جنهن جو مطلب آهي: آقا يا مالڪ. شيدي گهڻو ڪري ڏاکڻي سنڌ جي سامونڊي علائقي ۾ رهن ٿا، جڏهن تہ مڪرانين جو ناتو بلوچستان جي سامونڊي علائقي مڪران سان آهي. شيدي، سنڌي ٻولي ڳالهائين ٿا، تنهنڪري سنڌي سڏجن ٿا، جڏهن تہ مڪراني، بلوچڪي ٻوليءَ ڳالهائڻ سبب پاڻ کي بلوچ سڏرائڻ پسند ڪن ٿا. مڪرانين جو وڏو تعداد محنت مزدوريءَ جي سلسلي ۾ لڏپلاڻ ڪري ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي ٻين شهري علائقن ۾ رهي ٿو ۽ سندن وڏو تعداد بهتر روزگار جي ڳولا ۾ عرب امارات يا ايران ڏانهن بہ هليو ويو آهي.

اهو ڄاڻڻ تہ اهي آفريڪي رهواسي اسان جي سامونڊي علائقن تائين ڪيئن پهتا، اسان کي پنهنجي نهايت شرمناڪ ۽ انسانيت کان ڪِريل بابَ کي کولڻو پوندو. هنن آفريڪين جا اڪثر وڏڙا اُهي نندڙا ٻارَ ۽ ٻارڙيون هيون، جن کي ڪنهن زماني ۾ عرب ۽ پوءِ يورپي نو آبادڪار واپارين، آفريڪا جي مختلف قبائلي علائقن مان اغوا ڪري، غلام منڊين ۾ ايئن وڪيو هو ڄڻ اُهي انسان نہ، پر جانور هئا، يا وري گهريلو ڪپت جون بازاري شيون. آفريڪا جي اولهندي وارن سامونڊي ڪنارن تي انساني واپارَ بابتِ چڱو لکيو ويو آهي، جتي ڪروڙين ماڻهن کي چورائي، يورپي نو آبادڪارن وٽ وڪيو ويو ۽ جن جو اولاد اڄ بہ اسان کي اُتر آمريڪا کان وٺي ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن ۽ خاص

ڪري ويسٽ انڊيز ۾ مليو ٿو. انسانن جو اهو پيمانڪ واپار ايڏي وڏي پيماني تي ڪيو ويو جو اڄ ڏينهن تائين آفريڪا جو اهو سامونڊي ڪنارو 'غلامن جو سامونڊي ڪنارو' جي نالي سان مشهور آهي.

پر آفريڪا جي اوڀرندي سامونڊي ڪناري تي غلامن جي ان واپار تي مڪمل طور عرب واپارين جي اجاريداري هئي، جنهن بابت تاريخ اڄا تائين ماٺ آهي. انهيءَ علائقي ۾ زنجبار ۽ مسقط ۾ آفريڪي غلامن جون وڏيون منڊيون هيون، جتان عرب واپاري کين وٺي هندستان ۽ ڏکڻ ايشيا جي ٻين ملڪن ۾ ٿوڪ جي حساب سان وڪڻندا هئا. هندستان ۾ انهن غلامن جا خريدار گهڻو ڪري سلطان، نواب، راجا، رئيس ۽ جاگيردار هئا.

ڪراچي تنهن زماني ۾ ڪلاچي جي نالي سان مُهاڻن جي ننڍڙي وسندي هئي، جيئن بمبئي به تڏهن ڪولابا جي نالي سان ڪولهي مُهاڻن جي ننڍڙي وسندي هئي. يورپي نوآبادڪارن جي زماني ۾ جڏهن انهن ٻنهي وسندين کي بندرگاهه جي حيثيت ملڻ لڳي، ته 1794ع ۾ هڪڙي انگريز مُهاڻي ڪئپٽن چارلس موجب: ڪراچي بندرگاهه جو ڪُل ساليانو محصول ايڪيهه لک روپيا هوندو هو. جيڪو سمورو محصول آفريڪي غلامن جي وڪري مان ڪمايو ويندو هو. ڪراچيءَ ۽ بمبئيءَ جي غلام منڊين ۾ عرب جهازن وسيلي آندل انهن اڀاڳن انسانن کي مقامي واپارين وٽ وڪيو ويندو هو جيڪي کين هندستان جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ پهچائيندا هئا.

آفريڪا جي سفيد سامونڊي ڪنارن جي پروارن علائقن مان غلام وٺڻ لاءِ اُهي واپاري نهايت اڻگا ۽ ظالماڻا طريقا ڪتب آڻيندا هئا. هڪڙو عام ۽ سولو طريقو اهو هوندو هو جو آفريڪي قبيلائي جنگين ۾ جهليل قيدين کي عرب واپاري، قبائلي فاتح سردارن کان رنگين ڪپڙن، موتين، مٽڪن مان ٺهيل زيورن يا شراب جي مٽا سٽا ۾ وٺندا هئا، ۽ پوءِ سامونڊي ڪناري تي موجود عرب جهازن ۾ چاڙهي غلام منڊين ڏانهن روانا ٿيندا هئا.

هڪڙو ٻيو عام طريقو ٻارن کي اغوا ڪرڻ هو. ڇيو وڃي ٿو ته انهيءَ ڪم لاءِ عرب عام طور پنهنجا خرڪارن کي استعمال ڪندا هئا.

محمد صديق مسافر موجب، جنهن جي پيءُ کي ننڍپڻ ۾ غلام بڻائي زنجبار کان سنڌ ۾ آندو ويو هو: اُڀرندي ساموندي ڪنارن جي اڪثر غلامن کي عرب واپارين ۽ پنهنجي خرڪارن هندستان ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وڪيو.

واپارين ۽ خرڪار ٽڳن جا ٽولا، واپارين جي ويس ۾ جهنگن ۾ وڪوڙيل ڳوناٺين وسندين ۾ ويندا هئا، ۽ ٻارن ۾ مِٺائي، ڪنمنڙا يا ڳُڙ ۽ ڀُڳڙا وغيره ورهائيندا هئا، جڏهن ٻارَ ساڻن هِري ويندا هئا، تہ اُهي کين ڀُڏائيندا هئا، تہ ساموندي ڪنارن تي بيٺل سندن جهازن ۾ کين ان قسم جا کاڌا کائڻ لاءِ ملندا. ۽ ايئن ننڍڙن ٻارڙن ۽ ٻارڙين کيِ دوکو ڏيئي جهازن تائين آندو ويندو هو ۽ جڏهن ٻارن جو تعداد گهڻو جهجهو ٿي ويندو هو تہ پوءِ لنگر کڻي کين اغوا ڪري ويندا هئا، ۽ پوءِ کين غلام منڊين ۾ وڪڻي ڇڏيندا هئا.

پر انسانن جي ان هن وحشي واپارين جو سڀ کان وڌندڙ طريقو اهو هو جو عرب ٽڳن جا هٿياربند ٽولا رات جي اونداهيءَ ۾ جهنگ جي ڪنهن الڳ ٿلڳ وسنديءَ کي گهيري، ڪيس باهہ ڏئي ڇڏيندا هئا، ۽ جڏهن سڙندڙ وسنديءَ جا ماڻهو جان بچائڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄندا هئا، تہ مٿن حملو ڪري عورتن، مردن ۽ ٻارن کي جهلي غلام بڻائي وٺندا هئا، ۽ پوءِ ساموندي ناري تي بيٺل ٻيڙين ۾ ڀَري، غلام منڊين ۾ کڻي ويندا هئا. پر اهو ڪمُ عام طور اُهي پاڻ نہ ڪندا هئا، پر گهڻو ڪري قبائلي دشمنين مان فائدو وٺي، هڪڙي قبيلي کان ٻئي قبيلي تي حملو ڪرائيندا هئا، ۽ پوءِ جهيل قيدين جو معاوضو ڏئي کين خريد ڪندا هئا. ايئن آفريڪا ۾ غلامن جي واپارَ کي جاري رکڻ ۾ آفريڪي سردارن ۽ بادشاهن جو وڏو هٿ هو جنهن کانسواءِ انساني واپارَ کي ايڏي وڏي پيماني تي ۽ ايڏي گهڻي عرصي تائين جاري رکڻ ممڪن نہ هو. انهن اياڻن غلامن ۾ هارايل بادشاهہ، سردار ۽ سندن گهر وارا بہ شامل هوندا هئا، پر منجهن گهڻا هارايل قبائلي سپاهي هوندا هئا.

رچرڊ برٽن جي ڪتاب "سنڌ ۾ وسندڙ قومون" موجب: سنڌ جا اڪثر آفريڪي غلام، مسقط ۽ عرب ملڪن جي اُڀرندن ساموندي ڪنارن جي پين غلام منڊين مان آندا ويا هئا. ٽالپر اميرن جي

حڪومتي دؤر ۾ ڇهه ست سؤ شيدي غلام هر سال سنڌ ۾ آندا ويندا هئا، جن کي زنجباري يا ممباسي سڏيو ويندو هو. عام طور انهن جي قيمت چاليهن روپين کان وٺي ڏيڍ سؤ روپين تائين في غلام هوندي هئي. جيئن تہ ڇوڪرين جي کپت گهٽي هئي، تنهن ڪري ڪين گهٽي تعداد ۾ آندو ويندو هو ۽ سندن قيمت بہ ٿورڙي وڌيڪ هوندي هئي. رچرڊ برٽن موجب: سنڌ جا اڪثر شيدي، ڪوٽو ۽ مونبو علائقن مان آندا ويا، جيڪي ساموندي ڪنارن جي علائقن پرسان آهن. انهن غلامن جي بيانَ موجب: لامو، پاره، ماجي ۽ ڪينڪوئر ڪجهہ اهم شهر هئا، ۽ منجهانئن اڪثر مسلمان گهراڻن سان ناتو رکندڙ هئا. انهن شيدي غلامن جي ڪجهہ قبيلن جا نالا هيٺينءَ ريت آهن:

مڪوا، مڙيما ڦاني، تويڙ مياس، مياسينڊا، مزگرا، ڊونڊيري، مدوئي، متويني، نزلز ميزا، مڪامي، نيامبيزي، ساگر، طيمالوئي، مدوئي، ظالما، مڪوڊونگو ۽ زنز سيگري وغيره.

آفريڪا جي طبعي نقشي تي نهارڻ ڪانپوءِ اهو اندازو لڳائڻ ڏکيو نہ آهي، تہ مٿي ڄاڻايل نالن جو ناتو وچئين آفريڪي ريپبلڪ، ايٿوپيا، سوڊان، تنزانيا، ڪينيا، ڪانگو انگولا، گهانا، مالي، يوگنڊا ۽ موزمبيق جي دريائن، جبلن، شهرن يا قبائلي گروهن ۽ غلام منڊين سان ملي ٿو.

مقصد اهو آهي، تہ وچئين آفريڪا کان انهن غلامن کي قيدي بڻائي، هڪڙي ڏکهي ۽ اذيتناڪ سفر کان پوءِ تنزانيا جي هڪڙي شهر طبوره آندو ويندو هو. طبوره جي شهر ۾ اڄ بہ ان قافلہ سراءِ جا کنڊر موجود آهن، جتي غلامن لاءِ رات گهارڻ يا ڏکهي عرصي تائين ترسائڻ جو بندوبست هو. طبوره کان انهن غلامن کي تنزانيا جي اُرندي ساموندي ڪناري تي بيگو مايو جي بندرگاهہ تي آندو ويندو هو. بيگ مايو جي ساموندي ڪناري تي اڄ بہ هڪڙو وڏو ڇانودار وڻ بيٺل آهي، جنهن جي ٿُلهي ٿُڙ ۾ وڏيون لوهي سنگهرون لٽڪن پيون، جن سان زنجيرن ۾ ٻڌل غلامن کي قطارن ۾ ٻڌو ويندو هو تہ جيئن اُهي ڀڄي نہ سگهن.

غلاميءَ واري واپار جي ان ڏکهي رستي تي ڪيترن ئي جاين تي انبن جا وڻَ هينئر بہ بيٺل آهن، جيڪي سفر دؤران غلامن جي کاڌل انبن جي ککڙين مان ڦُٽل آهن. بيگو مايا کان انهن غلامن کي ٻيڙين ۾ چاڙهي

پين خانداني رشتن وغيره کي نہ ڏٺو ويندو هو ۽ وڪامجڻ کانپوءِ ان غلام کي گهريلو جانور جيان رکيو ويندو هو يعني سُٺي طريقي سان يا وري ڏاڍي خراب انداز ۾ پر ٻنهي صورتن ۾ مالڪ وٽ سندس انساني قدر نہ هوندو هو ۽ نئين آقا جو رَويو سندس قسمت ٻڌجي ويندو هو.

مالڪ نيڪ نيتيءَ سان اهو ايمان رکندا هئا، تہ سندن پنهنجي ثقافت ئي اتل سچائي آهي ۽ حبشين جي رنگ توڙي نسل کي ڏسي، جيڪا ڪانئن گهٽي مختلف هئي، اُهي اِهو نتيجو ڪڍندا هئا، تہ حبشي انسان نہ، پر وحشي جانورَ ئي آهن. ٻين لفظن ۾ غلامن جا اهي خريدار آقا جديد قسم جا نسل پرست هئا، ۽ اُهي غلامن کي انساني ڀائيچاري جو درجو ڏيڻ لاءِ بہ تيار نہ هئا. پر انسانَ جي فسطائي تاريخ ۾ اها اڄ بہ نئين ڳالهہ نہ آهي. جرمن قومپرست نازين اهو ئي سلوڪ يهودين، جپسي لاڏائن توڙي ڪميونسٽن سان ڪيو ۽ اهو ئي ساڳيو سلوڪ ڏکڻ آفريڪا جا گوري نسل پرست حڪومت اُتي جي حبشي عوام سان اڄ بہ ڪري ٿي، جنهن بابت انسانيت جي ڪَنَ تي نہ اڳ ۾ ۽ نہ ئي هاڻي جُونءِ چُري ٿي.

محمد صديق 'مسافر'، جنهن بابت تفصيلي ذڪر تہ پوءِ ڪبو تنهن پنهنجي ڪتاب "غلاميءَ ۽ آزاديءَ جا عبرتناڪ نظارا" ۾ سنڌ ۾ غلام شيدين جي حالت وضاحت سان ٻڌائي آهي. مسافر اهي ڳالهيون پنهنجي والد ۽ سندس ساٿين کان ٻُڌل ساروٽين جي آڌار تي ڪيون آهن، جن کي ننڍپڻ ۾ غلام بڻائي سنڌ ۾ آندو ويو هو. هڪڙي غلام پنهنجي حالتَ هن طرح ڇاٽائي:

"جنهن عرب جهاز اسان کي جهنگ بار (زنجبار) جي غلام منڊيءَ کان آندو سو مسقط جي بندرگاهہ تي بيٺو. رستي ۾ جيڪي غلام شديد اگها ٿي پيا هئا، تن کي اُن حالت ۾ سمنڊ ۾ اُڇلايو ويو. اسان ٻچي ويلن کي هڪڙي وڏي ڪوٺ ۾ آندو ويو جتي هڪڙو داڀي وارو عرب واپاري، ريشمي وهاڻن ۽ گاديلن کي ٽيڪ ڏيئي ويٺل هو. سندس حُڪم تي اسان سڀني کي هڪڙيءَ قطار ۾ بيهاريو ويو ۽ اسان جي طبي چڪاس ڪئي وئي. اسان منجهہ جيڪي ٿُلها ٿنيرا هئا، تن کي ڏار ڪري هڪڙي ٻئي اگهڻ ۾ وٺي ويا. جتي سندن هٿ ۽ پيرَ ٻڌي

هڪڙيءَ قطار ۾ اوڪڙو ويهاريو ويو. پوءِ ڪجھ جلاد جهڙا نوڪر آيا، جن جي هٿن ۾ لوھ جون ڳريون ۽ تيز ڌار واريون پالي جهڙيون شيخون هيون. پوءِ واري واري سان هنن اِهي شيخون غلامن جي مٿن ۾ ايڏيءَ سگھ سان هنيون، جو اُهي بدن جي آرپار ٿي ويون. ۽ غلام انهن شِيخن ۾ ڪباب جيان چنبڙي ويا.

"اڳڻ جي هڪڙيءَ ڪُنڊ ۾ وڏيون ڪڙهايون باھ تي چڙهيل پاڻيءَ يا تيل سان ٽهڪيون پئي. غلامن کي انهن ٽهڪندڙ ڪڙهاين تي ڪبابن جيان ٽنگيو ويو جن جي جسمن منجهان چربي پگھر جي انهن ڪڙهائين ۾ ڪِرڻ لڳي. اُن انساني چربيءَ مان عرب واپاري شهوتي سَگھ لاءِ هڪڙي موميا يا ڪُشتو ٺاهيندا هئا. جيڪو سونَ جي اگھ ۾ وڪامندو هو جنهن سان اُهي وڏو نفعو ڪمائيندا هئا. ۽ اُن اياڳن غلامن جو بچيل گوشت پوءِ ٻين غلام قيدين کي کارائيندا هئا. ايئن انساني گوشت ۽ ڪجھ ڪجورَ ۽ پاڻي، اسان جي خوراڪ هئي. ڪڏهن ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو هو جو ڪو رحمدل مُحافظ ڪنهن خاص صورت ۾ غلام کي بيمار ڄاڻائي ڪيس موت جي مُنهن مان ڪڍي وٺندو هو پر اُن کان هڪدم پوءِ اُهي جيئري بچندڙ غلام کي وهنجاري، سهنجاري، سُٺا ڪپڙا ۽ خوشبودار تيل مهٽي ڪيس غلام منڊيءَ ۾ وڃي وڪڻندا هئا."

مقصدُ اهو تہ نصيبو نالي هڪڙو غلام ايئن جيئرو بچي ويو. جيڪو ڪيترن ئي هٿن مان وڪامجندو نيٺ آزاد ٿي ٽنڊي باڳي پهتو ۽ اُتي رهي پيو. هُن اُتي شادي ڪئي، ۽ سندس ٻارَ ٿيا. محمد صديق مسافر موجب: هُن جا پوٽا پوٽيون ٽنڊي باڳي ۾ رهندا هئا.

مسافر هڪڙو ٻيو واقعو لکيو آهي، جيڪو 1841ع ۾ نينگھ ڳوٺ ۾ ٿيو جيڪو ٽنڊي باڳي کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي هو. اُن ڳوٺ ۾ نصير نالي هڪڙو شيدي غلام رهندو هو. نصير ڏاڍو طاقتور پهلوان هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڳالھ تي بگڙندو هو تہ مالڪن لاءِ ڪيس ضابطي ۾ آڻڻ ڏکيو ٿي پوندو هو. هڪڙي ڀيري جڏهن نصير ڪنهن ڳالھ تي ڪاوڙيو هو تہ مالڪ اٽڪل هڪ درجن ماڻهن جي مدد سان ڪيس سُمهڻ مهل جهلرائي زنجيرن سان ٻڌرايو. پوءِ ڳوٺ جي وچ ۾ هڪڙي

وڏي ڪڏ ڪوٺي، اُن ۾ هڪڙيءَ ٽوٽيءَ جي سهاري نصير شيديءَ کي ٻڌي، چيٿرو سنگسار ڪيو ويو. روايت موجب: انهيءَ واقعي کان هڪ سال پوءِ اُن ڳوٺ ۾ ويا ڦهلجي ويئي، ۽ ماڻهو بيمار ٿي مرڻ لڳا. ڳوٺ جا ماڻهو ان ويا کي نصير شيديءَ جو پاراتو سمجهي ايڏو ڊِنا، جو اُهي ڳوٺ ڇڏي هليا ويا. هاڻي اُتي کنڊر ۽ سِرن جا ڍير آهن. جتي ڪنهن وقت نينگهه ڳوٺ آباد هو. نصير شيديءَ جي قتل کان ٻه سال پوءِ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ انگريزن هڪدم پوءِ غلامن جي واپار کي غير قانوني قرار ڏئي ڇڏيو ڇو ته آمريڪا ۽ ٻين انگريزي بينڪيتن ۾ غلامن جي بغاوتن کان پوءِ اڳ ۾ ئي اِن تي روڪ وڌي ويئي هئي.

محمد صديق مسافر، هڪڙيءَ پوڙهيءَ شيدياڻيءَ کان ٻُڌل داستان به بيان ڪيو آهي:

”آءٌ جنهن رئيس جي غلام هئس، تنهن کي هڪڙي اُٺ سان ڏاڍو پيارُ هو. جڏهن اُٺ کي چاري ڏيڻ جي مهل ٿيندي هئي، ته منهنجي لاءِ مالڪ جو اهو حُڪم هو ته آءٌ اُٺ جو اڌ مڻ جيترو چارو مٿي تي رکي سندس سامهون بيهي ڪيس ڪارايان ۽ اُٺ منهنجي مٿي تي رکيل ڪاري مان گاهه چَري، ڇو ته زمين تان چارو چرڻ ۾ اُٺ کي ڳچي هيٺ جُهڪائڻي پوندي هئي ۽ کيس تڪليف ٿيندي هئي. ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين اڌ مڻ چارو ڪاري سميت مٿي تي رکي، آءٌ اُٺ کي چارو چاريندي هئس ۽ ان دوران منهنجي ڳچيءَ جي حالت ڇا ٿيندي هئي، تنهن جي رئيس کي بلڪل پرواهه نه هئي. مقصد ته اونهاري ۾ ساڙيندڙ اُس هوندي هئي، يا سياري جي ٿڌي رات، روزانو ڪلاڪن تائين مون کي ان پيڙا مان لنگهڻو پوندو هو.“ مسافر موجب: اُن عورت جا ڏوهتا ۽ ڏوهٽيون به ٽنڊي باگي جي پرسان رهندا هئا.

جتوڻيڪ تنهن زماني ۾ سنڌ جي وڏن جاگيردارن، وڏيرن، رئيسن ۽ سردارن جي گهرن ۾ شيدي غلام رکڻ جو رواج هو پر اڪثر شيدي پيرن، سيدن ۽ بلوچ رئيسن جي گهرن ۾ غلام هئا. ۽ انهن غلامن ۾ رُڳو ڪلدار قسم جي غلامن سان، جيڪي گهڻو ڪري باز پالڻ، تِتر تاتڻ، يا وري ويڙهُو ڪُڪڙن ۽ ڪُتن توڙي گهوڙن جا رکوال هوندا هئا، تن سان ڪنهن قدر سنو سلوڪ ڪيو ويندو هو. ٻين شيدي غلامن جي

حالت انتهائي ڪِريل هئي. گهريلو غلامن جي ٻارن کي بہ غلام سمجهيو ويندو هو ۽ انتهائي محنت ۽ جاکوڙ واري غير انساني ٻانهپ واري زندگيءَ عيوض کين رُڳو ماني ۽ ڪپڙا ئي ڏنا ويندا هئا، ۽ انهن لاءِ ڪو باقاعدي پگهار جو رواج نہ هو. گهران پڄندڙ غلام کي ڏوهاري سمجهيو ويندو هو ۽ وٽس مالڪ جي هٿ اکرن جو آزاديءَ وارو پروانو نہ هئڻ تائين ڪنهن کي بہ کيس پناهہ ڏيڻ يا ڪاڏو پيٽو ڏيڻ جي اجازت نہ هئي. ڪجهہ رپورٽن موجب: هندو مالڪن جو شيدي غلامن سان ورتاءُ ڪنهن حد تائين بهتر هو.

جيئن تہ اڪثر شيدي غلام، جنگي قيديءَ طور وڪامجي هندستان آيا هئا، يا سنڌن اولاد هئا، تنهنڪري شيدين کي مُحافظ جٿن طور فوجي نوڪرين ۾ رکڻ جو رواج هو. انهيءَ ڪري اها عجب جي ڳالهہ نہ آهي، تہ ڪئين شيدي غلام، هندستان جي تاريخ ۾ مشهور سپهہ سالار بڻجي اُڀريا. محمود غزنوي، جيڪو پاڻ ترڪ غلام الپتگين جو پُٽ هو تنهن جي اڪثر حڪمت عملين جي ڪاميابيءَ جو سهرو سندس شيدي غلام اياز جي سِرَ تي هو.

التمش جي گهوڙي سوار فوجَ جو ڏهيسر سپهہ سالار ياقوت شيدي بہ غلام هو جنهن تي رضيہ سلطانہ موهت ٿي هئي.

شيدي مَلڪ ڪافور، گجرات جي مُهم ۾ علاؤالدين خلجيءَ کي هٿ اچي ويو ۽ پوءِ تُرت پنهنجي قابليت جي آڌار تي ترقي ڪندي، علاؤالدين خلجيءَ جي فوجن جو ڪمانڊر انچيف بڻجي ويو. علاؤالدين خلجي هندستان جي تاريخ ۾ جن جنگي سوين لاءِ مشهور آهي، سي حقيقت ۾ مَلڪ ڪافور جون سوڀون هيون. ۽ ڪارل مارڪس جي ڪتاب "هندستان جي تاريخ تي نوٽَ" موجب، علاؤالدين خلجي ذاتي طور ڪنهن بہ وڏيءَ مهم ۾ حصو نہ ورتو هو. ڪافور اُترئين هندستان جو پهريون مسلمان سپهہ سالار هو جنهن پنهنجن تيز رفتار حملن وسيلي ڏکڻ هندستان کي دهليءَ کان وٺي راس ڪماريءَ تائين بہ پيرا پنهنجي هٿ هيٺ آندو.

گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ مهاراشٽر جي علائقي ۾ شيدي غلامن، زنجيرا ۽ ساچين جي نالن سان بہ خودمختيار رياستون جوڙيون.

زنجيرا بمبئي جي ويجهو هئي. مغل بادشاهہ اڪبر جي زماني ۾ انهن شيدي غلامن مغل سامونڊي ٻيڙو جوڙيو ۽ اُن جا نواب اميرالبحر طور هندستان جي اولهندي سامونڊي ڪناري ۽ سندس واپار جو بچاءُ ڪندا هئا. پوءِ جڏهن مرهٽن، مغلن ۽ راجپوتن کي شڪست ڏيئي، انهن علائقن تي پنهنجي اجاريداري قائم ڪئي، تہ مرهٽا ايندڙ اٽڪل ڏيڍ سؤ ورهين جي حڪومتي دؤر ۾ انهن شيدي رياستن کي فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا، پر سوڀارا نہ ٿيا. انهن ننڍڙين ٻن شيدي رياستن، مرهٽن جي طاقت جو ايڏي گهٽي عرصي تائين ڪيئن مقابلو ڪيو اها هندستان جي فوجي تاريخ لاءِ ڳجهارت آهي. 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي تائين اهي رياستون قائم هيون. انهن رياستن جون سڳاوتيون هندستان جي ٻين نواب گهراڻن ۾ ٿينديون هيون. شايد اها ڳالهہ دلچسپيءَ کان خالي نہ هجي، تہ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي پيڻ جي شادي ساچين جي شيدي صاحبزادي ڪرنل مصطفيٰ خان سان ٿي هئي.

شيدي ملڪ عنبر (1550ع کان 1620ع تائين) ننڍپڻ ۾ شمبنو جي نالي سان وڪامندو آفريڪا کان آيو هو پر جوانڻ ڄمارڻ ٿيڻ تي پنهنجي قابليت ۽ ڏاهپ جي ڪري احمد نگر رياست جو وڏو وزير بڻجي ويو. انهيءَ زماني ۾ دهليءَ جي مغل بادشاهن ڏکڻ هندستان کي هارائڻ جا خواب پئي ڏٺا. ملڪ عنبر، مغلن جي ڪاهُن کي روڪڻ لاءِ احمد نگر، گولڪنڊا ۽ بيجاپور جي رياستن وچ ۾ ڪنفيڊريشن جوڙيو ۽ مغل فوجن جو رستو روڪيائين. اڪبر بادشاهہ کان وٺي شاهجهان تائين اٽڪل چاليهن ورهين تائين، مغل ڏکڻ هندستان تي هڪ ٻئي مٿان حملا ڪندا رهيا، پر ملڪ عنبر شيديءَ جي جيئري هُجڻ تائين سندن اهو خواب پورو نہ ٿي سگهيو. اِن تاريخي مزاحمت ۾ ملڪ عنبر گوريلا جنگ جي ڪِيڏ تي عمل ڪيو. ۽ پوءِ شيواجي مرهٽي ۽ ٽيپو سلطان جون گوريلا جنگيون بہ ملڪ عنبر جي سوچ جون پيداوار هيون.

نيٺ ملڪ عنبر جي وفات کانپوءِ اورنگزيب، ڏکڻ هندستان تي سوپ ماٽي. اورنگزيب، ملڪ عنبر جي راجڌاني فتح نگر، جيڪا

سندس پُٽ فتح خان جي نالي پٽيان آباد ڪئي وئي هئي، تنهن جو نالو بدلائي اورنگ آباد رکيو.

ڏنو وڃي تہ انيڪ شيدين، هندستان جي تاريخ ۾ اهم ڪردار نڀايو آهي، پر متعصب ۽ نسل پرست مؤرخن ڪڏهن بہ ڪين مناسب مقام نہ ڏنو ۽ مٿن گمناميءَ جو پوچو ڪندا رهيا آهن. ذڪرڻ هندستان ۾ بهمني رياست جا مشهور سپهہ سالار "خواص خان" ۽ "اخلاص خان" بہ شيدي هئا. اندازو آهي، تہ ٽيپو سلطان جو بنيادي تعلق بہ شيدي گهراڻي سان ٿي هو.

1843ع ۾ انگريزن طرفان سنڌ تي قبضي مهل هوش محمد شيديءَ، دُٻي جي جنگ ۾ مير شير محمد جي ياج ڪائيندڙ فوجَ کي سهارو ڏيڻ لاءِ چارلس نيپيئر جي فوجن جو رستو روڪيو ۽ شاندار ڪارنامي ڪانپوءِ بهادريءَ سان جان نڇاور ڪيائين.

ڏيٽا ريلوي اسٽيشن کان هڪ ميل اُتر ۾ سيال ڳوٺ ويجهو دُٻي جي جنگي ميدان ۾، انگريزن جي قبرستان سامهون، هوش محمد شيديءَ جي ٽُٽل ڀُريل قبر موجود آهي. سنڌي اڏاوت واري نموني جي ان ناهوڪيءَ ۽ سُهڻي قبر کي شاندار نموني سان ٺاهيو ويو هو. پاڪستان ٺهڻ وقت اها قبر سُٺيءَ حالت ۾ هئي ۽ مٿس گُل چاڙهڻ ايندا هئا، پر پنجاهہ واري ڏهاڪي کانپوءِ شايد ڪنهن سياسي مصلحت هيٺ سنڌ جي اِن تاريخي قبر کي وساريو ويو. جيتوڻيڪ نعرا هڻڻ لاءِ هوش محمد شيديءَ جو نالو تہ گهڻو ورتو وڃي ٿو پر نہ تہ ڪو وطن پرست سندس مزار تي سلامي پيرڻ ٿو اچي، نہ ئي ڪو انگريز دشمن مؤمن ئي سندس قبر تي ڪو دُرود ۽ ڪا فاتحہ پڙهڻ ٿو اچي. جيتوڻيڪ هندستان جي شيدين تي ديوانَ لکي سگجن ٿا، پر اهي ديوانَ انساني گناهہ جيِ اِن ڪارَنَ کي ڪڏهن بہ ڌوئي نٿا سگهن، جيڪا هڪ انسان، ٻئي انسان کي جانورن جيان وڪڻي پنهنجي مُنهن تي مَلي آهي!

**خورشيد قائم خاني**

---

نوٽ: ليکڪ جي اجازت سان سندس ڪتاب "ڀٽڪندڙ نسل" تان هي مواد ڪتاب ۾ مهاڳ طور شامل ڪيو ويو آهي.

# ديباچو

ڳچ وقت اڳي آءٌ ڀائيندو هوس، تہ پنهنجن سنڌ جي ذات ڀائي شيدي ڀائرن جي دلسوز حالت رڳو منهنجي هنئين ۾ ڪنڊي وانگر چُڀي رهي آهي، پر جڏهن پياري ڀاءُ مسٽر غلام حسين صاحب (مرحوم) اسڪائوٽ ماستر رهندڙ ڪونڙي ۽ ميان محمد الياس الهڏني صاحب ميونسپل ڪائونسلر ماتليءَ جي سان تبادلهءِ خيال جو موقعو مليم، تڏهن پڪ ٿيم، تہ ساڳيو درد مون کان زياده انداز ۾ مٿين صاحبن جي دل کي آڳاتو ئي رحم بنائي رهيو آهي. هن ننڍڙي ڪتاب جو تيار ٿيڻ بہ انهن صاحبن جي زوردار فرمائش جي تعميل آهي. مٿين صاحبن جو قومي اصلاح لاءِ سچو جذبو ۽ همت معلوم ڪري مون کي گهڻي خوشي ٿي، ۽ هيءَ بہ تسلي ٿيم، تہ جيئن جيئن قومي خدمت جو دائرو ڪشادو ٿيندو ويندو ٿيئن ٿيئن انشاءَ الله تعاليٰ فريڊرڪ ڊگلاس ۽ پوڪر ٽي واشنگٽن جهڙا گهڻا دردمند ذات ڀائي پيدا پيا ٿيندا.

دو دل چونک شوند پشکنند کوه را

والله الموفق واليه التوفيق.

منهنجا ڪيترائي پيرسن عزيز جن مان ڪي ٻالپڻ جي وقت ۾ (جيئن منهنجو والد صاحب) ڪي جوانيءَ ۾ غلام بنجي سنڌ ۾ آيا هئا، جن مان ڪن غلاميءَ جا دلسوز عذاب پنهنجي جان تي سَنا هئا، ۽ ڪن اهي عذاب ٻين ذات ڀائي غلامن تي ٿيندي ڏٺا هئا، تن کان مليل حقيقتون ۽ ڪن انگريزي ڪتابن ۽ رسالن تان مواد گڏ ڪري هي ڪتاب تيار ڪيو اٿم.

گر قبول افتد زهي عز و شرف

محمد صديق "مسافر"

ٽنڊو باگو

7 ڊسمبر 1950ع

# حصو پهريون

غلاميءَ ۽ آزاديءَ جا عبرتناڪ نظارا

باب پهريون

# شيدين جي غلامي

## رباعي

انسان کي حيوان کو ليکي انسان،
ڇا؟ عقل تي تنهن شخص جي ٿورو ارمان،
دولت جي نشي ۾ تي ڇڏڻ رحم جي وات،
وڏ ان کان "مسافر" ٿي آنڌائي ٻي کانہ.

غلاميءَ جو رواج قديم زماني کان وٺي دنيا ۾ هلندو رهيو آهي. دنيا جي ڪيترين ئي قومن کي ڪنهن نہ ڪنهن زماني منجهہ غلاميءَ جي ذلت ۾ گذارڻو پيو آهي. اڻ آرين کي آرين، هندستانين، ترڪن ۽ پٺاڻن کي تاتارين ۽ انگريزن کي رومن ڪنهن سمي ۾ غلاميءَ جا عذاب چکايا هئا. جنگ ۾ جيتيل قوم جا ننڍيا وڏا ٻار ٻچا غلام بنائي پاڻ وٽ رکڻ يا خريد وڪري ۾ ڪتب آڻڻ جو تہ رواج دنيا جي سيني قومن ۾ عام هوندو هو. هر هڪ قوم جا داستان تاريخن ۾ موجود آهن، پر هت اسان کي فقط شيدين جي غلاميءَ جو دردناڪ احوال لکڻو آهي.

مصر ۽ مصر ساڻ لاڳو اترئين پٽيءَ کان سواءِ ٻيو سارو آفريڪا کنڊ شيدين جو قديم ۽ قدرت کان مليل آستان هو ۽ آهي. شيدين کي غلام ڪري وڪڻڻ جي شروعات مصر ۽ عربستان جي سوداگرن عيسوي سن کان بہ اڳ ڪئي هئي. حضرت موسيٰ عليہ السلام جڏهن مصر جي بادشاهہ فرعون وٽ خدائي پيغام کڻي ويو هو، تڏهن هو پنهنجي ايمان جي سگهہ ۽ خدائي مدد سان فرعون کي ماٺ ڪري پنهنجا ذات ڀائي (بني اسرائيل، جي ٻارن ٻچن سميت) جي مصرين وٽ غلام هئا، تن سيني کي غلاميءَ کان ڇڏائي، مصر مان ڪڍي ويو.

مصرين ان وقت کان پوءِ بني اسرائيل غلامن جي عيوض شيدين کي غلام ڪري ڪم آڻڻ شروع ڪيو ۽ تنهن کان پوءِ عربن.

شيدين جي غلاميءَ مان مصرين ۽ عربن کي هي مکيه فائدا هئا:

1. جيئن گڏهن، گهوڙن ۽ ٻين جانورن جي واپار مان سودو پئسو ڪمائيندا هئا، تيئن شيدين جي وڪري مان به انهن کي پئسو پيدا ٿيندو هو. جانورن جي خريد ڪرڻ تي خرچ سرس ٿيندو هون ۽ شيدين جي هٿ ڪرڻ ۾ خرچ بلڪل ٿورو ٿيندو هو.
2. جو ماڻهو غلام خريد ڪري پاڻ وٽ رکندو هو سو نوڪر چاڪر رکڻ جي خرچ کان هميشه لاءِ ڇُٽي پوندو هو.
3. دوا فروش سوداگر، هڪڙي نهايت قيمتي دوا شيدين جي جسم مان پيدا ڪندا هئا.
4. جنگ جي ميدان ۾ سپاهي بنائي مهڙ ۾ وڙهائڻ لاءِ شيدي خريد ڪيا ويندا هئا.
5. جنگ جي ميدان ۾ سپاهين جي ٿهل ٽڪور ۽ ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ شيدي ڪم ايندا هئا.

انهن سوداگرن کي شيدي ڪيئن هٿ ايندا هئا؟ آفريڪا ۾ گهڻيون ئي ذاتيون آهن، جن جو هڪبئي سان جهيڙو جهتو لڳو ئي پيو هوندو هو. جڏهن هڪڙيءَ ذات وارا ٻيءَ ذات وارن سان وڙهندا هئا، تڏهن کٽندڙ ڌر هارائيندڙ ڌر جا سڀ ٻار ٻچا گرفتار ڪري، سمنڊ جي ڪناري تي وٺيو ايندا هئا. مصري ۽ عرب سوداگر جي اتي تنبو هڻيو بيڙا تيار رکيو بيٺا هوندا هئا، سي ٿورڙي رقم ڏيئي، اهو گرفتار ٽيل ڪٽڪ غورابن ۾ چاڙهي، روانو ٿي ويندا هئا.

سوداگرن کي شيدين هٿ ڪرڻ جو ٻيو هيءُ به رستو هوندو هو جو ڪناري جي ويجهو رهندڙن ٻالن ٻولن شيدين کي ڪاڏي پيتي جون لذيذ شيون ڏيو انهن جو ڀپ پيچندا هئا. جڏهن هو هاٺا ماٺا تي ڪاڏي پيتي جي لالچ تي ٻارن ٻچن سميت اچيو غورابن ۾ چڙهندا هئا، تڏهن سوداگر اوچتو غوراب ڇوڙيو هليا ويندا هئا.

ٽيون رستو هيءُ هوندو هو جو جڏهن ڪنهن شيدي سردار کي عرب سوداگر ڪنهن دل وڻندڙ شيءِ تي لالچائيندا هئا ۽ ان شيءِ جي

عيوض ڪانئس غلام گهرندا هئا. تڏهن هو ڇا ڪندو هو جو ڪنهن نہ ڪنهن ڪتنب جي ڪن ماڻهن تي الزام رکندو هو تہ اوهان منهنجن فلاڻن فلاڻن ماڻهن تي جادو ڪيو آهي. تهمت رکيل ماڻهو پاڻ کي انهيءَ الزام کان بي ڏوهہ ثابت ڪرڻ لاءِ سندن رواج موجب سردار جي روبرو زهر جو پيالو پيئندا هئا. جيڪڏهن ڪوبہ انهن مان زهر جي وگهي مري پوندو هو تہ پوءِ انهن کي ڪوڙو ۽ ڏوهي سمجهيو ويندو هو ۽ سندن سڀ ننڍا وڏا ٻاتي ان سردار جي هٿان عرب سوداگر کي وڪجي ملندا هئا.

بعضي بعضي، عرب سوداگر بندوقن ۽ هٿيارن جو زور ڏيکاري زبردستيءَ سان بہ شيدين کي غورابن ۾ چاڙهيو ويندا هئا.

غورابن ۾ غلامن کي ڳوٺين وانگر سٿيندا هئا. جنهن ڪري ڪئين مريو پوندا هئا ۽ ڪئين بيمار ٿيو پوندا هئا. اڪرڻ وقت اهي سنگدل سوداگر بيمار غلامن کي مرٽينگ حالت ۾ سمنڊ ۾ يا ڪنارن تي ڦٽو ڪري ڇڏيندا هئا. وچ سمنڊ ۾ غورابن کي تڪليف پهچڻ ڪري، جيڪڏهن بار جي هلڪائي ڪرڻي هوندي هئي، تہ سون جي تعداد ۾ جيئرا جاڳندا غلام سمنڊ ۾ ڦٽا ڪيا ويندا هئا.

اها غلاميءَ ۾ گرفتار ٿيڻ جي جيڪا صورت بيان ڪئي وئي آهي، سا سڀ آفريڪا جي ايرندي ڪناري ۽ ان سان تعلق رکندڙ ٻاڳن ۾ رهندڙ شيدين بابت آهي. ساري ايشيا کنڊ ۾ شيدين جو جيڪو وڪرو هلندو هو سو سڀ عرب سوداگرن جي هٿان. سنڌ ۾ بہ جيڪي شيدي وڪجي آيا، سي عربن ۽ پٺاڻن آندا.

پوڙها پوڙها شيدي، آزاديءَ جي زماني ۾ ڏٺا هئاسون، جن کان غلاميءَ جي تڪليفن جون ڳالهيون ٻڌيو لڳن کي سياڪر وٺيو ويندي هئي، سي سڀ گهڻو ڪري چوندا هئا، تہ اسين چنگٻار کان آندل آهيون. چنگٻار آفريڪا جو اهو ٻاڱو آهي، جنهن کي اڄ ڪلهہ جي جاگرافيءَ ۾ زنجبار سڏيو وڃي ٿو.

يورپي قومن گهڻو زمانو پوءِ شيدين جو واپار هٿ ۾ ڪنيو. عيسوي پندرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ پورچوگيزن کي "زنجبار" ۽ ان سان تعلق رکندڙ ٻيٽ هٿ آيا. انهن اُتي پليون زمينون ڏسي ڪمند ۽ اناج جون پوکون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ ڪارخانا کوليا. پورچوگال ۾ تہ

ايترا ڏڳا ۽ وهٽ هٿائي ڪين، جي انهن جي اجهاڳ نوآبادين جي زمين کيڙين، رجائن ۽ بار بوجو کڻن، تنهن ڪري انهن لوڀي پورچوگيزن اتي جي اصلوڪن پالن ۽ پولن رهاڪن (ريڊ انڊين) کي غلام بنائي، انهن کان ڏورن ڏڳن وارو ڪم وٺڻ شروع ڪيو. اهي آمريڪن ويچارا ڏبرا هئا، تنهن ڪري سندن گهڻو تعداد ڪم جي سختيءَ ۽ پورچوگيزن جي بي رحميءَ ڪري جلد جلد مري ويندو هو.

عرب پنهنجي اوج جي زماني ۾ پورچوگال سان لڳو لڳ اسپين ۾ حڪومت ڪري چڪا هئا. تنهن ڪري پورچوگيزن کي عربن وٽ ڏٺلن مضبوط شيدي غلامن جي يادگيري دل تي تري آئي. پورچوگيزن پوءِ هڪدم آفريڪا جي الهندي ڪناري جي ڪن پاڱن تي اچي قبضو ڪيو ۽ شيدي غلام هٿ ڪرڻ شروع ڪيائون. پورچوگيزن کان پوءِ ٻيون بہ جيڪي يورپي قومون آمريڪا ۾ يا ٻئي هنڌ نيون نيون، نوآباديون هٿ ڪندي آيون، سي پنهنجين ٻنين ۽ ڪارخانن ۾ ڏورن ڏڳن بدران سپ ڪم شيدي غلامن کان وٺنديون رهيون.

يورپي سوداگرن، شيدين هٿ ڪرڻ لاءِ اهي ساڳيا رستا هٿ ڪيا، جي ايرندي ڪناري تي عرب سوداگر ڪم آڻيندا هئا. يورپين وڏيڪ هي رستا بہ ورتا. جو رات جو بيگاهہ وقت بہ بندوقون ۽ بارود کنيو شيدين جي ڪنهن ڳوٺڙي تي حملو ڪندا هئا. ڪي شيدي مقابلي ۾ مريو ويندا هئا، باقي سيني ننڍين وڏن ۽ ٻارن ٻچن کي گرفتار ڪري آڻي جهازن ۾ سٿيندا هئا. بعضي رات جو بيگاهہ وقت ۾ شيدين جي ٻن چئن ويجهن ويجهن ڳوٺڙن کي باهيون ڏيندا هئا. ويچارا ڳوپ انسان مٺي ننڊ مان ڇرڪ ڀريو اٿندا هئا ۽ پنهنجا ٻار ٻچا ڪڍيو سيڪو پنهنجو پنهنجو منهن وٺيو ڳوٺ کان ٻاهر ڀڄي نڪرڻ جي پريشانيءَ ۾ هوندو هو تہ ان حالت ۾ انهن کي ٻارن ٻچن سميت گرفتار ڪريو وڃيو جهازن جا جهاز ڀريندا هئا.

يورپي واپارين عيسوي سن 1517ع ۾ شيدين جو واپار شروع ڪيو. اهڙي تہ واپار جي چاتي اچي لڳين، جو 1680ع ۽ 1700ع جي وچ ۾ (ويهن ورهين جي عرصي ۾) تي لک شيدي ۽ 1700ع ۽ 1786ع جي وچ ۾ فقط جميڪا ٻيٽ ۾ ڇهہ لک ڏهہ هزار شيدي آندا ويا.

ڪناري ڪان ڏورانهن پرڳڻن مان جڏهن گرفتار ٿيل شيدين جا قافلا پيرين پيادا جهازن تائين آڻيندا هئا، تڏهن ساري رستي جي چپي چپي تي شيدين جا لاشا نظر ايندا هئا. ڪي پنڌ جي ٿڪ سبب، ڪي اڃ ۽ بک جي وگهي ۽ ڪي مقابلي جي صورت ۾ گولين سان ماريل هوندا هئا. جهازن ۾ انهن شيدين سان به اهڙيون ئي سخت تڪليفون ۽ بي رحميون ٿينديون هيون، جهڙيون ايرندي ڪناري وارن بي ڏوهن شيدين سان.

جهڙيءَ طرح اڄڪلهه ٻڪرين جا سوداگر ٻڪرين جا ڌڻ وٺيو ڪنهن وڏي شهر جي مارڪيٽ ۾ اچيو ويهندا آهن ۽ ڪاسائي خريدار هر هڪ ٻڪريءَ ڪي جاچي پوءِ ملهه ڏيندا آهن، تيئن هر هڪ وڏي شهر جي مارڪيٽ ۾ گگدام شيدين جا ڌڻ آڻيو ويهاريندا هئا. هر هڪ ڪي فقط اگهاڙ ڍڪڻ جيترو چوتو ڍڪائيندا هئا، ٻيو سمورو بدن ننگو رکندا هئا، پوءِ پل ڪيتري به سردي پيئي وسندي هجي. خريدار جاچيندو تپاسيندو هو ته متان ڪٿ ڦرڙي هجيس يا منڊو ٽنڊو هجي. خريد ڪرڻ ڪان پوءِ خريدار وس وارو هوندو هو. چاهي ڍور وانگي ڇهبڪ هٽي وهائيس، چاهي اقٽ ماري ڇڏيس، ته به دنيا ۾ ڪو سندس دانهن ٻڌڻ وارو هوندو هو نڪو ڪو فرياد ڪرڻ وارو.

قيامت جي عذاب ۾ به رحم جون اميدون رهنديون آهن، پر ويچارن شيدين اهڙي قيامت ڪاٽي آهي، جنهن ۾ رحم جون دريون سڀ مٿن بند هيون! الله اڪبر!

باب ٻيو

## شيدين جي آزاديءَ جي تاريخ

دل رحم سندي روح سان جن جي روشن،
رب روح رکيا نيڪ جنهن جا منجهه تن،
تن ڏور ۽ انسان ۾ ڪيو فرق پڌرو
انسان سي، جن واهه ”مسافر“ نه وطن.

اول اول خدا تعاليٰ جي جنهن پياري نيڪ انسان شيدي غلامن جي حالت تي رحم ڪيو ۽ انهن جي آزادگيءَ لاءِ خلق کي هدايت ڪئي، سي باني اسلام حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن هئا. ايشيا کنڊ ۾ شيدي غلامن جي واپار جي واڳ عرب سوداگرن جي هٿ ۾ هئي، تنهن ڪري خدا تعاليٰ عربستان منجهان ئي غلامن جي همدرديءَ جو هوڪو ڏيارڻ فرمايو.

قرآن شريف ۾ بي رحم ۽ مغرور دولتمندن کي هدايت ڪندي فرمايل آهي، ته ”اهو سچ آهي، ته اسان انسان کي پورهئي ۽ محنت خاطر خليفو ڪيو آهي. (مغرور دولتمند) انسان ائين ٿو ڀانئي ڇا، ته ٻي ڪابه طاقت مٿس غالب پوڻي نه آهي؟ هو فخر سان چوي ٿو ته آءٌ پنهنجن خواهشن پورين ڪرڻ لاءِ روپين جا ڍير خرچيو سگهان ٿو. هو ائين ٿو سمجهي ڇا، ته سندس ڪرتوت به ڪنهن طاقت جي نظر ۾ آهن؟ ان کي به اکيون، زبان ۽ چپ نه ڏنا اٿئون ڇا؟ ان جي اڳيان نيڪيءَ ۽ بديءَ جا ٻئي رستا ظاهر ڪري ڇڏيا اٿئون، تنهن هوندي به هو پاڻ کي آخرت جي عذاب ڀريل اوڙاهه کان ڇڏائي نه سگهيو آهي! توکي خبر آهي، ته آخرت جي عذاب ڀريل اوڙاهه کان پاڻ ڇڏائڻ جو وسيلو ڪهڙو آهي؟ غلام آزاد ڪري ڇڏڻ، ڏڪار جي وقت ۾ عزيز

يتيمن ۽ ڪنگال مسڪينن کي کارائي پياري ڏيڻ ڪرائڻ، اهو آهي آخرت جي عذاب پريل اوڙاهہ کان ڇٽڻ جو رستو. جيڪي ايمان وارا انسان آهن، سي صبر ڪرڻ ۽ رحم برڪت پريا پلارا انسان (سورة البلد پاره عم). قرآن شريف ڪهڙي نہ عجب ۽ اثرائتي پيرايہ ۾ غلامن جي آزادگيءَ جي هدايت ڏني آهي.

ڪلام الله شريف ۾ بئي هنڌ فرمايل آهي: "جيڪي سلڇڻا غلام ۽ ٻانهيون هجن، تن جون پاڻ ۾ شرعي دستور موجب شاديون ڪرايو. جيڪڏهن اهي ڪنگال هوندا، تہ الله تعاليٰ انهن کي ثمر وارو بنائيندو. الله تعاليٰ ڪشادو گذران بخشيندڙ ۽ سڀ حال ڄاڻندڙ آهي". جيڪي غلام پنهنجي ملهہ وارا پئسا آزادگيءَ سان پورهيو ڪري، يا خيرات طور حاصل ڪري اوهان کي ڏيڻ لاءِ انجام نامون لکي ڏين، تن جا اهڙا انجام ناما قبول ڪريو. اوهان کي الله تعاليٰ جيڪا دولت ۽ مايا بخشي آهي، تنهن مان اهڙن انجام ناما لکي ڏيندڙن غلامن کي چڱي خيرات ڏيو تہ هو پاڻ کي جلد ئي آزاد بنائي سگهن" (سورة النور پاره قدالفلح). عربستان ۾ شاهوڪار ماڻهو غريب ماڻهن کان اهڙو ڇڊا رهندا هئا، جو ڪنهن شاهوڪار سان هلندي رستي رڳو پنهنجو ڪلهو يا ڪپڙو ڇُهائي، سگهي. انهيءَ مان سمجهي سگهبو هو تہ غريب غلامن سان دولتمندن جو ڪهڙو ورتاءُ هوندو! پر جڏهن ڪان ڪلام الله شريف ۾ حڪم ٿيو تہ "اي انسانو اسان اوهان سيني کي هڪڙي مرد ۽ هڪڙيءَ زال مان پيدا ڪيو آهي، اوهان جون قومون ۽ قبيلا انهيءَ لاءِ بنايا اٿئون، تہ هڪٻئي کي سهولت سان سڃاڻي سگهو مگر الله تعاليٰ وٽ سچ پچ اوهان مان اهو ئي پلارو انسان آهي، جو خدا تعاليٰ جو خوف وڏيڪ رکندڙ آهي" (سورة الحجراة پاره حم). انهيءَ وقت کان وٺي غريب مسلمان غلام وڏن اميرن سان ڪلهو ڪلهي ۾ لائي عبادت ڪريو سگهندا هئا. مجلسن ۾ اميرن سان ساڳئي فرش تي ويهي سگهندا هئا.

حضرت پيغمبر ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن پنهنجي روزمره جي وهنوار ۾ غريب غلامن تي رحم ڪرڻ ۽ انهن سان همدردي قائم رکڻ لاءِ ڪيتريون ئي حديثون ارشاد ڪرڻ فرمايائون، مثلاً:

(1) حضرت ابوذر غفاري رضہ چوي ٿو تہ حضرت محمد ﷺ جن فرمائيندا هئا تہ الله تعاليٰ اوهان جي ڀائرن، يعني اوهان جهڙن انسانن کي اوهان جي وس ۾ قبضي ۾ آندو آهي. اوهان مان جنهن وٽ بہ پاڻ جهڙو ماڻهو غلام هجي، تنهن کي کپي، تہ جهڙو پاڻ کائي پيئي، تهڙو غلام کي کارائي پيئاري ۽ جهڙيءَ طرح پنهنجو بدن ڪپڙن سان ڍڪي، تهڙيءَ طرح غلام کي ڪپڙا ڍڪائي، ۽ غلامن کان اهڙو ڪم نہ وٺي، جو ان جي بدني طاقت کان ٻاهر هجي (صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم).

(2) ابو مسعود انصاري چوي ٿو تہ مون پنهنجي هڪ غلام کي مار پئي ڏني، تہ پٺيان آواز آيو تہ "اي ابو مسعود، جيتريقدر تون هن غلام تي غالب آهين، تنهن کان گهڻو وڌيڪ خدا تعاليٰ توتي غالب آهي." ايترو ٻڌندي ئي جان ڪڍي پٺيان نهاريان تہ خود حضرت نبي سڳورا ﷺ جن اها هڪل ڪندا مون ڏي پيا اچن. مون ادب سان عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ مون هن غلام کي آزاد ڪيو تنهن تي پاڻ فرمايائون، تہ اي ابو مسعود، جيڪڏهن ائين نہ ڪرين ها، تہ دوزخ جي باهہ ۾ سڙندو پوئين ها. (صحيح مسلم)

(3) حضرت ابوذر رضہ چوي ٿو، تہ حضرت جن فرمائيندا هئا، تہ توهان جا جيڪي غلام ۽ ٻانهيون فرمانبردار هجن، تن کي پاڻ جهڙو کارايو پيئاريو ۽ پاڻ جهڙو هنڍرايو پر جيڪي فرمانبردار نہ هجن، تن کي ايذاءُ نہ ڏيو ڪڍي وڪڻي ڇڏيو. ڇو تہ الله تعاليٰ جي ٻي پهچ مخلوق کي تڪليف ڏيڻ نٿي جڳائي (مشڪوات شريف).

(4) حضرت ابو سعيد خدري رضہ چوي ٿو تہ حضرت ﷺ جن فرمائيندا هئا، تہ ڪنهن غلام کي مار ڏيڻ جي وقت جيڪڏهن ان جي واتان الله تعاليٰ جو نالو نڪري، تہ هڪدم پنهنجا هٿ روڪيو. (ترمذي)

حضرت نبي سڳورا ﷺ جن غلامن سان همدردي ۽ رحم ڪرڻ لاءِ ٻين کي تہ تاڪيد ڪندا هئا، پر پاڻ عملي همدردي ۽ رحم بہ ڪري ڏيکاريندا هئا. پنهنجن غلامن کي آزاد ڪري، انهن سان پنهنجي اولاد ۽ ڀائرن وانگر هلت ڪندا هئا. حضرت زيد بن حارث کي، جو سندن غلام هو آزاد ڪري پنهنجو ُپٽيلو ڪيائون ۽ ان سان پنهنجي سڳي ڦڦات بيبي زينب بنت جحش رضہ جو نڪاح ڪيائون. ان زيد رضہ

ڪي جنگ موتہ جي وقت اسلامي لشڪر جو سپہ سالار بنايو هئائون، جنهن جي هٿ ۾ سيني اميرزادن عربن سپاهي تي ڪم ڪيو. حضرت زيد جي نوجوان پٽ اسامہ رضہ کي جنگ ابني جي فوج جو سپهہ سالار بنايو هئائون، جنهن جي سپہ سالاري حضرت ابوبڪر صديق رضہ بہ پنهنجي خلافت جي وقت ۾ قائم رکي هئي.

حضرت نبي سڳوري ﷺ جن جي قيمتي هدايتن ۽ عملي ڪارروائين جو نتيجو هيءُ ٿيو جو هنن ڏنڊو ڇڏي ڏنو ۽ هزارين مسلمان شاهوڪار آخرت جي ثواب خاطر پنهنجا زرخريد ٻانها بنا عيوض آزاد ڪرڻ لڳا. ڪيترائي دولتمند ماڻهو ڪن ٻانهن کي مالڪن وٽ تڪليفن ۾ ڏسندا هئا، تہ پئسا ڀريو انهن کي آزاد ڪرائي ڇڏيندا هئا. جن وٽ غلام هوندا هئا، سي بہ پنهنجن غلامن سان انسانيت جوڳيون هلتون ڪندا هئا. جيئن جيئن اسلام ويو ٿي دنيا ۾ پکڙندو تيئن تيئن غلامن جي آزادگيءَ ۽ همدرديءَ جو مٿيون سلسلو بہ ويو ٿي ڪشادو ٿيندو.

انسان ذات سان عالمگير همدرديءَ جو سبق، جو اسلام سيکاريو هو سو پوءِ ڪن شاعرن بہ جدا جدا نمونن ۾ عمديءَ طرح عالم آشڪار ڪيو. جيئن تہ:

الناس من جهة التمثال آكفاءِ
ابو هم آدم والام حواءِ

يعني: جنس جي ڪري سيئي انسان هڪجهڙا آهن، ڇاڪاڻ جو سيني جو پيءُ آهي حضرت آدم ؑ ۽ ماءُ آهي بيبي حوا رضہ

بہ نسب آدميا نيڪ تغا خرور زند،
از ره دانش و انصاف چہ دور افتادند،
نرسد فخر کي راز نسب بردگري،
چونڪہ دراصل زيڪ آدم و حوا زادند.
(ڪاشفي)

يعني: جيڪي ماڻهو پنهنجي حسب نسب تي فخر ڪن ٿا، سي ڏاهپ ۽ انصاف جي واٽ کان ڪيترو نہ پري وڃي پيا آهن! ڪنهن بہ

انسان کي ڪنهن پئي تي حسب نسب جي ڪري فخر ڪرڻ نه جڳائي، ڇاڪاڻ جو بنياد ۾ سڀ انسان ساڳي هڪڙي حضرت آدم ؑ ۽ بيبي حوا رضه مان پيدا ٿيا آهن.

بني آدم اعضاءِ يکديگرند.
ڪه در آفرينش زيک جوهرند.
چون عضوي بدرد آورد روز گار
دگر عضو هارا نماند قرار.
(سعدي)

يعني: سيئي ماڻهو هڪٻئي جا عضوا آهن، ڇاڪاڻ جو پيدائش جي ڪري ساڳي ٻج منجهان آهن. جڏهن ڪنهن عضوي کي زماني جي ٺوڪر سبب ايذاءُ پهچندو آهي، تڏهن ٻين عضون کي به آرام نه ايندو آهي.

بشنو ز من نڪتئہ اي زنده دل،
و ز پس مرگم به نيڪي ياد ڪن،
که بلطف آزادئه بنده مساز
که به احسان بندئه آزاد ڪن.
(ڪاشفي)

يعني: اي سجاڳ دل وارا انسان! هيءَ منهنجي ڳالهه دل سان هنڊاءِ، اميد ته مون کي منهنجي مرڻ کان پوءِ به نيڪيءَ سان ياد ڪندين. اها ڳالهه هيءَ آهي ته ڪنهن وقت رحمدلي آڻي ڪنهن به آزاديءَ جي حقدار کي غلام نه بناءِ ۽ ڪڏهن احسان ڪم آڻي، ڪنهن غلام کي آزاد ڪر.

ايشيا ۾ گذاريندڙ پرديسي شيدي غلامن لاءِ اسلام نهايت اعليٰ درجي جو رحم ۽ همدردي پيدا ڪري وڌي، مگر آمريڪا وارن مظلوم شيدي غلامن تان غلاميءَ جي عذابن تارڻ ۽ ساري دنيا مان غلامن جي واپار جي پاڙ پٽي ڪيڻ جو شرف ۽ جس خدا تعاليٰ آخر انگريزن کي نصيب ڪيو.

يورپي واپارين شيدي غلامن جو واپار 1517ع ۾ شروع ڪيو تنهن کان اڍائي سؤ کن ورهيه پوءِ انگليند ۾ غلامن جي آزاديءَ جي تحريڪ شروع ٿي. انگريز زميندار ۽ واپاري، جي آمريڪا ۾ گذاريندا هئا، سي پنهنجي وطن انگليند ۾ ايندا هئا، ته پنهنجا شيدي غلام به پاڻ سان آڻيندا هئا، اتي اهي شاهوڪار پنهنجي غلامن سان ڪهڙي به هلت ڪندا هئا، ته ڪو پڇڻ ڳاڇڻ وارو ڪونه هوندو هو.

1710ع ۾ هڪڙي انگريز شاهوڪار پنهنجي شيدي غلام کي سخت مار ڏيئي، اڌ مئو ڪري، لنڊن جي ڪنهن گهٽيءَ ۾ ڪٽي ڦٽو ڪيو هو.

## الف: مسٽر گرينويل شارپ

مسٽر گرينويل شارپ نالي هڪڙو رحمدل صاحب لوڪ، جنهن جو ڀاءُ وڏو ڊاڪٽر هو تنهن هن بيواهي غلام کي مرڻيڱ حالت ۾ ڏسي ڏاڍو ارمان ڪيو ۽ ان کي کڻائي، پنهنجي ڀاءُ جي اسپتال ۾ وڃي رهايائين، ۽ بيڪس مريض سان هر طرح همدردي ڪيائين. جڏهن اهو غلام، جنهن جو نالو جوناٿن مسٽرانگ هو چڱو ڀلو ۽ ٺلهو متارو ٿيو تڏهن لنڊن جي شهر ۾ آزادگيءَ سان پورهيو مزدوري ڪريو گهمندو ڦرندو وتندو هو.

ٻن ورهين کان پوءِ مسٽرانگ کي سندس اصلوڪي مالڪ لنڊن جي ڪنهن چوڪ ۾ ڏسي ورتو ۽ ان کي اتي جو اتي پڪڙي ٽيهن پائونڊن (ساڍن چئن سون روپين) ۾ وڪڻي ڇڏيو. جيستائين کو جهاز ويسٽ انڊيز ڏانهن روانو ٿئي، تيستائين مسٽرانگ کي سندس نئين خريدار فنڊ ۾ رکايو. اها خبر مسٽر گرينويل شارپ کي پئجي ويئي، تنهن هڪدم لنڊن جي لارڊ ميئر کي اطلاع ڏنو جنهن حڪم ڪيو ته مسٽرانگ کي لنڊن شهر ۾ وارنٽ کان سواءِ گرفتار ڪيو ويو آهي، تنهن ڪري ان کي هڪدم آزاد ڪيو وڃي.* مسٽرانگ آزاد ته ٿيو پر انهيءَ ڳالهه تان مسٽرانگ جي نئين خريدار ۽ مسٽر گرينويل شارپ جي وچ ۾ وڏو قانوني تڪرار ٿي پيو جنهن ۾ مسٽر گرينويل شارپ سوڀارو ٿيو ۽ مسٽرانگ کي لنڊن ۾ هميشه لاءِ آزادگي ملي ويئي.

مسٽر گرينويل شارپ پهريون نيڪ دل ۽ خدا ترس انگريز هو جو بي واهي غلامن جي مددگاريءَ لاءِ لنڊن ۾ نڪري نروار ٿيو.

مسٽر گرينويل شارپ، جوڏن مسٽر انگ جي ڪيس ڪان پوءِ غلامن جي پنيرائيءَ جي ڪمن ۾ دل و جان سان جنبي ويو ان وقت عام ماڻهن جو خيال اهو هو تہ جيڪو ماڻهو هيڪر غلام ٿيو سو ڪڏهن بہ آزاد ٿي نٿو سگهي. مسٽر گرينويل شارپ ان وقت جي وڏن وڏن وڪيلن ٿئلباٽ ۽ يارڪ وغيره سان صلاح مصلحت ڪئي، پر ڪوبہ وڪيل ساڻس همخيال نہ ٿيو. پوءِ تہ پاڻ کي وڪيل بنائڻ شروع ڪيائين.

مسٽر گرينويل شارپ پيا ڪم ڇڏي اول انگلينڊ جا سڀ جهونا ۽ نوان قاعدا اٿلايا. پن ورهين جي اڀياس ڪان پوءِ هن هڪڙو عام پڌرنامو ڪڍيو جنهن ۾ ڏيکاريائين، تہ "ڏٺي سڳوري جا شڪرانا. جو اهڙو ڪوبہ انگريزي قانون ڪونهي، جنهن موجب انسان ذات کي غلام بنائڻ انصاف ۾ داخل هجي."

تنهن ڪان پوءِ هن هڪڙو ڪتاب لکيو جنهن جو نالو رکيائين "انگلينڊ ۾ هالو چالو غلاميءَ بابت بي انصافي". انهيءَ ڪتاب ۾ موجود وڪيلن تي ڏاڍا چوهہ چنڊيائين. ڪتاب جون ڪاپيون سيني وڪيلن ۽ اخبارن جي ايڊيٽرن ۽ عام ۽ خاص ماڻهن ۾ ورهايائين. ڪتاب جي اشاعت ڪان پوءِ سڄي انگلينڊ ۾ غلامن جي حالت تي ڌيان ڏيڻ هڪڙو نئون ويچار جوڳو مسئلو پيدا ٿي پيو مسٽر گرينويل شارپ کي، جتي ڪٿي بيڪس غلامن جو يار سڏڻ لڳا.

پوءِ مسٽر گرينويل شارپ قيدخانن ۽ غريب آباد محلن ۾ ويندو هو ۽ بندرن تي بيٺل جهازن ۾ چڙهي، انهن جون ڪوٺيون جاچيندو هو: ڪٿي بہ ڪو بيواهي شيدي غلام نظر ايندو هوس، تہ ان کي ڪورٽ جي معرفت آزاد ڪرائيندو هو.

هڪڙي زبردست انگريز واپاريءَ پنهنجي شيدي غلام سمرسيٽ سان لنڊن ۾ ڏاڍي بي رحميءَ جهڙي حالت ڪئي، چاڪاڻ جو هو جميڪا ڏانهن موٽي هلڻ ڪان پڙ ڪيڏي بيٺو هو. شاهوڪار ماڻهو چا ڪيو جو سمرسيٽ کي چوڪنيو ٻڌي، جميڪا ڏي ويندڙ جهاز جي ڪوٺيءَ ۾ ڪٺي بند ڪيائين. مسٽر گرينويل شارپ جهاز ڇٽڻ ڪان

اڳي اتي اچي پهتو. گهڻي ڇڙٻول کان پوءِ سمرسيٽ کي جهاز تان لاٿو ويو ۽ ڪيس ڪورٽ ۾ رجوع ٿيو. سخت ڇنڊڇاڻ کان پوءِ نيٺ ٻارهن ججن گڏجي، يڪراءِ فيصلو ڪيو ته جيڪو به غلام انگلينڊ جي ڪناري تي پير رکندو سو آزاد آهي. 1722ع ۾ اهو فيصلو انگلينڊ ۾ مستقل قانون بڻجي ويو.

هن سوڀ مسٽر گرينول شارپ جي همت ۾ هڪڙو نئون روح ڦوڪي ڇڏيو. هو هاڻ انگلينڊ کان ٻاهر ٻي واهه غلامن جي تدارڪ ڪرڻ جي فڪر ۾ رهيو.

مسٽر گرينويل شارپ اول پوري پني پونجيءَ وارو ماڻهو هو پر پوءِ سندس دولتمند مائٽن جي موٽن ڪري، ڪيس ورثي ۾ جام ملڪيتون هٿ اينديون وييون، جن مان هو ڪشادي دل سان ٻي پشت غلامن جي واهر ڪندو رهيو.

هينئر مسٽر گرينويل شارپ سان ڪيترائي تعليم يافته ۽ هلنديءَ پڄنديءَ وارا نيڪ دل مرد ۽ خدا ترس عورتون اچي شريڪ ٿيون، جن ۾ مسٽر ٿامس ڪلارڪسن، وليم ولبر فورس ۽ سر ٿامس فائوويل بڪسٽن نهايت جفاڪش ۽ سرفروش ثابت ٿيا.

1783ع ۾ ڀهرين ڀهرين ”اٽنٽي سليوري ڪميٽي ٺهي، جنهن ملڪ جي عام راءِ کي پنهنجي طرف ڪرڻ ۾ گهڻو وقت ۽ محنت ڪتب آندي. مسٽر گرينول شارپ 1813ع ۾ ٺيهتر ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي. وفات وقت روح کي نهايت تسلي ۽خوشي هجيس، جو جنهن ڪم لاءِ پاڻ يڪي سر پيو لڙائي ڪندو هو تنهن ڪم جي سر انجام ڪرڻ لاءِ نهايت ڪارگر همراهه پنهنجي آس پاس موجود ڏٺائين.

## ب: ٿامس ڪلارڪسن صاحب

ٿامس ڪلارڪسن، ڪيمبرج علائقي جي وزبيچ ڳوٺ ۾ 1760ع ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ وزبيچ جي فري گرامر اسڪول جو هيڊ ماستر هو. جڏهن ٿامس ڪلارڪسن ڪيمبرج جي سينٽ جانسن ڪاليج ۾ بي اي پڙهندو هو تڏهن ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر پئڪرڊ شاگردن کي هڪڙو انعامي مضمون لڏن ٻوليءَ ۾ لکڻ

لاءِ ڏنو جنهن جي هيڊنگ (عنوان) هئي: ”ڪنهن به انسان کي سندس مرضيءَ خلاف غلام بنائڻ درست آهي ڇا؟“

تامس ڪلارڪسن، پنهنجي مضمون تيار ڪرڻ ۾ هين سيني شاگردن کان وڌيڪ محنت ڪئي، ۽ غلاميءَ بابت گهڻائي جهونا ۽ نوان ليک مطالعو ڪيائين. سندس مضمون پهريون نمبر پاس ٿيو جو هن يونيورسٽيءَ جي سينيٽ ۾ پڙهيو ۽ انعام حاصل ڪيائين.

ان وقت کان وٺي غلاميءَ جي تدارڪ جي اڻ ترڻ نوجوان تامس ڪلارڪسن لاءِ هڪڙي روح رهاڻ بنجي آئي. هي ان وقت پنجويهن ورهين جو هو. هو لنڊن ۾ آيو ۽ پنهنجو لئٽن ٻوليءَ وارو مضمون انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. ڪلارڪسن جي مضمون ڏاڍي مقبوليت حاصل ڪئي، ۽ ”ائنٽي سليوري ڪميٽي“ جي ميمبرن ڪلارڪسن صاحب کي پنهنجين اکين جو تارو ڪٽي بنايو.

ڪلارڪسن جي شامل ٿيڻ کان پوءِ مسٽر گرينويل شارپ 1788ع ۾ ”ائنٽي سليوري ڪميٽي“ کي وري نئين سر ڪشادي پئماني تي برپا ڪيو. ڪلارڪسن صاحب، انهيءَ ڪميٽيءَ جو روح روان بنجي پيو ۽ وليم ولبر فورس پارليامينٽ جو ميمبر هئڻ ڪري ڪميٽيءَ جي جهاز کي گويا هڪڙو هوشيار ڪپتان هٿ اچي ويو.

ڪلارڪسن صاحب، اڳيئي غلامن جي واپار جا تفصيل هٿ ڪرڻ ۾ رڌل هو. جيڪو جيڪو انگريزي واپاري يا سياح آفريڪا کان يا ويسٽ انڊيز کان ايندو هو تنهن کان حقيقتون وٺندو هو. جيڪي جهاز غلامن جي واپار ۾ لڳل هوندا هئا، تن تي چڙهي، اهي نامناسب ڪوٺڙيون وڃي جاچيندو هو جن ۾ غلامن کي سٿيندا هئا، هن مکيه مکيه بندر وڃي ڏٺا، جي غلام وڪرو ڪندڙ جهازن جون استيشنون هيون. سٽن سالن ۾ ڪلارڪسن صاحب پنجويهه ميل مسافري ڪئي.

اتي غلامن جي واپارين جا به ڪيات ڪليا، انهن ۾ بي آرامي پيدا ٿيڻ لڳي، ڪلارڪسن صاحب تي ڪئين تهمتون رکيائيون، سندس حياتي وٺڻ لاءِ مخالفن ڪوششون ڪيون، پر ”رکي رب، ته ماري ڪير؟“ هوڏانهن وري وليم ولبر فورس پارليامينٽ ۾ غلامن بابت همدردي پيدا ڪرڻ لاءِ حشر مچائي ڏنو.

1807ع ۾ غلامن جي واپار بند ڪرڻ لاءِ پارليامينٽ ۾ پيش ٿيل

بل حڪومت منظور ڪيو پر بل جي پوري تعميل لاءِ پيا ٻه ويهه جهڳڙا پيا هليا.

ڪلارڪسن صاحب هڪڙو ڪتاب "غلام فروشي بند ٿيڻ جي ضرورت بابت خيالات" نالي لکيو جنهن ۾ ثابت ڪيائين، ته "غلام فروشي عيسائي مذهب ۽ انگلينڊ جي قانون جي برخلاف آهي، غلام فروشي جهڙي غلامن جي حق ۾، تهڙي غلام فروشن جي باب ۾ نقصانڪار آهي، آزادگي سڀ ڪنهن انسان جو ڄائي ڄم جو حق آهي."

دنيا مان غلام فروشيءَ جي پاڙ پٽڻ لاءِ 1840ع ۾ جيڪا "اينٽي سليوري ڪنوينشن" لنڊن ۾ گڏ ٿي هئي، تنهن جو پريزيڊنٽ ٿامس ڪلارڪسن کي ڪيو هئائون، اتي ان صاحب پنهنجي صدارتي تقرير ۾ چيو ته "آءٌ سچائيءَ سان چئي سگهان ٿو ته منهنجي بدني طاقت وڃي ٿي جلد جلد پوئتي پوندي، پر منهنجي دل هن ايڪاسي ورهين جي ڄمار ۾ هن خير جي ڪم لاءِ اهڙي ئي گرم جوشيءَ سان ٽڙپي رهي آهي، جهڙي گرم جوشيءَ سان چوويهن ورهين جي ڄمار ۾ پي ٽڙپي، جڏهن ته مون هن پاڪ ڪم ۾ قدم رکڻ شروع ڪيو هو. آءٌ ايمانداريءَ سان هيترو وڌيڪ به چوان ٿو ته جيڪڏهن مون کي نئين حياتي ملي پوي ته اها به جيڪر هن ڪم ۾ صرف ڪريان."

ڪلارڪسن صاحب لڳو لڳ ٽيٽاليهه ورهيه غلام فروشيءَ کي بند ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. 1846ع ۾ ستاسي ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائين.

## ث: وليم ولبر فورس

وليم ولبر فورس، انگلينڊ جي هل شهر ۾ 1759ع ۾ ڄائو هو. هيءُ هڪڙي شاهوڪار ماڻهوءَ جو پٽ هو. ننڍي هوندي بدن ۾ نازڪ ۽ نفيس هوندو هو. زبان جو وري اهڙو فصيح هوندو هو جو ستن ورهين جي عمر ۾ جڏهن هل جي گرامر اسڪول ۾ پڙهندو هو تڏهن ماستر ميز تي چاڙهي ويهاريندو هوس ۽ ساري ڪلاس کي حڪم ڏيندو هو ته جيئن ولبر فورس ٿو پڙهي، اوهين سڀ ان جي پٺيان ائين پڙهڻ جي ڪوشش ڪريو.

وليم ولبر فورس نون ورهين جي عمر جو هو ته پڻس گذاري ويو.

پوءِ هو پنهنجي چاچي وٽ لنڊن جي پرسان اچي رهيو. سندس چاچي نهايت ديندار زال هئي، تنهن ولبر فورس کي مذهبي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو. ولبر فورس، بائيبل اهڙي مني سُر سان پڙهندو هو جو ٻڌندڙ جي روح کي راحت پيئي ايندي هئي. ڳالهائڻ ۽ ڳائڻ جو ميناج خدا تعاليٰ جائي ڄم کان وليم فورس کي کو ذات طور بخشيو هو.

ولبر فورس جڏهن چوڏهن ورهين جو هو تڏهن هن اخبار ۾ هڪڙو دلچسپ مضمون "انساني ماس جي ڌڪار جوڳي واپار بابت شڪايتون" لکيو جو غلامن جي واپار ڪندڙن لاءِ گويا هڪڙو تکو تير هو."

سترهن ورهين جي عمر ۾ ولبر فورس، ڪيمبرج ڪاليج ۾ داخل ٿيو اتي جي سندس هم ڪلاس دوستن مان هڪڙو وليم پٽ به هو جنهن سان مرڻ گهڙيءَ تائين دوستي قائم رهيس. وليم، پارليامينٽ جو هڪڙو زنده دل ۽ زبردست ميمبر هو جنهن جون ڪارروايون انگلينڊ جي تاريخ ۾ مشهور آهن.

ولبر فورس ايڪيهن ورهين جي عمر ۾ ڪاليج ڇڏيو.هو. 1780ع ۾ هل شهر جي طرفان پارليامينٽ جو ميمبر چونڊيو ۽ 1789ع ۾ انگلينڊ جي شاندار علائقي يارڪ شائر جي طرفان پارليامينٽ جو ميمبر ٿيو. ان وقت سندس دوست مسٽر گيول شارپ سان "ائنٽي سليوري ڪميٽيءَ" ۾ اچي شريڪ ٿيا.

1789ع ۾ وليم ولبر فورس، غلام فروشي بند ڪرڻ لاءِ پارليامينٽ ۾ بل پيش ڪيو. غلام فروشيءَ جا طرفدار ميمبر به پوريءَ طاقت سان ولبر فورس جي بل کي پارليامينٽ مان ڌڪڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا. انهيءَ بل جو نتيجو فقط هيءُ ٿيو جو جهازن ۾ غلامن ڪڻڻ جو اندازو مقرر ٿيو ۽ غلامن مان جيڪي آزاد هئا، تن مان ڪن آزارن کي سزا جوڳو ڏوهه ٺهرايو ويو.

گرينول شارپ، ٿامس ڪلارڪسن، وليم ولبر فورس ۽ ٿامس فائوويل بڪستن توڙي سندس جماعتن جي طرفان جدا جدا جاين تي ڪيل تقريرن، اخباري مضمونن ۽ رسالن ساري انگلينڊ جو عام رايو پنهنجي طرف ڪري وڌو پر جيڪا مشڪلات هئي، سا اها، ته آمريڪا جي زميندارن ۽ ڪارخانيدارن جي هٿان شيدي غلام نڪري ويا، ته انهن کي جو ڪروڙن روپين جو نقصان پوندو سو ڪير ڀريندو.

ان وقت نامور انگريز شاعر ڪوپر، وليم ولبر فورس جي نيڪي ۽ سندس مخالفن جي مال مستي هن طرح ٿو بيان ڪري:

"The Country, Wilberforce with just disdain, Hears thee by cruel men and impious called Fanatic, for the zeal to loose the enthralled From exile, public. Sale and slavery's chain"

يعني "اي وليم فورس، تون ڏتڙيل انسان کي ديس نيڪالي عام وڪري ۽ غلاميءَ جي زنجيرن کان آزاد ڪرڻ لاءِ جفاڪشي ڪري رهيو آهين، تنهن ڪري ڪي بي رحم ۽ بدنيت ماڻهو توکي چريو چريو چئي رهيا آهن، تنهن چوڻ کي، تنهنجو سارو وطن سخت ڌڪار سان سٺي رهيو آهي.

1807ع ۾ جيڪو بل پارليامينٽ ۾ وليم ولبز فورس جي ڪوشش سان پاس ٿيو تنهن ۾ ڊيڪاريل هو ته "آئينده ڪوبه انگريز قوم جو ماڻهو غلامن جي خريد فروخت ڪري نه سگهندو ۽ انگريز حڪومت ۾ ڪٿي به غلامن جي خريد فروخت ڪرڻ، ڳري سزا جوڳو ڏوهه آهي."

ائنٽي سليوري ڪميٽيءَ جي ميمبرن، اها جس جوڳي سوڀ ڪئي، پر وليم ولبر فورس ۽ ان جي نيڪ دل پرجوش همراهن جي دل کي اڃا آرام نه هو. هنن جي مرضي هئي، ته جيڪي غلام آمريڪا ۾ جدا جدا يورپي قومن جي حوالي آهن، سي سڀ آزاد ڪيا وڃن ۽ آئينده ساري دنيا مان غلامن جو واپار بند ٿي وڃي.

رباعي: جي چاڻو پلي مائن آن کي مرد،
دک پين جي دل آن جي ۾ پيدا ڪيو دردا
احسان سندو اجر ڪيو الله قبول،
جنت جا "مسافر" اوهين لائق سڀ فرد.

1823ع ۾ وليم ولبر ورس وري نئين سر "ائنٽي سليوري سوسائٽي" اڳئين کان وڌيڪ ڪشادي پئماني تي برپا ڪئي. 1824ع ۾ ولبر فورس پارليامينٽ ۾ ويسٽ انڊيز وارن غلامن جي حالت تي هڪڙي دلسوز تقرير ڪئي. 1829ع ۾ لنڊن ۾ هڪڙو شاهي جلسو ائنٽي سليوري سوسائٽيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ ٿيو جنهن جو پريزيڊنٽ وليم ولبر فورس هو. انهيءَ جلسي جو نتيجو هيءَ ٿيو جو انگلينڊ ويهه ملين (ٻه ڪروڙ) اسٽرلنگ، يعني ٽيهه ڪروڙ روپيا ڏيڻ قبول ڪيا، ته اهي آمريڪا جي زميندارن ۽ ڪارخانيدارن کي سندن نقصان جي عيوض ڏيئي، شيدي غلام آزاد ڪرايا وڃن.

وليم ولبر فورس تاريخ 29 جولاءِ 1833ع ۾ چوهتر ورهين جي عمر ۾ بائبل پڙهندي وصال ڪيو. ولبر فورس جي ذمي جو سمورو ڪم هاڻي ٿامس فائوويل بڪسٽن پنهنجي هٿن ۾ ڪنيو.

## ج: سر ٿامس فائوويل بڪسٽن صاحب

ٿامس فائوويل بڪسٽن، اسيڪس علائقي ۾ 1786ع ۾ ڄائو هو. ننڍي هوندي هيءَ شڪار ڪرڻ ۽ ٻين راندين روندين جو شوقين هوندو هو. سترَ ورهين جي ڄمار ۾ جڏهن هو ڊبلن جي ٽرنٽي ڪاليج ۾ داخل ٿيو. تڏهن ٻين شاگردن کي پاڻ کان گهٽ ڏسي، هن کي ازخود پڙهڻ جو زبردست چاهه اچي جاڳيو. پوءِ ته اهڙو ڪوبه انعام، پلو سرٽيفڪيٽ ۽ آفرين نامو ڪونه هو جو بڪسٽن، ڪاليج ۾ حاصل نه ڪيو هجي. ڪاليج ڇڏڻ کان پوءِ هو پنهنجي چاچي سان گڏ واپار جي ڌنڌي ۾ لڳو. هو جلد ئي ويمائوٿ علائقي جي طرفان پارليامينٽ جو ميمبر ٿيو.

1828ع ۾ وليم ولبر فورس، سر ٿامس فائويل بڪسٽن کي پنهنجو همراهه بنايو. ان وقت کان وٺي بڪسٽن صاحب "اينٽي سليوري سوسائٽيءَ" جو هڪڙو نهايت جوشيلو ۽ ڪارگر مددگار ٿي پيو. هن صاحب جي جفاڪشيءَ سان ئي غلام فروشيءَ جو سوال پوريءَ طرح ڪاميابيءَ سان حل ٿي ويو.

اينٽي سليوري سوسائٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ بعد ٿامس فائوويل بڪسٽن، ديول ۾ وڃي هي مناجات ڪئي هئي:

اي قادر مطلق ڌڻي، غلام فروشيءَ جي سوال حل ڪرڻ ۾ مون سان پنهنجي همراهي بخش، ۽ ڪامل پنيرائي شامل ڪر. پنهنجي روشن رخ جو سوجهرو مون تي پلٽاءِ. مون کي سنئين سڌي رستي وڃڻ جي ڏاهپ بخش ۽ ان تي ثابت قدم رهڻ جي همت ۽ پنهنجي ڪم جي بجا آوريءَ جي سگهه عطا ڪج. زبردست ۽ سنگدل ماڻهن جا هينئان اهڙا ميڻ ڪج، جو اهي اهڙي بي پهچ انسانن جي مدد لاءِ نمي اچن، جن ويچارن جا بدن ۽ روح غلاميءَ جي زنجيرن ۾ پيا آهن.

بڪسٽن صاحب کي اها ئي اڻ ترڻ هئي، ته اهو ڏينهن شل جلد ئي

اچي، جو لکيا غلام هڪدم آزاد انسان بنجي پون. آمريڪا جي زميندارن، ڪارخانيدارن ۽ غلام فروشن جي طرفان بڪسٽن صاحب سان اهڙيون سخت مخالفتون ٿيون، جو ڪو وقت گورنمينٽ سندس ڳالهہ ٿي نہ ٻڌي. ڪيترائي اخبارن جا ايڊيٽر، بڪسٽن جا طرفدار ٿي بيٺا. جن لڳو لڳ مضمون لکڻ سان پارليامينٽ کي تاٽي ڪنيو ۽ هوڏانهن بڪسٽن بہ جدا جدا شهرن ۾ ميٽنگن جي ڌم مچائي ڏني. آخر متي بيان ڪيل 1829ع واري شاهي جلسي کان پوءِ آمريڪا وارن شيدي غلامن کي صفا آزاد ڪرڻ جو سوال پارليامينٽ ۾ آيو ۽ چئن ورهين جي موٽ سوٽ کان پوءِ 1833ع ۾ پارليامينٽ ٺهراءُ پاس ڪيو تہ ويهہ ملين (ٻہ ڪروڙ) اسٽرلنگ انگلينڊ جي سرڪار منظور ڪري ٿي. اهي آمريڪا جي زميندارن ۽ ڪارخانيدارن کي حصا رسد ڏجن. آئينده لاءِ ڪنهن بہ زميندار ۽ ڪارخانيدار وٽ ڪو شيدي غلاميءَ جي حالت ۾ نظر آيو تہ ان کي قاعدي جو ڏوهاري ٺهرايو ويندو.

ساري آمريڪا ۾ ان سان لاڳو پيٽن ۾ جتي جتي انگريز قوم جي هلندي هئي، اتي اشتهار گهمي ويا، تہ "تاريخ پهرئين آگسٽ 1833ع شيدي غلامن جي آزادگيءَ جو ڏينهن ٺهرايو ويو آهي، تنهن ڪري تاريخ 31 جولاءِ 1834ع رات جي 12 بجي جي اندر سڀ ڪنهن کي پنهنجا غلام آزاد ڪري ڇڏڻا آهن."

تاريخ پهرين آگسٽ 1834ع آزاد ٿيل شيدين لاءِ اهڙو خوشيءَ جو ڏينهن هو جنهن جهڙو سندن ابن ڏاڏن پنهنجي وطن ۾ بہ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو هوندو. مناسب ائين آهي، تہ دنيا ۾ جتي جتي اڄڪلهہ شيدي آزاديءَ جي حالت ۾ آهن، اتي انهن کي سال بسال آگسٽ جي پهرئين تاريخ قومي خوشيءَ جو ڏينهن ڪري ملهائڻ گهرجي.

انگلينڊ جي پارليامينٽ غلامن جي آزادگيءَ بابت 1833ع ۾ جيڪو قاعدو پاس ڪيو هو تنهن کي پنهنجي پنهنجي حڪومت ۽ نوآبادين ۾ عمل ۾ آڻڻ لاءِ فرانس، جرمني، رشيا ۽ ڪن ٻين يورپي حڪومتن بہ 1841ع ۾ لنڊن ۾ هڪڙي عهدنامي تي صحيحون وڌيون.

انهيءَ کان پوءِ ڪنهن بہ يورپي ڪمپنيءَ جو جهاز آفريڪا جي ڪنهن ڪناري تان غلام کڻي نہ سگهندو هو ۽ ڪوبہ غوراب يا ٻيڙو

غلام ڪٺي اهڙي پيٽ يا بندر وٽان لنگهي ڪين سگهندو هو جنهن پيٽ يا بندر تي ڪنهن به يورپي قوم جو اقتدار هوندو هو.

ايشيا کنڊ جي جنهن جنهن علائقي ۾ واپار يا حڪومت سانگي ڪابه يورپي قوم دخيلڪار ٿيندي آئي، تنهن علائقي مان اڳيان آيل غلام آزاد ٿيندا ويا. سنڌ ۾ شيدي غلامن جي عام آزادي 1843ع ۾ ٿي، جڏهن سنڌ جو ملڪ انگريزن فتح ڪيو.

انهيءَ طرح سان غلامن جي خريد فروخت جو رواج اڄڪلهه ساري دنيا مان نڪري ويو آهي.

سر ٿامس فائوويل بڪسٽن پاران انسانن جون اڻ ٿڪ ڪوششون هن اعليٰ درجي جي عام خير جهڙي ڪم ۾ اتي ئي بيهي ڪين رهيون، پر اڃا به استقلال سان اڳيرو وڪ وڌائيندڙيون رهيون. "اينٽي سليوري سوسائٽي" جي ميمبرن هاڻي ارادو ڪيو ته پالا پولا غريب شيدي، جي ڪروڙن جي تعداد ۾ اڃا آفريڪا ۾ رهندڙ آهن، تن کي تهذيب ۽ تعليم سان سڌارجي. آمريڪا ۾ جي جدا جدا يورپي قومن جون نوآباديون آهن، جن مان ڪي پنهنجي وطني سرڪار سان ڏوريءَ ۾ ٻڌل آهن ۽ ڪي خودمختيار آهن، تن سڀني مان شيدي غلام آزاد ڪرائجن ۽ انهن کي به تهذيب ۽ تعليم ڏيئي سڌارجي.

انهيءَ مقصد جي برصوابيءَ لاءِ سر ٿامس فائوويل بڪسٽن ۽ ان جي دوستن 1840ع ۾ لنڊن ۾ هڪڙو ڪشادي پئماني تي شاهي جلسو ڪيو جنهن جو پريزيڊنٽ نيڪ شهزادو پرنس آلبرٽ (مهاراڻي وڪٽوريا مرحومه جو پيءُ يعني شهنشاهه جارج پنجين جو ڏاڏو) هو. انهيءَ جلسي جو ترت نتيجو اهو ٿيو جو يورپ جون سڀ طاقتمند حڪومتون انگريزن سان غريب شيدين جي آزادگي ۽ سڌاري جي مسئلي ۾ هڪ ٻئي پٺيان متفق راءِ ٿينديون آيون. جدا جدا يورپي قومن آفريڪا جي ڪنارن ۽ وچ ملڪ ۾ وچي ٻڌنڪون ڪيون، ۽ اڀوجهه شيدين کي تهذيب ۽ تعليم سان سڌارڻ جو سلسلو قائم رکيائون. هوڏانهن وري آمريڪا ۾ شيدين جي آزاديءَ کي مڪمل ڪرڻ، انهن کي تهذيب ۽ تعليم سان سڌارڻ ۽ ڪين ضروري حق حقوق وٺائي ڏيڻ لاءِ قيمتي ڪوششون جاري رهيون ("ايمينينٽ فرينڊس آو مئن" تان).

## باب ٽيون

# آمريڪا وارن شيدين جي مڪمل آزادي ۽ سڌارو

### 1. غلاميءَ جي وقت جي حالت

ايشيا وارن شيدي غلامن سان اسلام جيڪا رعايت ۽ رواداري مضبوطيءَ سان قائم ڪري ڇڏي هئي، جنهن جو بيان مٿي ڏنو ويو آهي، سا آمريڪا وارن شيدي غلامن ڪي حاصل نہ هئي. ايشيا ۾ غلامن جا مالڪ غلامن ۾ پاڻ جون شرعي دستور موجب شاديون ڪرائيندا هئا، ۽ پاڻ کي جيڪو شرعي يا غير شرعي اولاد ٿيندو هو، سو هو پاڻ نپائيندا هئا، ۽ سندن ئي حوالي رهندو هو مگر آمريڪا ۾ غلامن ۾ پاڻ جي شادين ڪرائڻ جو ڪنهن کي خيال بہ ڪونہ ايندو هو. جنهن ڪي جتي وجهہ لڳندو هو سو اتي ڏنگهرن تي اٿو هاريو هليو ويندو هو. ٻار ڄڻڻ کان پوءِ ٻار سان ماءُ جو ڪوبہ واسطو رکڻ نہ ڏيندا هئا. پاسن آڄن ڪرڻ کان پوءِ ماءُ مٿو ۽ ڇيلهہ ٻڌيو وڃيو ٻنين ۽ ڪارخانن ۾ جانورن وانگر رهندي هئي ۽ سندس ٻار ڪنهن ٻئي مقرر جاءِ تي موڪليو ويندو هو جتي ان جو نيپاج ڪنهن ڏاڙئين ٻانهي يا دائيءَ جي ذمي رهندو هو. جڏهن ٻار ڇهن ستن ورهين جو ٿيندو هو تڏهن ان کي سندس مالڪ ڊوڙ ڊڪ جهڙي ڪم ۾ اهڙيءَ طرح بي رحميءَ سان وهائيندا هئا، جهڙيءَ طرح وڏن غلامن کي. هڪڙي هنڌ جا ڇاول ٻار ٻئي هنڌ ڪم ۾ لڳايا ويندا هئا، ٻئي هنڌ جا ڇاول ٻار وري ٽئين هنڌ ڪم ۾ لڳايا ويندا هئا. ڪنهن بہ شيدي ٻار کي اها خبر ئي ڪانہ هوندي هئي، تہ سندس پيءُ ڪير آهي ۽ ماءُ ڪهڙي آهي، اهڙي ڪا خوش نصيب ماءُ ورلي هوندي هئي، جنهن کي سندس ڏٽيءَ طرفان پنهنجي پيٽ ڄائي ٻار نپائڻ يا پاڻ سان رهائڻ جي اجازت هوندي هئي.

ڪنهن بہ ٻنيءَ يا ڪارخاني يا ڪاڻ تي ڏسبو هو تہ فجر کان وٺي شام تائين هڪڙي پاسي غلامن ۽ ٻانهن تي جلد ڪم ڪرڻ لاءِ چهبڪن جا وسڪارا پيا پوندا هئا، تہ ٻئي پاسي ٻارڙن جي مٿن تي گاهہ جون ڀريون، يا ان جون ڳوٿريون، يا پيو ڪو بار هوندو هو ۽ سندن ڊوڙ ڊڪ پيئي پوندي هئي. اچا ڪنهن ٻارڙي کان ڪو زيان يا ڪم ۾ ڍلائي ٿي نہ آهي، تہ مٿس چهبڪن جا مينهن وسيو ويندا هئا. هو گهڻي ئي ڪيڪون ڪندا هئا، پر ماءُ پيءُ موجود ڪين هوندا هئن، جي اهي چهبڪ بہ پنهنجي بدن تي وسارائي، ٻارڙن کي چهبڪن کان بچائي سگهن.

آرتوار ناتال ۽ ايسٽر جا ڏينهن شيدي غلامن کي سخت پورهئي کان ويساهين ملندي هئي، جنهن ۾ هو پنهنجي وطن جي وڇوڙي ۽ غلاميءَ جي عذابن جا دل ڳهائيندڙ راڳ ڳايو اندر ٺاريندا هئا. پيو خير صلاح مهر الله

## 2. آزاديءَ جي نعمت


ايشيا جي فيلسوف شيخ سعدي رح جو هي چوڻ بلڪل سچ آهي تہ:

نہ هرزن زن است نہ هر مرد مرد،
خدا پنج انگشت يڪسان نہ ڪرد.

معنيٰ: "نہ سڀڪا زال، زال سڏجڻ جي لائق آهي، نہ سيڪو مرد، مرد ڪوٺجڻ جي لائق آهي: خدا تعاليٰ پنج ئي آڱريون سرڪيون نہ بنايون آهن."

ساڳيون يورپين قومون، جي مذهب جي پابنديءَ ۽ تهذيب جون دعويدار رهيون، ۽ خدا تعاليٰ جي خلقيل ٻي پهچ انسانن سان مٿيون حيواني هلتون بہ پيون ڪنديون هيون، تن ۾ ئي ڪي اهڙا خدا ترس انسان پيدا ٿيا، جي پنهنجا سر ترِيءَ تي رکي، پنهنجو سک ۽ آرام ڦٽائي، شيدين جي گگدام قوم تان انهن انسانيت سوز آزارن دفع ڪرڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيا.

مسٽر گرينويل شارپ، ٿامس ڪلارڪسن، وليم ولبر فورس ۽ سر ٿامس فائوويل بڪسٽن پاران نيڪ مردن جون سرجوشيون ۽ ڪوششون، جي مٿي بيان ڪيون ويون آهن، سي رڳو انگلينڊ تائين محدود ڪين هيون، پر سندن "اينٽي سليوري سوسائٽي" جون شاخون



اتر آفريڪا جي غلام عورت



زنجيرن ۾ جڪڙيل زنجبار جا غلام



شيدي غلامن کي ڪنيي ڪٽي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي ڏور ڏيساور ڪنهن ملڪ ۾
وڪري لاءِ نيو پيو وڃي



درياءُن جي ڪنارن تي آباد مقامي آفريڪي، جن جو اڪثر سڏو تعلق يورپين سان اڪثر رهندو هيو اهي پنهنجي ملڪ جي اندرين علائقن ۾ وڃي مقامي ماڻهن کي غلام بڻائي ايندا هئا. اهي آفريڪي خاص طور جديد هٿيارن سان ليس ٿي پنهنجي مهمن تي نڪرندا هئا ۽ اُهي هٿيار انهن يورپي واپارين کان ئي حاصل ڪندا هئا.




غلامن کي اڪثر ڏورانهن علائقن مان غلام بڻائي، ندين جي وسيلي غلامن جي وڪري جي خاص بازارن ۾ پهچايو ويندو هيو جتان
ڪان انهن بدنصيب غلامن کي يورپي واپارين هَٿِ وڪرو ڪيو ويندو هو.



آفريڪا اندر مقامي طور تي ماڻهن کي غلام بڻائي، انهن کان ڪم ورتو ويندو هيو.




آفريڪي شيديءَ کي غلام طور خريدڻ لاءِ هڪ يورپي ڪيس جانچي رهيو آهي، جڏهن ته ٻيو يورپي، آفريڪا جي غلام وڪرو ڪندڙ ڪاروبارين سان ڳالهائي رهيو آهي.



آمريڪا جي هڪ غلام منڊيءَ ۾ هڪ غلام 'عورت' جي لڳندڙ ٻوليءَ جو منظر جنهن ۾ ڪيترن گورن جي اڳيان ٻولي هڻئين پئي وڃي



آفريڪا جي مختلف حصن مان ٻانڌي ٻڌايل ڪارا جن کي غلام ٺاهيو پيو وڃي.



TO BE SOLD on board the
Ship *Bance-Island*, on tuesday the 6th
of *May* next, at *Ashley-Ferry*; a choice
cargo of about 250 fine healthy

NEGROES,

just arrived from the
Windward & Rice Coast.
—The utmost care has
already been taken, and
shall be continued, to keep them free from
the least danger of being infected with the
SMALL-POX, no boat having been on
board, and all other communication with
people from *Charles-Town* prevented.

*Austin, Laurens, & Appleby.*

N. B. Full one Half of the above Negroes have had the
SMALL-POX in their own Country.


يورپ ۾ پهچندڙ غلامن جون نہ صرف وڪڻڻ لاءِ جانورن جيان ٻڙيون لڳايون وينديون هيون، پر اخبارن ذريعي اشتهار بہ ڏنا ويندا هئا. اهڙي ئي هڪ اشتهار جو ڏيک، جيڪو 1780ع ۾ ڇپيو ۽ اهو آمريڪا جي علائقي (South Carolina) ۾ غلامن جي وڪري بابت آهي



يورپي غلامن جي منڊيءَ ۾ غلامن جي لڳندڙ بوليءَ جو هڪ ڏيک



غلام ڍوئيندڙ جهازن ۾ سوَن جي تعداد ۾ غلامن کي سٽيو ويندو هيو جنهن جي ڪري غلامن جو موت پوسٽ ۾ ساهه گهٽجڻ جي ڪري واقع ٿيندو هو ان ڪري وقت به وقت غلامن کي جهاز جي ڊيڪ تي گهرايو ويندو هيو ته جيئن هو ورزش ڪري سگهن ته جيئن زنده رهن ۽ يورپين جي دل پڻ وندرائي سگهن.




غلام ڍوئيندڙ ٻيڙيءَ ۾ غلام مردن ۽ عورتن کي الڳ الڳ رکيو ويندو هو. هن تصوير ۾ جهاز جي ڊيڪ تي هيٺين حصي ۾ غلام مرد ويٺل آهن، جڏهن ته غلام عورتون ڊيڪ جي مٿئين حصي تي ستيل آهن.




غلامن کي مهينن جا مهينا باندي بڻائي ڪاٺن جُڳهين ۾ رکيو ويندو هيو ۽ يورپي خريدارن جو انتظار ڪيو ويندو هو. غلامن جا هٿ پير ڪاٺ جي ٿهيل هٿڪڙين سان ٻَڌا ويندا هيا ۽ سندن ڳچين يا وري وارن ۾ رسا وجهي، ڪين ڪنهن ٿنڀي سان ٻڌو ويندو هيو.



غلاميءَ لاءِ باندي بڻايل آفريڪي ڇوڪرا




غلام ڍوئيندڙ هڪ ٻيڙيءَ جو خاڪو



يوربيين، اوير آفريڪا جي ڪيترن هنڌن تي پنهنجا قلعا ناها هئا، جن کي اُنَ وقت 'فيڪٽريون' (Factories) چيو ويندو هيو اهي قلعا ئي غلامن جي ڪاروبار جون مستقل ڪاروباري پڙيون هوندا هيا.

آمريڪا جي جدا جدا هنڌن ۾ ڪم ڪري رهيون هيون، جي ساري ظلم خلاف بيداريءَ جا مرڪز هئا.

آمريڪا وارين ڪميٽين کي اتي جي عام همدردي هٿ ڪرڻ ۾ تمام گهٽيون مشڪلاتون آڏو آيون. انهيءَ جو سبب هيءُ هو جو آمريڪا جي وسيع ملڪ هٿ اچڻ کان پوءِ يورپ جي جدا جدا پاڳن ۾ جيڪي جيڪي قومون آمريڪا ۾ وڃي نوآباديون هٿ ڪري ويٺيون، سي پنهنجين نوآبادين جي اندروني انتظام ۾ پنهنجي پنهنجي وطني گورنمينٽ جي قاعدن قانونن سان ٻڌل نہ هيون، فقط ٻاهرئين اکرين جيڪڏهن انهن پنهنجي ديسي حڪومتن جو ادب تي ڪيو يا انهن کي ڪي محصول ۽ لوازما تي ڏنا تہ ديسي گورنمينٽ ايترو ئي ڪافي تي سمجهيو. اهو ادب ۽ لوازما بہ 1776ع تائين قائم رهيا. انهن حالتن هوندي بہ، لنڊن واري "ائنٽي سليوري سوسائٽي" جون شاخون آمريڪا ۾ ڦرڻ ڦرڻ تلاءَ جي مدنظر ڪنهن بہ نااميديءَ کان سواءِ پنهنجو ڪم ڪنديون رهيون.

## الف: جارج واشنگٽن

آمريڪا جي امير ماڻهن منجهان جنهن شخص اول اول شيدي غلامن جي دردناڪ حالت کي محسوس ڪيو سو جارج واشنگٽن يونائيٽيڊ اسٽيٽس جو پهريون پريزيڊنٽ هو.

جارج واشنگٽن جو پڙڏاڏو جان واشنگٽن شاهوڪار ماڻهو هو جو 1657ع ۾ انگلينڊ مان لڏي آمريڪا آيو جتي ورجينا علائقي جي ويسٽ مور ڪائونٽيءَ ۾ پوٽو مئڪ نديءَ جي ڪناري تي هزارين ايڪڙ زمين اچي خريد ڪيائين. جان واشنگٽن جي پوٽي آگسٽائن واشنگٽن کي ڏهہ ٻار هئا، جن مان پنجون نمبر ٻار جارج 22 فيبروريءَ تي ڄائو هو.

جيڪي انگريز ورجينا علائقي ۾ ٻئنڪون يا نوآباديون ڪري اچي وينا هئا، انهن سيني ۾ واشنگٽن خاندان معزز ۽ هلندي وارو هو. بينڪ ڪندڙن کي جڏهن جڏهن ڳاڙهن انڊين سان جنگ ڪرڻي پوندي هئي، تڏهن قومي لشڪر جا سپہ سالار گهڻو ڪري واشنگٽن خاندان مان ٿيندا هئا.

آمريڪا ۾ رهندڙ شاهوڪار انگريز پنهنجي اولاد کي ٿوري گهڻي تعليم اتي ڏياري، پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ انگلينڊ موڪليندا هئا، ڇو جو تن ڏينهن، آمريڪا ۾ قابل ماستر ملڻ مشڪل هوندا هئا. جارج واشنگٽن جا وڏا ڀائر تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ انگلينڊ روانا ٿي چڪا هئا، مگر پاڻ پنجن ورهين جي ڄمار ۾ اتي جي هڪڙي ننڍين ڪليل اسڪول ۾ پڙهڻ ويٺو.

اهو اسڪول هڪڙي پادريءَ اڇي ڪوليو جو ملٽري ڪاتي جو پينشنر هو، ڪنهن جنگ ۾ زخمي ٿي پوڻ ڪري ٽنگ کان منڊو هوندو هو. هن ۾ علمي لياقت پوري پني هوندي هئي، مگر اسڪول جو انتظام هن ملٽري نموني تي رکيو هو. ان کي اسڪول توڙي رهڻ سهڻ جي جاءِ بہ جارج واشنگٽن جي پيءُ ڏني هئي.

جارج واشنگٽن ننڍو ايماندر، چٽيڪار ۽ نهايت سلڇڻو ڇوڪر هوندو هو. اسڪول ۾ ماستر توڙي سڀ شاگرد سڏيندا ٿي هئس: ”سچ ڳالهائيندڙ جارج.“

جارج جڏهن ٻارهن ورهين جو هو ۽ اڃا آمريڪا ۾ تعليم پيو وٺندو هو تڏهن ان پنهنجي هڪڙي نوٽبڪ ۾ ڪي قاعدا ناهي لکي ڇڏيا هئا، جن موجب هو هلندو چلندو هو. ان نوٽبڪ تي نالو رکيائين: ”سنگت ۽ گفتگو جي فضيلت جا قاعدا“. ماستر توڙي جارج جي مائٽن کي جڏهن انهيءَ نوٽبڪ ڏسڻ جو موقعو مليو تڏهن انهن کي ڏاڍي خوشي ٿي.

جارج کي گهر ۾ پٽس ماٽس اخلاقي تعليم سان گڏ اسڪول جي سيني ڪمن ۾ اهڙي عمده تعليم ڏيندا هئا، جا جارج جي ماستر کي ڪڏهن خواب ۾ بہ نصيب ڪانہ ٿي ٿئي، انهيءَ ڪري جارج جهڙو سلڇڻائيءَ ۾ پهريون نمبر هو تهڙو اسڪول جي سيني ڪمن ۾.

جارج اڃا اسڪول ۾ پيو پڙهندو هو تہ پٽس وفات ڪئي. ماٽس، جا تمام شريف ۽ تعليم يافتہ خاتون هئي، تنهن جارج کي وري ٿورو پرڀرو ڪنهن وڏي اسڪول ۾ تعليم وٺڻ لاءِ موڪليو. هو موڪلن جا ڏينهن پنهنجي وڏي ڀاءُ لارينس واشنگٽن وٽ رهندو هو جو پنهنجي پيءُ جي ساري اسٽيٽ سنياليندڙ ۽ پنهنجي زمينداريءَ جي ڪنهن ٻئي ڳوٺ مائونٽ ورنن ۾ عيال سميت گذاريندو هو.

لارينس واشنگٽن ويسٽ انڊيز جي جنگ ۾ سرڪار جي طرفان ٻارهن مهينا ملٽري کاتي ۾ نهايت عمدي نوڪري ڏني هئي، تنهن ڪري سرڪار وٽ تمام گهڻي عزت هوندي هيس. هن وٽ ملٽري کاتي جا وڏا وڏا آفيسر هميشه ملاقات لاءِ پيا ايندا هئا. انهن جي رهاڻ ۽ گفتگو جارج واشنگٽن جي بهادر دل ۾ جنگي کاتي جي نوڪريءَ جو زبردست چاهه پيدا ڪري وڌو. هو سورهن ورهين جي ڄمار ۾ اسڪول ڇڏي جنگي کاتي ۾ وڃي داخل ٿيو.

جنگي کاتي ۾ جارج واشنگٽن اهڙي ناموري حاصل ڪئي، جو جڏهن يونائيٽيڊ اسٽيٽس وارين سيني رياستن ٻڌي ڪري پاڻ کي پنهنجي پنهنجي وطني گورنمينٽ جي زيرٻارين کان آجائي حاصل ڪرڻ لاءِ ديرپا جنگ هلائي، تڏهن سيني رياستن جي گڏيل لشڪر جو هو ڪمانڊر انچيف هو. جڏهن رياستن فتح حاصل ڪري يونائيٽيڊ اسٽيٽس وارو پنهنجو پڪو رعيتي راڄ بنايو تڏهن 1789ع ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جو پهريون پهريون پريزيڊنٽ بہ جارج واشنگٽن کي ئي چونڊيائون.

جارج واشنگٽن هڪڙو وڏو موروثي زميندار هو. سنديس زمينداريءَ ۾ هزارين شيدي غلام ڪم ڪندا هئا. تنهنڪري ننڍي هوندي کان ئي هو ڏسندو ايندو هو تہ شيدي غلامن سان ڪهڙيون ڪهڙيون بي رحميون پيون ٿيون. ڪانئس وڏا تي پائر وينا هئا، جنهن ڪري جارج واشنگٽن کي نڪو اسٽيٽ سنڀالڻ جو موقعو مليو نڪو غلامن جي لاءِ ڪو عملي قدم کڻي سگهيو.

جارج واشنگٽن پريزيڊنٽ ٿيڻ کان اڳي پنهنجي هڪڙي دوست جيمزسن کي هڪڙي خط ۾ لکيو هو تہ "........ مون کي ڪهڙيون حالتون بہ کڻي مجبور ڪنديون، تڏهن آءٌ اڳتي ڪوبہ غلام خريد نہ ڪندس. مون کي ڏاڍي اڻ تڻ آهي، تہ اهڙو ڪو ملڪي قاعدو پاس ٿي پوي، جنهن ڪري غلاميءَ جي رسم بند ٿي وڃي، ڇو جو ڪنهن ملڪي قاعدي قائم ٿيڻ ڏاران هن غلط رسم جي بند ٿيڻ جو ٻيو رستو ئي ڪونهي......"

رياستن جي آزاديءَ واري جنگ هلندي، جارج واشنگٽن جي هڪڙي دوست مسٽر لافايٽ هڪڙي اسٽيٽ (جاگير) خريد ڪئي،

انهيءَ ارادي سان، تہ ان اسٽيٽ (جاگير) ۾ جيڪي بہ شيدي غلام آهن، سي آزاد ڪري ڇڏجن، تنهن تي جارج واشنگٽن ان کي هڪڙي خط ۾ هن طرح لکيو:

"اسٽيٽ (جاگير)، خريد ڪري غلامن کي آزاد ڪرڻ جي ارادي ۾ توهان پنهنجي انسانيت پريل عمدي سخاوت ثابت ڪئي آهي. شال ڏٽي سڳورو اهڙو احساس هن ملڪ جي ماڻهن جي دلين ۾ عام طرح پيدا ڪري"

پريزيڊنٽ هئڻ جي وقت ۾ جارج واشنگٽن جي زال جي هڪڙي شيدڻ ٻانهي ڀڄي ويئي. زالس متس زور رکيو اها ٻانهي مون کي ڳولائي هٿ ڪري ڏيو. تنهن تي جارج واشنگٽن پنهنجي زال کي چيو تہ آءٌ، جو پنهنجي وطن جي آزاديءَ خاطر هيترين جنگين ڪري چڪو آهيان، سو ڪنهن ڀڳل غلام کي ڳولائي هٿ ڪري ان جي آزادگي کسڻ جائز نٿو سمجهان."

پريزيڊنٽ هئڻ جي وقت ۾ جارج واشنگٽن غلاميءَ جي رسم بند ڪرڻ بابت پارليامينٽ ۾ بہ پنهنجا رايا ظاهر ڪيا. پر رعيتي راڄ جي شروعات هئي، تنهن ڪري سرڪاري طرح هو غلاميءَ جي رسم کي بند ڪري نہ سگهيو.

جارج واشنگٽن وفات ڪرڻ وقت (ڊسمبر 1899ع ۾) جيڪا پنهنجي لکيل وصيت پڏري ڪئي، تنهن ۾ لکيل هو تہ "منهنجي مرڻ کان پوءِ جيڪي بہ شيدي غلام منهنجي ملڪيت آهن، سي سڀ آزاد ڪري ڇڏجن."

جارج واشنگٽن جي وفات کان پوءِ سندس وصيت موجب سندس سڀ غلام تہ آزاد ٿيا، پر ان مثال پٺيان سندس زال ۽ ٻين ڪيترن عزيزن ۽ دوستن بہ پنهنجا پنهنجا غلام آزاد ڪري ڇڏيا.

جارج واشنگٽن جيتوڻيڪ قاعدي روءِ غلاميءَ جي رسم بند ڪري نہ سگهيو تہ بہ سندس ظاهر ڪيل راين ۽ عملي همدردين ساري آمريڪا ۾ غلامن بابت عام همدرديءَ جي اثر کي ڪشادگيءَ سان پکڙجڻ ۾ گهڻي هٿي ڏيئي ڇڏي.

(ڊبليو- ايم ٿائر صاحب جي تصنيف "جارج واشنگٽن" تان)

## ب: وليم لائيڊ گئريسن

1823ع ۾ جڏهن انگلينڊ جي سرڪار غلامن جي آزاديءَ لاءِ عام اشتهار ڪيو ۽ غلامن جي مالڪن عيوض طور حصي رسد ورڇي ڏيڻ لاءِ ٻه ڪروڙ اسٽرلنگ ڏيڻ به منظور ڪيا، تڏهن اتر آمريڪا جي ڪئناڊا، يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي ڪن رياستن ۽ تعلق رکندڙ ٻيٽن ۾ جتي جتي انگلينڊ جي سڏيءَ طرح هلندي ۽ ميڄتا هئي، اتي شيدي غلام ۽ ٻانهيون عام طرح آزاد ٿي چڪا. انهيءَ آزاديءَ جي اعلان ڪان پوءِ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جون رياستون ٻن قسمن ۾ ٿي پيون: هڪڙيون اتر واريون رياستون، جن غلاميءَ جي رسم بند ڪري ڇڏي ۽ ٻيون ڏکڻ واريون رياستون، جن جو غلاميءَ جي رواج قائم رکڻ تي زور هو.

ساري آمريڪا مان غلاميءَ جي پاڙ پٽڻ لاءِ جيڪي آمريڪا جا خدا ترس ماڻهو "اينٽي سليوري سوسائٽي" ۾ سچي دل سان ڪم ڪندا رهيا، تن مان مان وليم لائيڊ گئريسن هڪڙو هو.

وليم لائيڊ گئريسن يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي اتر وارين رياستن مان ڪنهن رياست جي هڪڙي ڳوٺڙي ۾ 1804ع ۾ ڄائو هو. هو هڪڙي غريب ماڻهوءَ جو ٻار هو ۽ غربت سبب اسڪول ۾ ڪابه تعليم وٺي نه سگهيو اول هڪڙي موچيءَ وٽ ڪم سکڻ وڃي ويٺو ۽ پوءِ هڪڙي واڍي وٽ. ارڙهن ورهين جي ڄمار ۾ هو هڪڙي ڇاپخاني ۾ وڃي نوڪر ٿي ويٺو! اتي هو پنهنجي پيٽ قوت لاءِ ڪم به پيو ڪندو هو ۽ فرصت جي وقت لکڻ پڙهڻ به پيو سکندو هو. اتي هن کي تاريخي ڪتابن، جدا جدا نموني جي مضمونن ۽ تقريرون پڙهڻ جو سهڻو وجهه ملي ويو.

سٺي دماغ ۽ عمدي حوصلي سبب هو نوڪري ڪندي اهڙو هوشيار ٿي ويو جو جنهن ڇاپخاني ۾ هو نوڪر هو تنهن ۾ شايع ٿيندڙ اخبار توڙي ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ پنهنجا مضمون لکڻ لڳو. نيڪ نيتيءَ وارو درد ڀريو آواز هزارن جي ڪن پوندو گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ڪن ضرور هڪدم ڪڙا ٿيڻا آهن. انهيءَ ڪري لائيڊ گئريسن جا مضمون، جيڪي هن غلاميءَ جي رسم جي خلاف لکيا، تن آمريڪا واري "اينٽي سليوري سوسائٽي" جي ڪوشش ۾ هڪڙونئون روح ڦوڪڻ شروع ڪيو.

لائيڊ گئريسن پوءِ پريس جي نوڪري ڇڏي، بالٽي مور شهر ۾ جو

اچي ڪڍيائين. اتي مفلسيءَ سبب پاڻ ۽ سندس دوست اسحاق نيپ برابر ڏيڍ سال پنهنجي ڇاپخاني ۾ پٽ تي سمهندا هئا. ۽ تمام سادو ڪاج ڪائيندا هئا. فقط هڪڙو شيدي ڇوڪر سندن اڳيان نوڪر هو.

"لبريٽر" اخبار غلاميءَ جي رسم جي برخلاف اهڙو حشر مچائي ڏنو ۽ اتر آمريڪا ۾ ايتري همدردي پيدا ڪري وڌي، جو ڪيترين ڏاکڻين رياستن اشتهار ڪڍيا، تہ "لبريٽر" جي ايڊيٽر کي، جيڪو گرفتار ڪري ايندو تنهن کي پنج هزار ڊالر انعام ڏنا ويندا.

1845ع ۾ بوسٽن شهر ۾ تقرير ڪندي، وليم لائيم گئريسن کي ڪن ٻن ٻي ترسن اچي پڪڙيو ۽ نوڙي ڳچيءَ ۾ وجهي بازار مان گهلي وٺي قيد خاني ۾ وڌائونس.

وليم لائيڊ گئريسن انهيءَ قيد خاني جي پٽ تي اهي لفظ لکي ڇڏيا: وليم لائيڊ گئريسن کي وڏن دولتمند ماڻهن فقط ان گناهہ جي ڪري تاريخ 21 آڪٽوبر 1840ع سومر ڏينهن ٽيهريءَ جو قيد ۾ وجهايو آهي، جو هو ائين چوندو وتي ٿو تہ خدا جي مخلوق سڀ برابر آهي، ۽ خدا تعاليٰ کي پنهنجي مخلوق تي هر قسم جو ظلم ناپسند آهي."

وليم لائيڊ گئريسن ۽ ان جي دوستن جي ڪوشش ۾ پارليامينٽ ۾ (سينيٽ) جو ڪوبہ زبردست ميمبر ظاهر ظهور ڪونہ اٿيو. تنهن هوندي بہ، اتر وارين رياستن ۾ انهن ايترو اثر پڪيڙي ڇڏيو جو آخر اتر وارين رياستن کي ڏکڻ وارين رياستن سان غلام آزاد ڪرڻ لاءِ 1860ع ۾ سخت خونريز جنگ ڪرڻي پئي.

(اردو رسالہ عالمگير لاهور ماہ سيپٽمبر 1933ع تان)

## ت: ابراهام لنڪن

جنهن خدا ترس ۽ حق پسند هستيءَ جي هٿان خدا تعاليٰ ساريءَ آمريڪا مان غلاميءَ جي رسم کي پاڙئون پٽائي ڪڍيو سو هستي ابراهام لنڪن هو.

ابراهام لنڪن اتر آمريڪا جي ڪينٽڪي علائقي جي هارڊن ڪائونٽيءَ جي هڪڙيءَ وسيءَ ۾ تاريخ 12 فيبروري 1809ع ۾ ڄائو هو. سندس ڏاڏو انگلينڊ کان لڏي آمريڪا ۾ نوآبادگار ٿي اچي رهيو هو.

جنهن کي هر ڏينديءَ، ڪنهن ڳاڙهي انڊين ماڻهوءَ گولي هڻي خون ڪري ڇڏيو. ان وقت ابراهام لنڪن جو پيءُ ٿامس لنڪن ڇهن ورهين جي عمر جو هو. ٿامس لنڪن هڪڙو اڻ پڙهيل پورهيت واڍو هو. ابراهام لنڪن جي ماءُ نينسي هنڪس پڙهيو ڄاڻندي هئي، پر پنهنجي نالي لکڻ ڌاران ٻيو ڪجهه به لکيو ڪين سگهندي هئي. هوءَ بائبل گهڻو پڙهندي هئي.

جڏهن ابراهام لنڪن اٺن ورهين جو هو تڏهن ٿامس لنڪن هارڊن ڪائونٽيءَ مان لڏي انڊيئنا علائقي جي اسپينر ڪائونٽيءَ ۾ اچي رهيو هو جتي ابراهام پنهنجي پيءُ سان گڏ واڍڪو ڪم ڪندو هو. اسپينر ڪائونٽيءَ ۾ ٿامس لنڪن جي ڳوٺڙي کان اٺ ميل پري ڪنهن ماڻهوءَ هڪڙو اسڪول اچي کوليو جتي ابرهام لنڪن ۽ سندس ڀيڻ ساران روز فجر جو پڙهڻ ويندا هئا، ۽ شام جو موٽي گهر ايندا هئا.

ابراهام کي خدا تعاليٰ اعليٰ درجي جو حوصلو ڏنو هو ۽ سندس ماستر رڳو ڪو نالي جو ماستر هو سو جيڪي ماستر ڄاڻندو هو تنهن جي سکڻ ۾ ابراهام ويرم ئي ڪانه ڪئي، پوءِ وري به پيءُ سان واڍڪي ڪم ۾ اچي شريڪ ٿيو.

ابراهام جڏهن سورهن ورهين جو هو تڏهن ڇهه ڊالر ماهانه پگهار سان جيمس ٽائلر نالي هڪڙي شاهوڪار وٽ ٻيڙيءَ هلائڻ جي ڪم تي اچي نوڪر بيٺو. هو اڻ ورچ پورهيت هو. ٻيڙيءَ جي مرمت ڪرڻ، نئين ٺاهڻ ۽ کهڙي به ڏکئي تڙ تان ٻيڙي هلائڻ ۾ اهو سين واقفڪارن ۾ اول درجي جو هوشيار ليکبو هو. ان وقت سندس قد ڇهه فوٽ ۽ چار انچ هو.

ٿوري وقت کان پوءِ هو جونس نالي گوشت جي واپاريءَ وٽ ڪاسائڪي ڪم تي وڃي بيٺو. ڪاسائڪي ڪم ۾ اهڙي ڦڙتائي ۽ ايمانداري ڏيکاريائين، جو جونس جنهن تنهن سان ابراهام جي واکاڻ ڪندو هو.

جونس جي ڪارخاني ۾ ابراهام لنڪن کي لکڻ پڙهڻ جي وڌيڪ اڀياس ڪرڻ جو چڱو وجهه لڳي ويو. اتي هن کي فرئنڪلن ۽ هينري ڪلي جون سوانح عمريون به پڙهڻ لاءِ هٿ اچي ويون، ۽ روزمره جي اخبارن ۽ رسالن پڙهڻ جو چڱو موقعو ملي ويس، تنهن کان سواءِ جونس وٽ سندس دوست ملڪي حالتن بابت جيڪا سياسي گفتگو

ڪندا هئا، سا بہ نوڪر جي حيثيت ۾ هو ڏاڍي ڏيان سان پيو پڌندو هو.

جنوري 1830ع ۾ تامس لنڪن اسپينسر ڪائونٽيءَ مان لڏي الناٿن ۾ اچي رهيو هو جو موچارو سوچارو شهر هو اتي پنهنجي رهڻ جو گهر ابراهام لنڪن پنهنجي هٿن سان ٺاهيو هو.

آگسٽ 30 ضلعي جي مشيريءَ جي چونڊ اليناٿز ۾ ٿيڻي هئي، تنهن لاءِ پولنگ آفيسر ڪي ڪو ڪلارڪ کپندو هو. ابراهام لنڪن ٿوري وقت لاءِ پولنگ آفيس ۾ ڪلارڪ ٿي رهيو. ان وقت جنهن جلدائيءَ ۽ صفائيءَ سان هن ڪم ڪيو تنهن جو قلُ اهو مليس، جو پولنگ آفيسر پنهنجي ڪنهن عزيز جي گدام تي نيو سالم شهر ۾ ڪيس منشي ڪري رکايو.

گدام سان واسطيدار ماڻهن ۾ ابراهام پنهنجي خوش خلقيءَ سان پاڻ ڪي ڏاڍو پيارو بنايو. بدني زور آزمائي ۽ ڪم جي اورچائيءَ سبب ابراهام پنهنجي هم عمر نوجوانن ۾ برک ليکبو هو. نيو سالم جي گدام ۾ ڪم ڪندي، ابراهام لنڪن کي معلوم ٿيو تہ شيدي غلامن سان کهڙيون هلتون پيون ٿين.

ان وقت ڳاڙهن انڊين ماڻهن جي هڪڙي وڏي ٽولي مسيسپي ندي لنگهي اليناٿز پرڳڻي تي ڪاهيندي تي آئي، جن جي مراد هئي گوري چمڙيءَ وارن کي تڙي ڪيڻ، يا ناس ڪرڻ. اليناٿز جي گورنر کي والنٽيئرن جون چار پلٽڻيون کپنديون هيون. ابراهام لنڪن اها خبر ٻڌي، هڪدم اليناٿز ۾ آيو اول اول پنهنجو نالو اچي والنٽيئرن جي لسٽ ۾ لکايائين. ابراهام کي ڏسي، ٻهيرون جوانن جون، والنٽيئر ٿيڻ لاءِ اچي حاضر ٿيون. گورنر چئن ئي پلٽڻين جو ڪمانڊنگ آفيسر ابراهام لنڪن کي ڪيو.

ابراهام لنڪن پنهنجون پلٽڻيون وٺي ٻن مهينن جي جاکوڙ کان پوءِ ڳاڙهن انڊين ماڻهن کي مات ڪري سوڀ سان گورنر کي اچي سلام ڪيو. ان وقت کان وٺي سرڪاري عملدارن جون اکيون بہ ابراهام لنڪن ۾ کتيون، ۽ سيڪو ڪيس ”ڪپتان لنڪن“ سڏڻ لڳو.

1834ع ۾ اليناٿز علائقي جي پاران هو قاعدن جوڙڻ جي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو. ان وقت بہ سؤ ڊالر اڌارا ڪڍي سوٽ بوٽ تيار ڪرايائين. ڪائونسل جي ميمبر ٿيڻ شرط هن قاعدن جو اڀياس

ڪيو ۽ اعليٰ قاعدي دان بڻجي پيو. 1837ع ۾ هو وڪيلن جي جماعت ۾ داخل ٿيو ۽ پاڻ کي نامور وڪيل ثابت ڪيائين.

1843ع ۾ آنريبل رابرٽ ايس ٽاڊ جي ڌيءَ سان شادي ڪيائين، جنهن مان چار پٽ ٿيس، جن مان هڪڙو آخر جنگي کاتي جو سيڪريٽري وڃي ٿيو هو.

هو 1846ع ۾ ڪانگريس جو ميمبر ٿيو ۽ 1847ع ۾ نيشنل هائوس آو ريپريزنٽيٽو ۾ جاءِ مليس. اتي هن انگريزي ٻوليءَ جو وڏيڪ اڀياس ڪيو. آمريڪا جي تاريخ جو اوائل کان آخر تائين مطالعو ڪيائين.

1848ع ۾ جنرل ٽائلر جي پريزيڊنٽي جي چونڊ وقت ۽ 1825ع ۾ جنرل سڪاٽ جي پريزيڊنٽي جي چونڊ وقت انهن جي فائدي ۾ ابراهام لنڪن جيڪي جدا جدا شهرن ۾ تقريرون ڪيون، تن سندس ناموس ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکيڙي ڇڏي.

ابراهام لنڪن جڏهن وڪيل هو، تڏهن هڪڙي پوڙهي شيدڻ، جنهن جي نه ڪجهه هڙ هو نه هنج، سا روئي سندس در تي آئي ۽ آزاديءَ جو پروانو ڏيکاري چوڻ لڳي، ته "مون کي ۽ منهنجي پٽ کي فلاڻي ڏٽيءَ آزاد ڪري ڇڏيو آهي، پر منهنجو پٽ بيخبر هئڻ سبب فلاڻي شهر مان وڃي نڪتو آهي، جتي ان کي ڀڳل غلام سمجهي قيد ۾ رکيو ويو آهي، پلائي ڪري اهو پٽ مون کي ڇڏائي ڏي"

ابراهام لنڪن پنهنجي همراهه وڪيل کي پاڻ کان خرچ ڏيئي اوڏهين روانو ڪيو پر اتي غلامن جي ڪاٻه قانوني حجت هلي ڪانه سگهي، انهيءَ ڪري ابراهام لنڪن پنهنجي هڙ جا پئسا ڏيئي، اهو شيدي آزاد ڪرائي، پوڙهي مائيءَ جي حوالي ڪيو.

1854ع ۾ نيشنل هائوس ۾ اسٽيفن اي ڊگلاس نالي هڪڙي ميمبر بل پيش ڪيو ته ڪئناس ۽ نيبراسڪا رياستن ۾ رهجي ويندڙ غلامن لاءِ ڪي سخت قاعدا منظور ٿين. تنهن تي ابراهام لنڪن هائوس جي ميمبر هئڻ جي حيثيت ۾ غلامن جي حق ۾ جيڪا حق گوئيءَ ڀريل تقرير رٿ پيش ڪندڙ جي مخالفت ۾ ڪئي، سا لاجواب هئي، جنهن تي ڪانگريس هائوس ۾ ويٺلن سيني مردن توڙي زالن آفرين! آفرين! جا آواز ڪيا ۽ بل نامنظور ٿيو.

1860ع شڪاگو شهر ۾ نيشنل ريپبليڪيشن ڪنوينشن جي پريزيڊنٽيءَ جي چونڊ ٿي، جنهن ۾ ابراهام لنڪن ڪثرت راءِ سان ساري يونائيٽيڊ اسٽيٽس جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. ان وقت ڏاکڻين رياستن ۾ ٿرٿلو پيدا ٿي ويو تہ غلاميءَ جي رسم جو دشمن پريزيڊنٽ ٿيو آهي. خدا خير ڪري!

چونڊ ۾ فتحياب ٿيڻ بعد شڪاگو جي ديول ۾ پادرين ڪان مليل سپاسنامي جي جواب ۾ ابراهام لنڪن چيو:

"... آءٌ سمجهان ٿو تہ هت هڪڙو خدا آهي، جو بي انصافي ۽ غلاميءَ جي رسم کي ڌڪاري ٿو. آءٌ طوفان اٿندو پيو ڏسان، ۽ ڄاڻان ٿو تہ انهيءَ ۾ بہ ڏٺيءَ سڳوري جو ئي هٿ آهي. هن ڏس ۾ ڏٺي سڳوري کي منهنجي ڪا خدمت منظور هوندي تہ آءٌ هر طرح تيار آهيان. مون ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي، پر سچ ۾ سڀ ڪجهہ آهي. آءٌ پاڻ کي حق تي سمجهان ٿو ڇاڪاڻ جو آزادگي سڀ ڪنهن جو حق آهي."

مارچ 1861ع ۾ ابراهام لنڪن پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ واشنگٽن شهر جي "وائيٽ هائوس" ۾ اچي داخل ٿيو.

يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي ڏکڻ وارين رياستن اڳيئي جنگ جي تياري ڪري ڇڏي هئي، تن جي گڏيل لشڪر اپريل 1861ع ۾ اتر وارين رياستن مان هڪڙي رياست جي قلعي تي چڙهي ڪري "سول وار" (گهرو جنگ) جي شروعات ڪئي. ڏکڻ وارين رياستن جي مرضي هئي، تہ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي يڪي رعيتي راڄ کي ٽوڙي بہ رعيتي راڄ ڪن. اتر واريون رياستون پنهنجي ڇيڙي نبيري ڪن، تہ اسين پنهنجي روءِ سوءِ پنهنجا ملڪي مسئلا حل ڪندا رهون. انهيءَ مان سندن مراد هيءَ هئي، تہ ڪن ٻين مسئلن سان گڏ، خاص ڪري غلاميءَ جي مسئلي بابت اتر واريون رياستون، ڏکڻ وارين رياستن سان ڪابہ ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪن، ڇاڪاڻ جو غلامن جي باب ۾ اتر واريون رياستون زبردست همدردي ڏيکاري رهيون آهن.

ابراهام لنڪن تار جي رستي جدا جدا هنڌن تي پنجويهہ هزار فوج هڪدم موجود ڪرائي وڌي. فريڊرڪ ڊگلاس نالي هڪڙي آزاد شيديءَ، جو شيدين جو دولتمند ۽ باخبر ليڊر هو، جنهن جو بيان اڳتي ايندو، وڌو

وفد ابراهام لنڪن وٽ وٺي ويو. ابراهام لنڪن فريڊرڪ ڊگلاس جي تياري ڪري آندل چيندڙ لفظن واري درخواست پڙهي ۽ ان جي درد ڀري ۽ جوش ڀري گفتگو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. فريڊرڪ ڊگلاس، جنهن عرض ڪرڻ لاءِ ابراهام لنڪن وٽ آيو هو سو وڏي خوشيءَ سان قبول ڪيائين، يعني سول وار جي وقت ۾ شيدين جي جنگي خدمت منظور ڪيائين.

آمريڪا ۾ اهو پهريون شيدي هو جنهن کي اعليٰ آفيسر وٽ ڪرسيءَ تي ويهڻ جو شرف نصيب ٿيو هو جنهن کي ڪرسيءَ تي ويٺل ڏسڻ غلام فروشن جي پاپي دل لاءِ موتمار ڌڪ هو.

فريڊرڪ ڊگلاس جي ڪوشش سان بنا دير لک شيدي فوج ۾ ڀرتي ٿيا، جن جي منڍ ۾ خود فريڊرڪ جا ٻه پٽ هئا. شيدين جون اهي پلٽڻيون آمريڪا جي تاريخ ۾ ”ماسا چوسٽيس رجمنٽس“ جي نالي سان مشهور آهن. ابراهام لنڪن اهي شيدي پلٽڻون گورن آفيسرن جي هٽ هيٺ جدا جدا هنڌن روانيون ڪيون.

شيدين کي تسلي هئي، ته هن جنگ ۾ ابراهام لنڪن جي فتح شيدين جي دائمي آزاديءَ جي ڪنجي آهي، تنهن ڪري هو انهيءَ جنگ ۾ نهايت وڏيءَ دل سان جُنبي ويا.

”سول وار“ هلندي، آزاد ٿيل غلامن جي ٻارڙن جي هڪڙي وڏي جماعت لکيل درخواست کڻي، ابراهام لنڪن وٽ آئي، جنهن ۾ گهڻو سوز سان هي عرض ڪيل هو ته ”جيڪي شيدي ٻارڙا اڃا غلام آهن، تن کي آزادي بخشائي وڃي.“ ابراهام لنڪن ٻارڙن جي ميڙ کي پنهنجي روبرو گهرائي، تمام پيار ڀريل لفظن ۾ مشڪندي جواب ڏنو:

”. . . . . اوهان جي ننڍڙين دلين ۾ هيتري ڪشادي قومي همدردي ڏسي، مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. ٻچا، اوهين جيڪي گهرو ٿا، سو سڀ پوري ڪرڻ جي مون کي طاقت ڪانهي، پر ڏٺي سڳوري کي آهي؛ ائين پيو ڏسجي، ته اهو اوهان جون گهرجون پوريون ڪندو. . . .“

”سول وار“ (گهرو ويڙهه) جي جنگي ميدان ۾ جيڪي شيدي سپاهي مخالف ڌر وٽ جنگي قيدي ٿيو ويندا هئا، تن کي قيد ڪندڙ گورا، خار مان مارينديءَ اهڙا اهڙا عذاب ڏيندا هئا، جي انهن غلاميءَ ۾ به نه سٺا. اها رپورٽ جڏهن ابراهام لنڪن کي پهتي، تڏهن هي اشتهار ديسان ديس پڌرو ڪيائين:

## ايگزيڪٽو مئنشن

30 جولاءِ 1861ع "پنهنجي رعيتي ماڻهن جو بچاءُ ڪرڻ سڀ کنهن سرڪار جو فرض آهي، پوءِ ته هو ڪهڙي به درجي، رنگ يا حالت ۾ ورهائجن، ته خاص ڪري انهن جو بچاءُ، جي رعيت جي خدمت گذاريءَ لاءِ يا انتظام لاءِ سپاهي هجن. مغربي قومن جا جنگي دستور ۽ رواج توڙي قومي قاعدو اها اجازت نٿو ڏئي، ته جنگي قيدين کي خاص سندن رنگ جي نظر تي پبلڪ جو دشمن ڄاڻي، ساڻن ڪا اجوڳي هلت ڪئي وڃي. جنگي قيدين کي ڪنهن جنگي قانون ٽوڙڻ ڪري نه، پر سندن رنگ جي نظر تي غلام بنائڻ يا غلام ڪري وڪڻڻ جهنگلپڻو ڏيکارڻو آهي ۽ زماني جي تهذيب جي برخلاف هڪڙو ڏوهه ڪرڻو آهي. يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي گورنمينٽ پنهنجن سيني جنگي سپاهين کي هڪهڙو بچاءُ ڏيندي رهندي، تنهنڪري جيڪڏهن اسان جي ڪنهن به جنگي سپاهيءَ کي ڪابه ڌر رنگ جي نظر تي غلام بنائيندي، وڪڻندي يا ڪو ٻيو اجوڳو ايذاءُ رسائيندي، ته انهيءَ ڏوهه جي سزا ۾ اسان جي هٿ هيٺ وارن دشمنن جي جنگي قيدين سان به ساڳي هلت ڪئي ويندي."

"ابراهام لنڪن"

انهيءَ اشتهار کان پوءِ جنگ هلندي ڪنهن به شيدي سولجر سان جنگي قيدي ٿيڻ جي حالت ۾ ڪا اجوڳي هلت ڪانه ٿي.

هڪڙي گوري کي غلامن وڪڻڻ جي ڏوهه ۾ پنج سال قيد ۽ هڪ هزار ڏنڊ جي سزا ملي، قيد جو مدو هن ڪاٽيو باقي ڏنڊ جي معافيءَ لاءِ ڪن معززن جو وفد ابراهام لنڪن وٽ سفارش ڪٺي ويو جنهن ان وفد کي هيءَ جواب ڏنو:

هيءَ هڪڙي دل سوز اپيل منهنجي جذبات کي ڪئي ويئي آهي. رحم لاءِ ڪيل اپيل تي مون کي ايڏو ترس ايندو آهي، جو ڪنهن خونيءَ کي معاف ڪرڻ، جيڪڏهن ممڪن هوندو آهي، ته ڪري ڇڪندو آهيان، پر اهو ماڻهو جو آفريڪا وڃي، ۽ ڪن ٻي ٻهچ انسانن کي ٻچن کان ڇني، اچي وڪڻي، سو به ڊالرن ۽ سينٽن هٿ ڪرڻ لاءِ، تنهن کي آءٌ بُري ۾ بُري خوني کان به وڌيڪ پاپي ٿو

سمجهان، ۽ ان ڪي منهنجي هٿان معافي ملي ڪين سگهنديءَ ڇڏيوس ته اجا قيد ڪاٽي.... ."

"سول وار" هلنديءَ جنرل واڊ سورٿ سپه سالار شيدي فوج جي نيڪي ابراهام لنڪن ڏانهن لکي موڪلي، ان جي جواب ۾ ابراهام لنڪن هي لفظ چيا:

"شيدين جي حالت جا منهنجو ڳوڙهو ۽ غور پريل ڏيان ڇڪي رهي آهي، سا ڪهڙيءَ طرح بهتر صورت ۾ اچي، تنهن بابت آءٌ ڪڏهانڪر ويچار ڪري رهيو آهيان. مون بلڪل صفائي سان فيصلو ڪري ڇڏيو آهي، ته ڪهڙي نموني سان اهو مسئلو سياسي توڙي مذهبي صورت ۾ ڪئبينيٽ (سينيٽ) کي پيش ڪجي.

"قوم جي رکپال هئڻ جي صورت ۾ مون کي انهن شيدين جي به رکپالي ڪرڻي آهي، جن جنگ جي ميدان ۾ ڏاڍي بهادريءَ سان پنهنجي مردانگي ڏيکاري آهي ۽ رعيتي راڄ جي بچاءَ ۾ مدد ڪنديءَ ۽ حڪومتن جي جهنڊي سلامت رکڻ خاطر انهن بي ڌڙڪائيءَ سان پنهنجو رت هاريءَ ووٽ جي حق حاصل ڪرڻ جو پاڻ کي حقدار ثابت ڪيو آهي."

جڏهن "سول وار" ۾ ابراهام لنڪن ڏاکڻين رياستن کي مات ڪري، آڻ مڃائي، تڏهن رچمانڊ شهر ۾ آيو جو آخري فتح جو ميدان هو. هو اهڙي سانتيڪي ۽ نماڻي رخ سان شهر ۾ گهڙيو جو اتي جي شيدي قوم جا ابراهام لنڪن جي اچڻ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي هئي، سا سسي مسي ٿي ويئي، پر جڏهن ٻڌائون ته اڄ ئي عام آزاديءَ جو اعلان پڙهو ٿيڻو آهي، تڏهن سندن خوشيءَ جا ڪا حد ئي ڪانه رهي.

تاريخ 22 سيپٽمبر 1862ع پريزيڊنٽ ابراهام لنڪن، شيدين جي مڪمل آزاديءَ جو اعلان سينيٽ اڳيان پڙهيو جو سڄي هال يڪراءِ بحال ڪيو اهو هي آهي:

"...... سمورا ماڻهو جي يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي ڪنهن به رياست يا رياست جي ڪنهن ڪنڊ ڪڙڇ ۾ غلام بنايل آهن، پوءِ اهي "سول وار" ۾ پلي ڪٽي يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي برخلاف ئي لڙي چڪا هجن، سي تاريخ پهرين جنوري سن ارڙهن سو ٽيهٺ کان وٺي هميشه لاءِ قانوناً آزاد ڪيا وڃن ٿا. يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي ايگزيڪٽو

گورنمينٽ توڙي بري ۽ بحري فوجي طاقت اهڙن ماڻهن جي آزاديءَ جي بچاءَ تي هميشه ڌيان ڏيندي رهندي. ڪوبہ آزاد ٿيل ماڻهو پوريءَ طرح آزاد رهڻ لاءِ جيڪڏهن ڪٿ بہ ڪوشش ڪري، تہ ان کي ڪنهن بہ قسم جو اتڪاءُ ٿيڻ نہ گهرجي....."

مسٽر گرينويل شارپ نڏٽڪن شيدين جي آزاديءَ لاءِ جيڪا ڪوشش ارڙهينءَ صديءَ جي وچ ڌاري لنڊن ۾ شروع ڪئي هئي، سا هڪ سئو ورهين کان پوءِ اوڻهين صديءَ جي وچ ۾ پوريءَ طرح ڪاميابيءَ کي پهتي، يعني آمريڪا وارن شيدي غلامن کي بہ مڪمل آزادي ملي.

ابراهام لنڪن کي شيدي ايترو پيار ڪندا هئا، جو سڀ شيدي زالين مڙسين ننڍا وڏا ان کي سڏيندا هئا، "ماما لنڪن يا بابا لنڪن."

خدا ترس نيڪ دل، دلير ابراهام لنڪن، جو جهنگ جي جهوپڙي ۾ ڄائو هو، تنهن واشنگٽن جهڙي عاليشان شهر جي شهنشاهي محلات ۾ تاريخ 2 جنوري 1881ع ۾ رضا ڪئي.

ابراهام لنڪن جي وفات تي جيترو ماتم شيدي قوم ڪيو هو اوترو سندس عزيزن بہ ڪونہ ڪيو.

(ڊبليو ايم ٿائر صاحب جي "ابراهام لنڪن" تان)

## 3. سڏارو

## الف: فريڊرڪ ڊگلاس (شيدي اڳواڻ)

آمريڪا ۾ پهريون پهريون شيدي ليڊر جنهن پنهنجي قوم جي مڪمل آزادي ۽ سڏاري لاءِ پاڻ پتوڙيو سو فريڊرڪ ڊگلاس هو جنهن جي عبرت خيز آکاڻي هيٺ لکجي ٿي:

فريڊرڪ ڊگلاس 1817ع ۾ ميري لينڊ علائقي جي ايسٽون شهر کان ٿوري مفاصلي تي تچاهيو ڳوٺڙي ۾ ڄائو هو. جڏهن هو ننڍڙو هو تڏهن پنهنجي پوڙهي نانيءَ وٽ رهندو هو جا ٻانهي هئي، پر ان سان اها رعايت ڪئي ويئي هئي، جو هوءَ هڪڙي جهوپڙي ۾ رهندي هئي ۽ پنهنجين پنجن ڌيئن جا ٻارڙا نپائيندي هئي، جنهن جي عيوض پيو پورهيو ان تان معاف هو.

فريڊرڪ کي پنهنجي ماءُ ڏسڻ جو موقعو بہ ٿي پيرا مس مليو هو.

هن کي ڪجهه وقت کان پوءِ خبر پئي ته سندس پيءُ ڪو گورو هو. پوءِ اها به خبر پيس، ته آمريڪا ۾ ڪنهن به ٻانهيءَ جو ٻار پوءِ ڪٽي ڪنهن شهزادي مان هجي، ته به ٻانهپ جا عذاب چکندو رهندو.

فريڊرڪ جي ماءُ هيرئيٽ بيلي پنهنجي هن ننڍڙي عجيب صورت واري ٻارڙي جو نالو فريڊرڪ آگسٽن واشنگٽن رکيو هو. مائيءَ جو شايد اهو خيال هو ته اهڙو عمدو نالو سندس پٽ جي پدريءَ کي ريٽي ڇڏيندو.

هيرئيٽ بيليءَ کي ڪڏهن ڪو اتفاق سان وجهه ملندو هو ته لڪيو ڇپيو پنهنجي پٽ کي ڏسڻ ايندي هئي، ڇاڪاڻ جو ان کي فجر کان وٺي شام تائين پنهنجي ملڪ جي ٻنيءَ ۾ سخت پورهيو ڪرڻو پوندو هو ۽ رات جو ڪنهن غلام يا ٻانهي کي مقرر جاءِ کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت نه هوندي هئي. گويا هو غلام ته هئا، پر سخت پورهئي سان سزا مليل قيدي به هئا.

اول ته فريڊرڪ کي خبر به ڪانه هئي، ته غلام ٿي ڄمڻ جي معنيٰ ڇا آهي؟ هو پنهنجي پياري نانيءَ جي پيار ۾ مگن رهندو هو ۽ نديءَ جي ڪناري تي نانيس جي جا جهوپڙي هوندي هئي، تنهن کي بهشت ڪري ڄاڻندو هو. جڏهن ڪو چوندو هو ته تون فلاڻي صاحب جو غلام آهين، تڏهن هن کي ڏاڍي منيان لڳندي هئي.

فريڊرڪ جڏهن ستن ورهين جو ٿيو تڏهن دستور موجب پوڙهي نانيس ٻارهن ميل پنڌ ڪري کيس پنهنجي مالڪ وٽ پهچائڻ آئي. فريڊرڪ اتي ٻاڻ جيڏا ٻيا به ڪيترائي ٻارڙا ڏٺا، جي جدا جدا ڪمن ۾ رڌل هئا. فريڊرڪ انهن جي ٻوڙ ٻڪ ڏسڻ جي حيرت ۾ ٿي هو ته ايتري ۾ نانيس ڪسڪي اچي پنهنجي جهوپڙيءَ ڪان نڪتي، جا وري ڪڏهن به فريڊرڪ ڪانه ڏٺي.

انهيءَ ظالم پوڙهي مالڪ جي هٿ هيٺ به ٽي ٻنيون ۽ ڪجهه جيترا غلام ٻانهيون ۽ ٻارڙا هوندا هئا. هو هڪڙي شاهوڪار ڪالونيل لائيڊ جو ايجنٽ هو جو ٽيهن ٻنين ۽ هڪ هزار غلامن جو مالڪ هو ۽ ڪنهن وڏي شهر ۾ گذاريندو هو. ڪالونيل لائيڊ ساري اسٽيٽ جو هيڊ ڪوارٽر اهو هو جتي فريڊرڪ هينئر اچي رهيو هو ۽ ساري اسٽيٽ جي جدا جدا ٻنين تي ڪم ڪندڙ غلام مهيني ۾ هڪڙو ڀيرو ماهانو

ورهو (ڪاٺو پيتو) هيڊ ڪوارٽر تان انهيءَ پوڙهي مالڪ ڪان وٺڻ ايندا هئا. چانورن جا ڏوڏا، سڪل گوشت يا سڪل مڇي غلامن ۾ ورهايو ويندو هو سال ۾ هڪ ڀيرو سڀ غلام ڪپڙو ٻہ اتان اچي وٺندا هئا.

فريڊرڪ کي پوڙهي مالڪ هڪڙي بورچيءَ جي اڳيان ڊوڙ ڊڪ ۽ ڪم ڪاج ڪرڻ لاءِ رکيو. بورچيءَ جي ٽڪرن ۽ چماٽن سهڻ کان پوءِ فريڊرڪ جي اک پٽي، ۽ خبر پيس، تہ غلامي ڇا آهي! هڪڙي ڏينهن انهيءَ پوڙهي مالڪ هڪڙيءَ غلام ڇوڪريءَ کي ڪنهن خسيس نافرمانيءَ جي ڪري رات جو ڇت ۾ ٽنگي ڇهبڪن سان ڇِي ڇنيو. فريڊرڪ، ڇوڪريءَ جون ڪيڪون ٻڌي، ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿيو ۽ سندس جهوپڙيءَ جي لوڪهن مان اهو رنگ ڏسي ڏکڻ لڳو.

جيڪي غلامن جا ڪٽڪ مهيني سر مهيني هيڊ ڪوارٽر ۾ ورهو وٺڻ ايندا هئا، سي گهاٽن وڻن مان ايندي توڙي ويندي، جيڪي دردناڪ راڳ ڳائيندا هئا، سي ٻڌيو فريڊرڪ کي عجب ايندو هو. هو حيران هوندو هو ڇو تہ گورا ماڻهو جيڪي ڳائن ٿا، سو ڏک جهڙو ڇو آهي؟

ٻہ ورهيہ بورچيخاني ۾ ٽڪرن جهلڻ کان پوءِ فريڊرڪ کي سندس پوڙهي مالڪ پنهنجي هڪڙي عزيز ڏانهن بالٽِي مور شهر ۾ ڏياري موڪليو. انهيءَ نئين مالڪ جي مئڊم اڳ ڪڏهن بہ ڪو غلام پاڻ وٽ ڪونہ رکيو هو. تنهن ڪري هوءَ فريڊرڪ کي فقط ٻنا پگهار نوڪر ڪري سمجهندي هئي. جيئن تہ ان مائيءَ جي ننڍڙن ٻارن جي تاربوش ۽ راند روند ڪرائڻ جو ڪم فريڊرڪ تي رکيو هو تنهنڪري مائي هن کي چڱيءَ طرح پائيندي هئي. مائي پنهنجي ٻارڙن سان گڏ فريڊرڪ کي لکڻ پڙهڻ سيکاريندي هئي، ۽ بائبل جو سبق بہ ڏيندي هئي.

هڪڙي ڀيري مائيءَ کي سندس مڙس فريڊرڪ کي پاڙهيندو ڏسي ورتو. سو اهڙي تہ مائيءَ سان حالت ڪيائين. "جهڙي ٻرڙو ڪري ٻارن سان!" ڇي: "غلامن کي ڪو لکڻ پڙهڻ سيکاربو آهي ڇا؟ غلامن کي لکڻ پڙهڻ سيکارڻ اهڙو خوفناڪ آهي، جهڙو ڪنهن گوري جا هٿ ڪپڻ! مائيءَ سان مڙس جيڪا تعدي ڪئي، سا سموري فريڊرڪ پنهنجين اکين سان ڀي ڏٺي ۽ ڏاڍو ڏک ٿيس. ان وقت کان وٺي فريڊرڪ جو لکڻ پڙهڻ تہ ڇٽو پر ساڳي مائيءَ، رُک مُنهائيءَ سان ڪانئس سخت ڪم وٺڻ لڳي.

فريڊرڪ کي مائيءَ رستي چاڙهي ڇڏيو هو تنهنڪري هو خداداد ذهن ۽ ذوق جي وسيلي فرصت جي وقت ۾ لڪ چوريءَ ٻارن جي ڪاپين ۽ ڪتابن تان ڪم پيو ڪندو هو. هٽ بازار جي هاج ڪم تي ويجهڙ مهل ڪا اخبار، رسالو يا ڪتاب هٿ ايندو هوس، ته پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ لڪايو آڻيو رکندو هو. ست سال هو بالٽي مور ۾ رهيو انهيءَ وچ ۾ هن ائنٽي سليوري سوسائٽيءَ جي ميمبرن جا لکيل مضمون، چئدم فاڪس ۽ وليم پٽ جون تقريرون به پڙهيون هيون، جي غلاميءَ جي رسم جي برخلاف هيون. اتي هو سورهن ورهين جو اچي ٿيو هو تنهنڪري غلاميءَ جي حالت بابت سندس اندر ۾ عجيب اڻ تڻ ۽ بي آرامي اچي پيدا ٿي.

سورهن ورهين جي ڄمار ۾ فريڊرڪ کي وري نئين مالڪ ۽ مالڪياڻيءَ وٽ گذارڻو پيو جي نهايت بي ترس ماڻهو هوندا هئا. هو پنهنجن غلامن کان سخت پورهئي وٺڻ کان پوءِ ڪين چوندا هئا، ته پيٽ قوت لاءِ وڃي پاڙي مان پني اچي کائو. ڪنهن سان خار هوندو هون، ته غلامن کي چوندا هئا، ته وڃي فلاڻي جي چوري ڪري اچو. فريڊرڪ، جنهن جي دل ۾ هينئر نيون لهريون اٿڻ شروع ٿيون هيون، سو وقت بوقت هن نئين نموني جي مالڪ ۽ مالڪياڻيءَ جي حڪم عدولي ڪرڻ لڳو.

بالٽي مور کان ويهن ميلن جي مفاصلي تي هڪڙو پادري زميندار رهندو هو جنهن کي عام خاص ماڻهو سڏيندا ئي هئا: "جڙ غلامن کي سڌو ڪندڙ" هو آرتوار ڏينهن ديول ۾ وعظ ڪندو هو ۽ ٻين ڏينهن تي پراوا موڪليل غلام ماري ڪٽي سڌا ڪندو هو جنهن بابت چڱو عيوض غلامن جي مالڪن کان ملندو هوس. فريڊرڪ کي سندس نئين مالڪ سڌو ڪرڻ لاءِ ٻارهن مهينن واسطي ان پادريءَ ڏانهن ڏياري موڪليو.

پادري شوخ غلامن کي ڪم ئي اهڙو ڏيندو هو جنهن ۾ هرو ڀرو به غلام کان ڀل ٿيو وينديءَ هئي، بس پوءِ "ڏٽي ڏئي، ٻانهو سهي." پيو وري هو سارو ڏينهن جاسوس وانگر وڻن جي پنيان يا گاهه ۾ يا ڪنهن ٻيءَ اوٽ ۾ لڪندو وتندو هو اچا ڪو غلام ساهي کڻڻ لاءِ ويٺو ئي نه آهي، يا ڪنهن ٻئي سان ڳالهائڻ ۾ لڳو ئي نه آهي، ته پادري وڄ وانگر اوچتو مٿان اچيو ڪڙڪندو هو ۽ غلامن کي ماري سندن کلون ڪٽي ڇڏيندو هو.

فريڊرڪ کي حياتيءَ ۾ اهو پهريون دفعو پنيءَ ۾ ڪم ڪرڻو پيو. نو مهينا فريڊرڪ ان پادريءَ وٽ سچا پچا عذاب سٺا. آخر هڪڙي پيري جڏهن پادريءَ، فريڊرڪ کي اگهاڙو ڪري، چهبڪن سان سٽڻ جو ارادو ڪيو تڏهن فريڊرڪ به نه ٽٽي بيٺو سو پادريءَ کان چهبڪ کسي خوب ريا رام ورتائينس. اهو ڏينهن ساٺيو، وري پادري صاحب فريڊرڪ جي وار جو به ڪڏهن نالو ڪونه ورتو. پادري ملڪان ملڪ "جڙ غلامن کي سڌو ڪندڙ" جي نالي سان مشهور هو تنهنڪري ڦڪائيءَ وچان نڪو پوليس ۾ رپورٽ ڪيائين، نڪي فريڊرڪ جي مالڪ کي ڪو ڏوراپو موڪليائين. تنهن هوندي به، پادريءَ جي موچڙن کائڻ جي ڳالهه مشهور ٿي ويئي.

ٻارهن مهينن گذرڻ کان پوءِ فريڊرڪ جڏهن موٽي پنهنجي مالڪ وٽ آيو، تڏهن ان کي فريڊرڪ جون اکيون ڦريل نظر آيون، تنهن ڪري هڪدم نيڪال ڪري ڇڏيائينس. فريڊرڪ هاڻ پڪو ارادو ڪيو ته يا پاڻ کي آزاد ڪرائڻو آهي يا سر ڏيڻو آهي.

هينئر جنهن مالڪ وٽ فريڊرڪ آيو سو هڪڙي وڏي "مل" جو ڌڻي هو. ان جي ڪارخاني ۾ سوين شيدي غلام ڪم ڪندا هئا. هو گهڻي قدر نرم دل ماڻهو هو. جيڪڏهن سندس ڪو به نوڪر ڪنهن غلام سان بيجا سختي ڪندو هو ته هو غلامن جي دانهن تي به ڌيان ڏيندو هو. فريڊرڪ انهن جهجهن غلامن جي وچ ۾ ڪجهه وقت گذارڻ بهتر ڄاتو. هو اتي اهڙيءَ طرح ڪم ڪندو رهيو جو ڪڏهن به ڪم ونڊڙن کي مٿس ڇڙ ڪرڻ جو موقعو ڪونه مليو. هو رات جو توڙي فرصت جي وقت غلامن کي لکڻ پڙهڻ سيکاريندو هو ۽ بائبل جو سبق به ڏيندو هو. ٻارهن مهينن ۾ چاليهن غلامن کي لکڻ پڙهڻ ۾ پڙ ڪري ڇڏيائين. انهيءَ وچ ۾ مالڪ کي يا مالڪ جي خاص نوڪرن کي ڪا به سڌ ڪانه پئجي سگهي، ته فريڊرڪ ڪو هوشيار پڙهيل غلام آهي.

هڪڙي پيري فريڊرڪ پنهنجن غلامن کي پاڻ سان همراهه ڪري، هڪڙي ٻيڙي هٿ ڪري، تنهن ۾ چڙهي، اتي پڳو. هنن مڇي مارينڙن جو ويس ڍڪيو هو. تنهن ڪري جن ماڻهن هنن کي ٻيڙيءَ ۾ ڏٺو ٿي، تن سمجهيو ٿي، ته ڪنهن مڇيءَ جي سوداگر جا غلام

چيساپيڪ اپسمنڊ ۾ مڇي مارڻ ٽا وڃن. 80 ميل ڊونڊيءَ جي مسافري ڪري، پوءِ ڊونڊي ڦٽي ڪيائيون، ۽ جهنگ منهن ڏيئي اتي پڳا. فريڊرڪ قطب تاري جي آڌار تي رات جو مسافري ڪندو هو ۽ ڏينهن جو ڪنهن ٿم ۾ ٿميو پيو هوندو هو. آخر نيويارڪ ۾ اچي پهتو جتي پڳل غلامن جو ڪوبہ نالو وٺي ڪونہ سگهندو هو. اتي جي آزاد شيدين فريڊرڪ سان ڪاڏي پيتي ۽ ڪپڙي گنديءَ جي مدد ڪئي، ڇو جو ان وقت فريڊرڪ وٽ ڪپڙي ڌاران ٻيو ڪجهہ بہ ڪين هو. فريڊرڪ جي عمر ان وقت ساڍا اوڻيهہ ورهيہ هئي. هو جهاز جي گوديءَ ۾ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ رات جو توڙي فرصت جي وقت ۾ اتي جي شيدين ڪي پاڻ ۾ اتحاد ڪرڻ جو سبق سيکاريندو هو ۽ ننڍين توڙي وڏن شيدين ڪي لکڻ پڙهڻ ۽ بائبل جي تعليم ڏيندو هو. فريڊرڪ ڪي ڏاڍا اڏمان پيا اٿندا هئا، تہ ڪليو ڪلايو ڪم هلائجي، پر وٽس آزاديءَ جو پروانو ڪونہ هو تنهن ڪري هو اڃا غلام هو ۽ ڪابہ تقرير يا تحرير ظاهر ظهور ڪري نہ ٿي سگهيو.

نيويارڪ جي شيدين فريڊرڪ ڪي "ائنٽي سليوري سوسائٽي" جي گورن ميمبرن سان واقف ڪيو جي فريڊرڪ جي گفتگو ۾ قومي جوش ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيا. اتي ان ڪي دل گهريا ڪتاب ۽ رسالا توڙي اخبارون پڙهڻ لاءِ ملنديون رهيون. فريڊرڪ اتي آزاد شيدين مان شادي بہ ڪئي.

سوسائٽيءَ جي ميمبرن جي مرضي هئي، تہ هُھڙي جوشيلي ۽ ڪارائتي همراهہ ڪي آزادگيءَ جو پروانو وٺائي ڏجي، تہ بهتر. هنن ڇا ڪيو جو فريڊرڪ ڪي ڪنهن بہ تجويز سان جهاز ۾ چاڙهي انگلينڊ روانو ڪيائون. نيويارڪ ۾ فريڊرڪ پنهنجو نالو فريڊرڪ ڊگلاس ظاهر ڪيو جو توڙ تائين مٿس قائم رهيو.

فريڊرڪ ڊگلاس پنهنجي حياتيءَ جو دردناڪ احوال ۽ غلامن سان ٿيل جيڪي آزار پنهنجي اکين سان ڏٺا هئائين، سي سڀ هڪڙي ڪتاب ۾ لکيا، اهو ڪتاب ڇپجي تيار ٿيو ۽ ساري آمريڪا توڙي انگلينڊ ۾ پکڙجي ويو.

فريڊرڪ بہ ورهيہ انگلينڊ، اسڪاٽ لينڊ ۽ آئرلينڊ جي جدا جدا شهرن ۾ دلسوز تقريرون ڪندي وتيو جنهن ڪري هن وٽ خيراتي

فنڊ ٻه جام ڪنو ٿي پيو ۽ آمريڪا وارن غلامن جي حق ۾ همدردي ٻه ڏاڍي قيمتي حاصل ڪيائين، انگلينڊ جي هڪڙي خدا ترس شاهوڪار ڇهه سؤ ڊالر فريڊرڪ ڊگلاس جي انهيءَ مالڪ ڏي ڏياري موڪليا، جنهن ڪان هو ڀڄي نڪتو هو. هڪڙي غلام جي اها تمام ڀُري ۾ ڀُري قيمت هئي، تنهنڪري ان مالڪ گهڻيءَ خوشيءَ سان فريڊرڪ جي آزاديءَ جو پروانو لکي موڪليو.

1847ع جي ايسٽرن ۾ فريڊرڪ ڊگلاس چڱو فنڊ ۽ همدردي ساڻ ڪري، آزاد شيديءَ جي حيثيت ۾، آمريڪا موٽي آيو. اچڻ شرط روچيسٽر شهر ۾ "اتر قطب" نالي هڪڙي اخبار جاري ڪيائين. اخبار هلائيندي يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي جدا جدا شهرن ۾ تقريرون ٻه ڪندو وتندو هو ۽ آزاد توڙي ٻڌل غلامن کي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اتحاد ڪري رهڻ ڪري تعليم حاصل ڪرڻ جو وعظ ٻه ڪندو وتندو هو.

انهيءَ سير ڪندي، فريڊرڪ ڊگلاس جي ملاقات هڪڙي جوشيلي شيدي اڳواڻ سان ٿي، جنهن جو نالو جان براڻون هو. جان براڻون ورجينا، ۽ ميري لينڊ جي جبلن ۾ ڪيترائي آزاد ۽ ٻڌل شيدي گڏ ڪيا هئا، ۽ جنگ جو سامان ٻه پيو ڪنو ڪندو هو. ان جو ارادو هو ته وقت ٻه وقت وڏن زميندارين کي آزاد ڪرائجي. فريڊرڪ ڊگلاس، انهيءَ خوفناڪ منصوبي کان پاسو ڪرڻ لاءِ جان براڻون سان ڏاڍا بحث ڪيا، پر هو مُڙيوئي ڪين. فريڊرڪ ڊگلاس، جان براڻون کي سندس قسمت جي حوالي ڪري هليو ويو. مگر جدا جدا هنڌن تان جان براڻون ڏانهن خط پيو لکندو هو. جن ۾ قوم جي فائدي لاءِ ٻي جوکن رستن وڻڻ ۽ جوکائتن رستن ڇڏڻ بابت مفصل سمجهاڻيون هونديون هيون.

جان براڻون کي ٻه ٽي ڌاڙا ڦٻي ويا، جن ۾ هزارن جي تعداد ۾ غلام آجا ڪري، پنهنجي فوج ۾ آڻي شامل ڪيائين. آخر هڪڙي ڌاڙي ۾ پڪڙجي پيو ۽ ڪيس ڦاسي آئي. جان براڻون جي گهر جي تلاشيءَ مان فريڊرڪ ڊگلاس جا خط نڪري پيا، تنهن ڪري ورجينا ميري لينڊ رياستن ۾ ان جي گرفتاريءَ جا حڪم نڪتا. فريڊرڪ ڊگلاس کي اها خبر پئجي ويئي، تنهنڪري هو انگلينڊ ڏانهن نڪري ويو. ڇهه مهينا انگلينڊ ۾ هو ايتري ۾ 1860ع ۾ ابراهام لنڪن يونائيٽيڊ اسٽيٽس جو

پريزيڊنٽ ٿيو ۽ آمريڪا واري ”سول وار“ شروع ٿي. فريڊرڪ ڊگلاس هڪدم اچي آمريڪا کان نڪتو ڇاڪاڻ جو رياستن جي وچ ۾ جنگ لڳي پوڻ ڪري ڪيس گرفتار ٿيڻ جو ڪوبہ خطرو ڪونہ هو.

فريڊرڪ ڊگلاس، ”سول وار“ جي وقت ۾ جيڪو سهڻو قدم قومي فائدي لاءِ کنيو تنهن جو بيان هن کان اڳ ابراهام لنڪن جي ذڪر ۾ ڪيو ويو آهي. ابراهام لنڪن جنگ کٽي، ۽ سڄي آمريڪا مان غلاميءَ جي منحوس رسم بند ٿي ويئي.

شيدين تان غلاميءَ جي ذلت دفع ٿيڻ کان پوءِ فريڊرڪ ڊگلاس سانده ڇٽيهہ ورهيہ آمريڪا وارن آزاد شيدين جي تنظيم، تهذيب ۽ تعليم لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو. سرڪار وٽ بہ فريڊرڪ ڊگلاس جي عزت وڌندي رهي.

1877ع ۾ فريڊرڪ ڊگلاس ڪولمبيا ضلعي جو ”مارشل“ ۽ پوءِ ”رڪارڊ“ مقرر ٿيو. جو هڪڙو اعليٰ عهدو آهي. 1889ع ۾ هو آمريڪا جو منسٽر ۽ هيٽي جو ڪائونسل جنرل مقرر ٿيو. ان وقت هن يورپ ۽ آفريڪا جي گهڻن ڀاڱن جو سير ڪيو خاص شيدي قوم جي فائدي لاءِ.

پڇاڙيءَ ۾ هو واشنگٽن شهر ۾ هڪڙي عاليشان بلڊنگ جو مالڪ هو ۽ يوربي مٽلبر سندس گهر ۾ هئي.

قوم جي سچي هڏ ڏوکي فريڊرڪ ڊگلاس انهتر ورهين جي عمر ۾ 1895ع ۾ وفات ڪئي.

(لنڊن جي ”ماءِ ميگزين“ ماهہ جون 1933ع تان)

## ب: بوڪر. ٽي. واشنگٽن (شيدي اڳواڻ)

ابراهام لنڪن، آمريڪا وارن شيدي غلامن جي عام آزاديءَ جو اعلان ڪيو تنهن کان پوءِ ڪجهہ وقت ائين سمجهيو هو تہ آزاديءَ جي معنيٰ ڦٽ ٻجي واري ڪم کان آزادگي، پر جن خدا ترس انسانن کي خدا تعاليٰ سوڀ جا سهرا بخشيا، سي سمجهڻ لڳا، تہ تهذيب ۽ تعليم ڌاران آزادگي ڦٽڪار جهڙي آهي، ڇاڪاڻ تہ سال بسال ابوجهہ واندن شيدين جو انداز وڌندو ويندو جا ڳالهہ ملڪ جي تمدن ۽ تهذيب لاءِ خوف ۽ خطري جهڙي آهي. آمريڪا وارن شيدين جي بہ

ڪا خوش نصيبي ڇئبي، جو منجهن ئي بوڪر.ٽي.واشنگٽن جهڙو قومي همدرد ۽ جفاڪش شيدي پيدا ٿي پيو.

بوڪر، ورجينا علائقي جي ٻنين ۾ غلام ٿي ڄائو هو. هن جي ماءُ ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ غلامن لاءِ ماني تيار ڪندي هئي. ماءُ ۽ پٽ ٻئي ڄڻا بورچيخاني سان لاڳو هڪڙي ڪروڪني جهوپڙيءَ ۾ رهندا هئا، جنهن ۾ اُس ۽ سيءَ کي ڏوڪي اچڻ کان روڪ ٿي ڪانہ هوندي هئي، ۽ جنهن جو اڱڻ هوندو هو خدائي فرش. بوڪر کي پهرڻ لاءِ بہ ڳوڻ جا ڪپڙا هوندا هئا، ۽ سمهڻ لاءِ ڳوڻ جا گودڙ.

بوڪر جڏهن ستن اٺن ورهين جو هو تڏهن پنهنجي مالڪ جي نوجوان ڇوڪريءَ جا ڪتاب کڻي، اسڪول جي دروازي تائين پهچائڻ ويندو هو. بوڪر، اسڪول جي دروازي ۾ جهاتي وجهي ڇوڪر ۽ ڇوڪرين کي پڙهندو ڏسي، سمجهندو هو تہ هي ٻار بهشت ۾ پيا گذارين.

بوڪر کي پڙهڻ لاءِ ڏاڍي اڻ تڻ اچي پيدا ٿي، پر ڪنهن کي مجال نہ هئي، جو ڪنهن غلام کي لکڻ ۽ پڙهڻ جو رڳو "ل" ۽ "پ" کڻي سيکاري.

ابراهام لنڪن واري عام آزاديءَ جي اعلان کان پوءِ بوڪر جي ماءُ هڪڙو ذات ڀائي مڙس ڪيو جو پنهنجي زال ۽ بوڪر کي ساڻ وٺي ميل پنڌ جهاڳي ورجينا جي الهندي پاسي لوڻ واري ميدان وٽ وڃي رهيو. بوڪر جي ماتيجي پيءُ لوڻ جي ٻنين جي وچ ۾ وڃي پنهنجي جهوپڙي ٺاهي، جا تندرستيءَ جي لحاظ ڪري غلاميءَ جي وقت واري جهوپڙيءَ کان بہ خراب هئي.

بوڪر کي پٽس لوڻ جي ٻنين تي ڪم ۾ لڳايو جتي هن کي فجر جو 4 بجي کان وٺي ڪم ڪرڻو پوندو هو. ڪنهن ماڻهوءَ آس پاس ۾ هڪڙو نئون اسڪول اچي کوليو. بوڪر، جيڪو لکڻ پڙهڻ سکڻ لاءِ آڳاٽو تانگهائي رهيو هو، تنهن کي پٽس هن شرط سان اسڪول ۾ ڇڏيو تہ هو روز فجر جو ڪجھ وقت لوڻ جي ٻنين ۾ ڪم ڪري، پوءِ اسڪول مان موٽڻ بعد بہ گهٽ ۾ گهٽ بہ ڪلاڪ اچي پورهيو ڪري. بوڪر اهو شرط قبول ڪيو. بوڪر جڏهن اسڪول ۾ داخل ٿيڻ ويو، تڏهن ڏنائين، تہ سيڪو ٻار پنهنجو ٻٻل نالو پيو لکائي. هن وٽ تہ پيءُ جو نالو ۽ "سر نيم" تہ هوئي ڪونہ، مگر دستور بجا آڻڻ لاءِ هن پنهنجو نالو بوڪر.ٽي.واشنگٽن لکايو جو پڇاڙيءَ تائين قائم ٿي ويو.

بوڪر پاڻ لکي ٿو تہ "آزاديءَ جي اعلان کان پوءِ آزاد ٿيل شيدين کي بہ ڳالهيون ضرور ڪرڻيون ٿي پيون: هڪڙو پنهنجو رڪا نالا جهڙوڪ: جان، لاگ، اسٽيون، بوڪر وغيره متائڻ يا وڌائڻ ۽ ٻيو جن پنين يا ڪارخانن ۾ انهن ڪم پي ڪيو سي هڪدم ڇڏي وڃي ڪنهن شهر يا ڳوٺڙي ۾ گذارڻ."

بوڪر کي خدا تعاليٰ بدن جي مضبوطيءَ سان گڏ دل ۽ دماغ جون طاقتون بہ مضبوط بخشيون هيون، تنهنڪري ٻارهن مهينن جي اندر هن لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ چڱو مايو حاصل ڪري ورتو.

سال کن کان پوءِ هڪڙي اڱرن جي ڪاڻ جو ڪم ڪليو جتي مزورن کي سٺي مزوري ٿي ملي. بوڪر جي ماٽيجي پيءُ بوڪر کي بہ انهيءَ ڪاڻ تي مزور ڪري بيهاريو. اهو ڪم هڪڙو تہ بوڪر لاءِ مونجهاري ۽ نفرت جهڙو هو ٻيو تہ لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ سخت اٽڪاءُ ڪرڻ وارو هو تنهن ڪري بوڪر انهيءَ ڪم کان ڏاڍو بيزار ٿي پيو.

بوڪر کي جلد ئي خبر ملي، تہ ورجينا شهر ۾ شيدين لاءِ هڪڙو خيراتي اسڪول کليو آهي، جتي بورڊنگ هائوس ۽ پورهئي جو بندوبست بہ آهي. انهيءَ خبر ٻڌڻ سان بوڪر نڪا ڪئي هم نڪا تم. پنهنجي پورهئي جا ٽي چار ڊالر ساڻ ڪري، ڪتابن جو ٿيلهڙو پٺيءَ تي رکي، منيون پيڙي اٿي پڳو. اتي ورجينا پهچڻ کان پوءِ صلاح مليس، تہ تون چڱيءَ طرح لکي پڙهي ڄاڻين ٿو، تنهن ڪري هئمپٽن جي نارمل اسڪول ۾ وڃي پڙهندين، تہ توکي گهڻو فائدو ٿيندو.

هئمپٽن وارو نارمل اسڪول جنرل شئنپٽن آرم اسٽرانگ 1828ع ۾ شيدين لاءِ برپا ڪيو هو جنهن ۾ هن وقت بہ هڪ هزار کان مٿي شيدي شاگرد ۽ شاگرديائيون تعليم وٺي رهيون آهن. اتي مذهبي، اخلاقي ۽ هنري تعليم تي خاص زور آهي.

بوڪر، ورجينا کان سوين ميل پنڌ ڪري، هئمپٽن پهتو. انهيءَ مسافريءَ ۾ بک، اڃ، گرمي ۽ سيءَ جون تڪليفون تمام گهڻيون ڏٺائين. آخر هئمپٽن جي اسڪول ۾ جڏهن پهتو تڏهن مٿس ڳوٺ جا ميرا ۽ چنل ڪپڙا، مٿو ۽ پير اگهاڙا ڏسي، ڪيس اسڪول ۾ داخل ڪرڻ کان انڪار ڪيائون. هڪڙي رحمدل ماستريائيءَ، بوڪر کي تمام

هلڪڙي پگهار تي پهريدار ڪٽي رکيو. بوڪر پيرن ڪوڙڻ لاءِ ايترو ئي غنيمت سمجهيو. هن ڪي ڏهاڙي ٻه پيرا ٻهاري ڪڍڻي ۽ چار پيرا فرنيچر ڇنڊڻو ڦوڪڻو پوندو هو. هن کي ڪتاب يا ٻيو تعليمي سامان شيدي شاگردن کان آسانيءَ سان اڌارو ملي سگهندو هو جنهن ڪري هو رات جو باهه تي يا اسڪول جي ايوان وارن شمعدانن تي ۽ ڏينهن جو فرصت وقت شوق ۽ ذوق سان لکڻ پڙهڻ ۾ لڳو پيو هوندو هو. بوڪر جي ڪم جي چالاڪي، نماڻائي ۽ پڙهڻ جي شوق، ماسترن جي هنئين ۾ وڃي هنڌ ڪيو تنهنڪري ٻهاريدار مان ڦيرائي اسڪول جو چوڪيدار بڻايائونس ۽ لکڻ پڙهڻ توڙي علمي اڃايس لاءِ ٻه وڏيڪ سهولتون ڪري ڏنائونس.

ماسترن جي ٻي طمع همدرديءَ بوڪر تي ڏاڍو اثر ڪيو جنهن ڪري هو پاڻ ٻه چمار پاڻان آيرن سان همدردي ڪندو رهيو تن ڏينهن آمريڪا ۾ عام خيال اهو هوندو هو. جيئن سنڌ ۾ اڃا تائين ٻه آهي، ته لکڻ پڙهڻ سکڻ جي معنيٰ بدني پورهئي ۽ محنت کان ڇٽڻ، پر بوڪر چوي ٿو ته "لکڻ پڙهڻ سان گڏ ڪنهن هنر يا بدني پورهئي جو چاهه نه رکو پئسو پيدا ڪندو پر انسان کي خودداريءَ ۽ بدني چاقائيءَ جو انعام ٻه بخشيندو."

بوڪر پنهنجي خداداد ذهن ۽ دماغ جي رسائيءَ ڪري، چوڪيداريءَ جي وقت ۾ ايتري علمي لياقت ۽ قابليت پرائي، جو اسڪول جي ڪارپردازن هن کي نائٽ اسڪول جي چارج ڏياري، جنهن ۾ پورهيت شيدي ۽ شيدياڻيون رات جو ڪلاڪ ٻه تعليم وٺندا هئا.

بوڪر واشنگٽن لکي ٿو ته "ماستريءَ جي حيثيت ۾ مون يورپين، آمريڪا جي ڳاڙهن انڊين ۽ شيدي شاگردن کي تعليم ڏني آهي مگر شيدي شاگردن جون دماغي طاقتون جيترو جلد تعليم جون اثر جهٽين ٿيون ۽ اُسرن ٿيون، اوترو ٻين شاگردن جون نٿيون ڪري سگهن." بوڪر واشنگٽن جو هي تڪيو ڪلام هوندو هو ته "شيدين مان اُسرڻ جي اميد ڪڏهن ٻه نه لاهجو."

## ت: نارمل انڊسٽريل انسٽيٽيوٽ ٽسڪيگي

1881ع ۾ الاباما علائقي جي ٽسڪيگي شهر وارن، هئمپٽن جي اسڪول لاءِ ڪو لائق ماستر ڏياري موڪليو. هئمپٽن جي اسڪول

هلائيندڙن، بوڪر.ٽي.واشنگٽن جي پاڻهن ڏياري موڪلي: الاباما ڏاکڻين رياستن مان اها رياست آهي، جنهن ۾ شيدين جي آدمشماري پين ذاتين کان گهٽ قدر وڏيڪ آهي.

بوڪر.ٽي.واشنگٽن جڏهن ٽسڪيگي اسڪول جي چارج اچي ورتي، تڏهن اتي ٻه ڪچيون لانديون هيون، جن مان هڪڙي اسڪول طور ڪم ڪندي هئي ۽ ٻي شاگردن جي ديول طور. اسڪول واري جهوپڙي اهڙي، جو برسات وقت هڪڙو شاگرد ماستر مٿان ڇٽي جهلي بيهندو هو، تڏهن ماستر ويهي سگهندو هو.

ڪلاس جي وقت کان پوءِ بوڪر.ٽي.واشنگٽن، شاگردن کي پاڻ سان وٺيو ڪهاڙيون کنيو جهنگ ۾ ويندو هو. ڪاٺين وڍڻ، ڇلڻ، ترڻ ۽ گهڙڻ جو ڪم پاڻ به ڪندو هو شاگردن کان به ڪرائيندو هو. اهڙيءَ طرح ڪڏهن وري شاگردن کي پاڻ سان گڏ سرن وجهڻ ۽ پچائڻ جو ڪم ڪرائيندو هو. اهي ڪم، بوڪر.ٽي.واشنگٽن، هئمپٽن جي اسڪول ۾ پرايا هئا. اسڪول جي شروعات واريون پڪيون جايون فرنيچر سميت بوڪر. ٽي. واشنگٽن پاڻ ۽ سندس شاگردن ٺاهيون هيون.

## اسڪول جو فنڊ

شروع ۾ گورنمينٽ انهيءَ اسڪول لاءِ فقط ٻه هزار ڊالر گرانٽ ڏني، پوءِ خدا ترس گورن خيرات طور چندا ڏنا. بوڪر. ٽي. واشنگٽن موڪلن ۽ وئڪيشن ۾ جدا جدا شهرن ۾ وڃي تقريرون ڪندو هو ۽ چندا وصول ڪندو هو ٻه ٽي ڀيرا انگلينڊ ويو جتان تمام چڱيءَ طرح خيرات مليس. هڪڙي نامور آمريڪن فرم جي يهودي سيٺ روزن والڊ پنج هزار پائونڊ يڪمشت خيرات ڏني. اهڙيءَ طرح سال 1914ع ۾ بوڪر. ٽي. واشنگٽن جي انڊسٽريل انسٽيٽيوٽ ٽسڪيگي جو رزروڊ فنڊ سٺ لک ڊالر هو. سال 1916ع ۾ اسڪول جو ساليانو خرچ ست لک ڊالر ۽ ساليانو اپت چوڏهن لک ڊالر هئي.

## اسڪول جون هاٿوڪيون بلڊنگون ۽ ملڪيت

جيڪو اسڪول بوڪر.ٽي.واشنگٽن 1881ع ۾ ٻن جهوپڙين ۾

ڪوليو هو تنهن ۾ سال 1916ع ۾ هڪ سؤ ست پڪيون بلڊنگون هيون، جن ۾ ڪي لکڻ پڙهڻ جي تعليم جا ڪلاس، ڪي ڪيتيءَ جي تعليم جا ڪلاس، واڍڪي ۽ انجنيئرنگ جي ڪم جا ڪلاس، خاص زنانن هنرن جا ڪلاس، ڪير جون ڊيريون، ڪپهه ۽ سُٽ جي ڪتڻ جا ڪلاس، چانورن چڙڻ ۽ پيهڻ جون جايون، بورچي خانا، ماسترن جون جايون، نوڪرن جون جايون، مال جا تنبيلا ۽ وٿاڻ وغيره آهن.

شاگردن کي ڪيتيءَ جي تعليم ڏيڻ ۽ اسڪول جي آمدنيءَ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ شروع ۾ فقط هڪ سؤ ايڪڙ زمين ڏني ويئي هئي، پر هينئر ٽيهه هزار ٻه سئو پنجونجاهه ايڪڙ زمين انهيءَ اسڪول جي ملڪيت آهي، اسي ايڪڙ خاص ڀاڄين جي پوک لاءِ، اسي ايڪڙ خاص گلن جي پوک لاءِ، تيرهن سؤ ايڪڙ اسڪول جي چوپائي مال جي چراگاهه لاءِ ۽ باقي زمين جدا جدا قسم جي اناجن، ڪپهه ۽ ٻين فصلن لاءِ آهي. ڳئون، ڏاند، سوئر، گهوڙا، خچر ۽ ٽتون هزارن جي تعداد ۾ اسڪول جي ملڪيت آهن.

## شاگرد ۽ عملو

بوڪر.ٽي.واشنگٽن 1871ع ۾ ٽيهن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سان اهو اسڪول کوليو هو تنهن ۾ 1916ع ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي ائيتاليهن ئي رياستن مان آيل اٺ سؤ ڇهانوي شيدي ڇوڪر ۽ ڇهه سؤ ايڪٽيهه ڇوڪريون علم ۽ هنر سکندڙ هئا، ۽ ڪل ٻه سئو ارڙهن ماستر ۽ ماسترياڻيون هيون.

شاگردن جون ٻه جماعتون آهن: هڪڙي جماعت جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون ڏينهن جو اسڪول جي ٻنين، پڙن ۽ لاڳو جاين ۾ ڪم ڪن، ۽ رات جو ڪلاسن ۾ لکڻ پڙهڻ جي تعليم وٺن. ڏينهن جي پورهئي جي عيوض انهن کي جيڪا مزوري اسڪول جي طرفان ملي، تنهن مان انهن جو اسڪولي خرچ ڪاٽي، باقي پئسا سندن نالي بئنڪ ۾ جمع ڪرائيندا آهن. ٻي جماعت جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون هفتي ۾ ٽي ڏينهن ڪلاسن ۾ تعليم وٺن ۽ ٽي ڏينهن اسڪول سان لاڳيتن جدا جدا ڪارخانن ۾ مزوري تي ڪم ڪن. انهن جو اسڪولي

خرچ بہ سندن مزوريءَ مان ڪاٽي، باقي سندن بچت بئنڪ ۾ جمع ڪرائيندا آهن. انهيءَ ڪري ڪنهن بہ شاگرد کي اسڪول جي بلي خرچ بابت پنهنجن مائٽن کان ڪجهہ بہ وٺڻو ڪونہ پوندو آهي. جڏهن ڪوبہ شاگرد يا شاگردياڻي تعليم جو مقرر نصاب پورو ڪري، زماني جي ڏندن ۾ گڏجڻ لاءِ اسڪول ڇڏيندو آهي، تڏهن هنر ۽ علم جي حاصلات سان گڏ پنهنجي ڪمايل نقد موجودات بہ ايتري اسڪول مان ڪڍي نڪرندو آهي، جو جيسين ڪٿ وڃي پير کوڙي، تيسين پئسي بنسبت ڪنهن جو محتاج نہ رهندو آهي.

اسڪول ۾ شاگردن لاءِ فوجي طريقي سان انتظام هلائيندا آهن. جدا جدا ڪلاسن ۾ تعليم وٺندڙن ۽ ڪم ڪندڙن جون جماعتون مقرر آهن. نوي شاگردن جي جماعت مٿان هڪڙو ڪمانڊنگ آفيسر رکيل آهي. فجر جو 5 بجي جي گهنڊ لڳڻ شرط سيڪو ڪپتان پنهنجي پنهنجي جماعت کي تيار ڪري مقرر ڪم ۾ وڃي مشغول رهندو آهي. شاگردن ۾ پڙهڻ ۽ پورهئي کي لڳو رهڻ جو ايترو تہ چاهہ پيدا ٿيل آهي، جو جڏهن ڪنهن شاگرد کي سزا ڏيڻي هوندي آهي، تڏهن ان کي هڪ ڏينهن يا ٻہ ڏينهن ڪوبہ ڪم ڪرڻ نہ ڏيندا آهن، تہ اها بيڪاري شاگرد تمام بري سزا ڪري سمجهندو آهي.

1921ع تائين چاليهن ورهين جي اندر ٻارهن هزار شيدي شاگرد علم ۽ هنر سکي اسڪول مان نڪتا آهن ۽ تمام سکيو سهنجو گذران پيا ڪن.

نيو انگلينڊ علائقي جي يونيورسٽيءَ، بوڪر.ٽي.واشنگٽن کي ”ڊاڪٽر“ جو خطاب ڏنو جو تعليمي لياقت جو هڪڙو اعزازي خطاب آهي.

ڊاڪٽر بوڪر.ٽي.واشنگٽن نہ رڳو ”نارمل انڊسٽريل انسٽيٽيوٽ ٽسڪيگيءَ ۾ جي وسيلي شيدي قوم لاءِ ابر رحمت هو پر ساري آمريڪا جي شيدين جي اتحاد، تهذيب ۽ تعليم لاءِ هن ٻاهر بہ گهڻو ڪجهہ ڪيو. 1927ع تائين يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي جدا جدا رياستن ۾ ڪل ڇهہ هزار اسڪول خاص شيدين لاءِ برپا ٿي چڪا هئا، جن جو تعلق ٽسڪيگي جي فنڊن سان آهي.

1904ع "بوڪر.ٽي.واشنگٽن" شيدين جي ڪانفرنس جو بنياد وڌو جيڪا اڄ تائين ڪم ڪري رهي آهي.

ٽسڪيگي انسٽيٽيوٽ جي هٿ هيٺ ڪل ڇويهہ جماعتون آهن، جيڪي جدا جدا نمونن ۾ شيدي قوم جي بهتريءَ لاءِ ڪوششون ڪري رهيون آهن.

ڊاڪٽر بوڪر.ٽي.واشنگٽن، هر هڪ اسڪول ۾ هيٺيون عبارتون وڏن اکرن ۾ بورڊ تي هڻائي ڇڏيون آهن:

1. "جاهل ماڻهو آزاديءَ جو لائق ٿي نٿو سگهي."
2. "ڪاهل ۽ سست ماڻهو خود مختيار رهي ڪين سگهندو."
3. "سٺي چال ۽ سهڻي هلت چلت ڪان سواءِ ڪو بہ مرد رسوخ حاصل ڪري نہ سگهندو ۽ نہ ڪابہ زال اصلي معنيٰ ۾ خوبصورت ٿي سگهندي"

دنيا جو حال چال ڄاڻندڙ عالم چون ٿا، تہ دنيا ۾ ڪنهن بہ پنجاهہ ورهين جي عرصي ۾ ايتري تهذيبي ۽ تعليمي ترقي نہ ڪئي آهي، جيتري آمريڪا وارن شيدين ڪئي آهي.

آمريڪا ۾ اڃا بہ ڪي تمدني ۽ سياسي مساوات جا حق شيدين کي نہ مليا آهن، جن لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۾ خدا تعاليٰ جي مهربانيءَ سان هاڻي هو پاڻ ڏندين ڏاند آهن.

ٿورا ورهيہ ٿيا آهن، جو ڊاڪٽر بوڪر.ٽي.واشنگٽن گذاري ويو آهي، پر "نارمل انڊسٽريل انسٽيٽيوٽ ٽسڪيگي" اڃا ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو اچي ٿو ۽ ان جون جماعتون شيدي قوم جي ڀلائيءَ ۾ همہ تن مصروف آهن.

(لنڊن واري "ماءِ مئگزين" ۾ مارچ 1941ع ۽ حيدرآباد سنڌ جي "اخبار تعليم" ماه جولاءِ 1934ع تان).

باب چوٿون

## غلاميءَ جي زماني ۾ سنڌ جي شيدين جي حالت

حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن پنهنجي پاڪ زندگيءَ ۾ غريب غلامن سان جيڪو پدرانه شفقت ۽ همدرديءَ جو نمونو عمل ۾ آڻي ڏيکاريو هو سو رفته رفته ساري ايشيا کنڊ ۾ ديندار مسلمان عمل ۾ آڻيندا رهيا، انهيءَ ڪري ڪن ننڍيءَ عمر وارن غلامن کي سنڌن رئيس پٽيلو ڪري رکندا هئا، ساڻن پنهنجي اولاد جهڙو سلوڪ ڪندا هئا. غلام پنهنجن لڇڻن ۽ لياقت ڪري وڏيءَ عزت ۽ اميريءَ جي درجي کي وڃيو پهچندا هئا.

اهڙن خوش نصيب غلامن (شيدي خواه ترڪن وغيره) مان ڪن جا ڪارناما تاريخي ڪتابن ۾ مشهور آهن، جهڙوڪ: حضرت ابوبڪر صديق رضه جو آزاد ڪرايل شيدي غلام حضرت بلال رضه، جو پيغمبر ڪريم جن جي پيارن ۽ معزز اصحابن مان هڪڙو ليکجي ٿو حضرت علي المرتضيٰ رضه جو وفادار شيدي غلام قنبر رضه، غزنين جي بادشاهه الپتگين جو ترڪ غلام سبڪتگين، جو پوءِ غزنين جو بادشاهه ٿيو محمود غزنويءَ جو پيارو سلڇڻو شيدي غلام اياز محمود غوريءَ جو ترڪ غلام قطب الدين، جو دهليءَ جو پهريون پهريون مسلمان بادشاهه ٿيو هو قطب الدين جو ترڪ غلام التمش جو دهليءَ جو ترڪ غلام بلبن، جو پڻ دهليءَ جو بادشاهه بڻيو رضيه سلطانه جو پيارو سپهه سالار شيدي غلام ياقوت، علاؤالدين خلجيءَ جو نامور سپهه سالار شيدي غلام ملڪ ڪافور، احمد نگر جي نظام شاهي بادشاهن جو بهادر سپهه سالار شيدي غلام ملڪ قنبر، بيجاپور جي عادل شاهي بادشاهن جا جان نثار سپهه سالار شيدي غلام دلاور خان ۽ اخلاص خان،

سنڌ جي آخرين ڪلهوڙي حاڪم عبدالنبيءَ جو قلعه دار شيدي غلام ياقوت، جنهن پنهنجي ڇاتيءَ تي گولين جا مينهن سَنا، پر خزاني جون ڪنجيون پنهنجي هٿ سان پروچن کي نه ڏنائين، سنڌ جي آخرين ٽالپر حاڪم مير نصير خان ۽ مير شير محمد خان جو دلير فوجي عملدار هوش محمد وغيره.

جيڪي شيدي غلام سنڌ ۾ وڪجي آيا، تن ۾ اهڙا خوش نصيب غلام، جيڪي پنهنجن رئيسن وٽ پٽيلا ٿي رهيا هجن، سک سان حياتيءَ جا ڏينهن گذاريا هجن. سي ڪي ٿورا هئا، نه ته عام طرح هنن ويچارن وطن کان وڇڙڻ جي وقت کان وٺي مرڻ تائين يا آزاد ٿيڻ تائين طرحين طرحين تڪليفن ۽ عذابن ۾ گذاريو. ڪيترائي پيرسن پنهنجي اولاد سان غلاميءَ جي وقت واريون اهڙيون اهڙيون تڪليفون بيان ڪندا هئا، جن جي لکڻ لاءِ نه هٿن کي قلم هلائڻ جي طاقت آهي، ۽ نه قلم جي زبان کي لکڻ جي.

هڪڙو پيرمرد ڳالهه ڪندو هو ته اسان کي جيڪو عرب سوداگرن جو غوراب جهنگبار کان ڪٽي آيو هو سو مسقط جي بندر تي اچي بيٺو. اسان مان ڪيترن کي ته بيماريءَ جي حالت ۾ رستي تي ئي سمنڊ ۾ اڇلايو هئائون، ۽ ڪن کي بندر تي پهچڻ وقت مئل هئڻ يا مرٽينگ حالت ۾ هئڻ ڪري اتي ڦٽو ڪيائون. باقي جيڪي بچياسون، تن مان سيني مردن کي هڪڙي سيٺ جي ڪوٺيءَ تي آندائون، جو صندل تي ريشمي گاديلا وڇايو ٽنگ ٽنگ تي چاڙهيو ويٺو هو. انهيءَ غوراب ۾ جيڪي زالون ۽ ٻار هئا، تن کي ڪيڏانهن وٺي ويا، سا خبر ڪانهي. صندل تي ويٺل سيٺ، غلامن ڳڻڻ بعد حڪم ڏنو ته هنن کي وڃي ياندين ۾ داخل ڪريو. ڪجيءَ جي پترن سان اڏيل ڊگها مَنهن هئا، جن ۾ اسان کان اڳ به سوَن جي تعداد ۾ شيدي غلام بند ٿيا ويٺا هئا. روز صبح جو اهو سيٺ پڻ چئن ماڻهن سان ياندين ۾ ايندو هو ۽ غلامن کي قطار ۾ بيهاري، انهن مان جيڪي ٻه ست اٺ غلام مضبوط ۽ بدن ۾ ڳٺيل نظر ايندا هئس، تن جون ٻانهون ابتيون ٻڌائيندو هو ۽ انهن کي وٺي احاطي جي اندر ميدان ۾ پلٽي هٽائي، قطار ۾ وهاريندو هو. سندس نوڪر لوهه جون مضبوط ڊگهيون

لٺيون ڪٽيو ايندا هئا، جن چون ڇهنبون تمام تکيون ۽ سنهيون هونديون هيون. اهي لٺيون انهن ويٺلن غلامن کي مٿي جي تارونءَ ۾ اهڙي زور سان ٽنبيندا هئا، جو پار اچي نڪرنديون هيون. هر هڪ لٺ ۾ هڪڙو هڪڙو غلام اهڙيءَ طرح ٽنبجي ويندو هو جهڙيءَ طرح ڪباب پچائڻ وارو ڪباب کي لوهہ جي شيخ ۾ ٽنبيندو آهي، اتي لوهہ جون وڏيون نيون يا پراٽيون ديڳيون چلهن تي چڙهيون پيون هونديون هيون، جن ۾ پاڻيءَ جهڙي ڪا پتڙي شيءِ پيل هوندي هئي. انهن ديڳين جي منهن تي اهي لوهہ جون لٺيون رکبيون هيون، ۽ هيٺان زوردار مچ ٻرندو هو. شام جو انهن غلامن کي ڪارائيندا هئا، ۽ انهن لاشن مان جيڪا چربي وغيره ديڳن ۾ ڳرندي هئي، تنهن مان ڪا دوا ٺاهيندا هئا، جنهن بابت چيائون ٿي، تہ امير ماڻهو تمام ڳري، قيمت ڏيئي، اها دوا خريد ڪندا هئا.

سوين غلام، جي انهيءَ قتل گاهہ ۾ باندي هئا، تن کي مٿينءَ طرح تيار ٿيل آدميءَ جي ماس، ڪجور ۽ پاڻيءَ ڏاران ٻي ڪابہ شيءِ کائڻ پيئڻ لاءِ ڪانہ ملندي هئي.

باندي ٿيل غلامن جي پهريدارن مان جيڪڏهن ڪنهن پهريدار کي ڪن غلامن تي ترس ايندو هو تہ اهي ان تجويز سان انهن کي قتل گاهہ مان آجو ڪرايو سگهندا هئا، شام جو پڪل ماس جي بدران لوڻ جهڙي هڪڙي اچي شيءِ جا ٻہ ٽي ڦڪ غلامن کي پرائيندا هئا، تہ ساري رات انهن کي جلاب هلندا هئا. صبح جو اهي پهريدار سيٺ کي اطلاع ڏيندا هئا، تہ هيترا هيترا غلام رات جو بيمار ٿي پيا آهن. سيٺ هڪدم حڪم ڏيندو هو تہ انهن کي وهنجاري صفا ڪري وڃي بازار ۾ وڪڻي اچو.

انهيءَ تجويز سان انهيءَ قتل گاهہ مان ڇٽي آيل غلامن مان ٻہ ٽي جدا جدا رئيسن وٽان وڪامندا وڪامندا آخر آزاديءَ جي زماني ۾ ٽنڊي باڳي ۾ اچي رهيا، جن مان هڪڙو جنهن جو نالو نصيبو هو سو اچي پرڻيو ۽ اولادي ٿيو. ان جي پوٽن جو اولاد اڃا ٽنڊي باڳي ۾ موجود آهي.

ٽنڊي باڳي کان پنجن ميلن جي مفاصلي جي ننگهہ ڳوٺ ۾ نصير نالي هڪڙي شيديءَ تي سندس رئيس اچي ڪاوڙيو. نصير اهڙو طاقتمند ۽ پهلوان هوندو هو جو جڏهن بگڙيو بيهندو هو تڏهن ڏهہ

پندرهن تہ ان ڪي ويجهو بہ اچيو ڪين سگهندا هئا. رئيس دغابازيءَ سان ان کي زنجير سان ٻڌائي، هڪڙي ڪشادي کوتايل کوهہ ۾ ڦٽو ڪرايو ۽ ساري ڳوٺ جي ماڻهن کي حڪم ڏنائين، تيستائين ان چوکنيي ٻڌل غلام تي سروٽا ۽ پٿر وسايا، جيستائين کڏ پرجي ويئي، غلام جيئرو ئي جيئرو سروٽن ۽ پٿرن جي شاهي ڍير هيٺ دٻجي ويو.

خدا تعاليٰ جو شان ڏسو جو انهيءَ حادثي کان پوءِ ٻارهن مهينن جي اندر ساڳي ٽنگهہ ڳوٺ ۾ اهڙو مرض اچي پيدا ٿيو جو ٻن ٽن هفتن ۾ ڪي ماڻهو مئا، ۽ ڪي ڳوٺ ڇڏي ڀڄي ويا. هينئر انهيءَ پيٽيءَ تي ڳوٺڙو ڪونهي، پر چارين ۽ ڪٻڙن جو جهنگ لڳو پيو آهي، جنهن جي وچ ۾ ڪلر ڪاڏل ڏڙو حال جي زبان سان ٻڌائي رهيو آهي، تہ ڪنهن زماني ۾ ويچارا شيدي غلام ڪهڙا نہ نڏڪا هوندا هئا! اهو حادثو 41_1840ع ڌاري ٿيو هو ڇاڪاڻ جو پريا مڙس ڳالهيون ڪندا هئا، تہ نصير شيديءَ واري حادثي کان بہ ورهيہ ڪن پوءِ سنڌ ۾ انگريزن جي بادشاهي ٿي، ۽ شيدين تان هميشه لاءِ غلاميءَ جو قيد لهي ويو.

هڪڙي پيرسن مائي ڳالهہ ڪندي هئي، تہ "آءٌ غلاميءَ جي وقت جنهن رئيس وٽ هوندي هيس، تنهن جو سندس اٺ تي ڏاڍو پيار هوندو هو. صبح جو يا ٻنپهرن جو يا شام جو جڏهن بہ اٺ پنهنجي آستان تي ايندو هو تڏهن هڪڙو وڏو سونڊو گاجري سان پريل يا سگرن ڪہ پلڙن سان چوٽيارو ٿيل منهنجي مٿي تي رکندا هئا. آءٌ اهو پريل سونڊو مٿي تي کڻيو بيهندي هيس، ۽ رئيس جو اُٺ ان مان بيٺو چرندو هو. جيستائين اٺ ڍؤ ڪري پنهنجي خوشيءَ سان ويهي نہ رهندو هو تيسين مون کي مٿي تان سونڊي لاهڻ جو حڪم نہ هوندو هو. ٿيهہ ئي تاريخون مون سان اها عقوبت هوندي هئي. چاهي ڪاڙهو تتل هجي، چاهي سياري جي رات هجي."

ان مائيءَ جا پوٽا ٽنڊي باگي جي آسپاس اڃا موجود آهن. اٺ ڪنڌ نوڙائي زمين تان چارو ڪٽي کائي، سا اٺ جي لاءِ تڪليف سمجهي ويندي هئي، پر ماڻهوءَ جهڙيءَ شيءِ کي اٺ جي اڳيان ٽنپ ٻڌائي بيهارڻ خير صلاح جهڙيءَ ڳالهہ ڄاتي ويندي هئي.

سنڌ ۾ جيڪي بہ قومون رهنديون هيون، تن سيني قومن جي

شاهوڪار ماڻهن وٽ شيدي غلام رهندا هئا. مگر گهڻو انداز پروچن، سيدن ۽ پيرن وٽ هوندو هو. جيڪي خاندان ماڻهو تلهہ جا شوق يا شڪار گاهہ ۽ پهلواني ڏسڻ جي ارادي سان غلام خريد ڪندا هئا. سي انهن غلامن کي کاڌي خوراڪ ۽ پوشاڪ ۾ تمام سکيو رکندا هئا. ۽ انهن کان زماني جو پيو ڪوبہ سخت ڪم ڪونہ وٺندا هئا. باقي ٻين سيٺي غلامن کان عام طرح سردين خواهہ گرمين ۾ سخت پورهيا ورتا ويندا هئا. جيڪي شيدي غلام ٻانيٽن يا هندو سيٺن وٽ هوندا هئا. انهن جي نرمي ۽ رحمدليءَ جي گهڻي ساراهہ ڪندا هئا. اها هر طرح خاطري آهي، تہ جهڙيءَ طرح بي رحمي، نفرت ۽ ڌڪار آمريڪا وارن شيدي غلامن سان پيئي ٿيندي هئي، تهڙي سنڌ جي غلامن سان ڪانہ ٿيندي هئي.

جيڪڏهن ڪو ڀڄي ويل غلام هٿ ايندو هو يا جنهن غلام ۾ ڀڄي وڃڻ جو شڪ هوندو هو. تنهن کي ڏينهن جو سزا طور يا رات جو حفاظت طور طرحين طرحين نمونن سان ٻڌندا هئا.

غلاميءَ جي زماني ۾ ڪوبہ شيدي ڪنهن هڪڙي رئيس کان ڀڄي ويندو هو تہ پوءِ هو جتي بہ ڪنهن شاهوڪار ماڻهوءَ کي نظر ايندو هو اتان اهو شاهوڪار ان کي پنهنجو غلام ڪري وٽي پاڻ وٽ رهائيندو هو. جيڪڏهن ڪو دينداري ۽ رحمدل رئيس ڪنهن غلام کي آزاد ڪري ان کي آزادگيءَ جو پروانو لکيو ڏيندو هو تہ پوءِ ان غلام کي ڪوبہ هٿ ڪونہ لائيندو هو. غلاميءَ ۾ گرفتار ٿيل شيدي جڏهن ڪنهن آزاد شيديءَ کي ڏسندا هئا. تڏهن ان کي مبارڪون ڏيندا هئا ۽ پنهنجي حال تي رت جا لڙڪ هاريندا هئا.

ڪيترائي رئيس پنهنجن غلامن کي پنهنجون ٻانهيون پرڻائيندا هئا، جنهن ڪري انهن مان ري خرچيا غلام ۽ ٻانهيون پيون پيدا ٿينديون هيون.

پيٽ جي کاڌي ۽ اڀوري پوشاڪ ڌاران پيو ڪجهہ بہ ثمر ڪنهن غلام وٽ نہ هوندو هو. ڪنهن رئيس کان ڀڄي وڃڻ يا آزاديءَ جي پرواني ملڻ جي صورت ۾ تيسين ڪنهن غلام کي مانيءَ جو ٽڪر بہ نصيب نہ ٿيندو هو جيسين وري بہ ڪنهن وٽ وڃي غلام يا نوڪر ٿي نہ گذاريندو هو.

باب پنجون

# آزاد ٿيڻ جي زماني ۾ سنڌ جي شيدين جي حالت

## 1. اوائلي حالت

1843ع ۾ جڏهن سنڌ جي حڪومت جون واڳون انگريز سرڪار جي هٿ ۾ آيون، تڏهن سرڪار جي طرفان اوائل جي قاعدن قانونن جي پڌرائي ٿي، تن ۾ هيءُ بہ قاعدو هو تہ "غلام وڪڻندڙ ۽ رکندڙ کي قاعدي جو ڏوهاري ليکيو ويندو." انهيءَ پڌرائيءَ کان پوءِ ساري سنڌ جا شيدي ٻانها ۽ ٻانهيون ٻارن ٻچن سميت آزاد ٿيا.

عام آزادي ٿيڻ بعد گهڻا شيدي وڃي پنهنجي روءِ سوءِ ڏنڌو ڌاڙي ڪري وقت گذارڻ لڳا، ۽ ڪي پنهنجن رئيسن وٽ غلامن طرح نہ، پر ڪم خرچ نوڪرن طرح رهيا پيا هئا. ٻي ڏوها ديس نيڪالي مليل جيڻ جن ڪي غلاميءَ جي عذابن جي ڪري وطن ۾ ويڙهيچا مجبورن وسارڻا پيا، تن آزاديءَ جي بخشش ملڻ شرط هڪبٽي ڪي پنهنجو جگر ۽ عزيز ڪري چاتو. وڏن شهرن توڙي ڏهن پندرهن ڪوهن، بلڪ وڏيڪ مفاصلي جي اندر جيڪي شهر يا ڳوٺ هوندا هئا، تن ۾ رهندڙ شيدي هڪ ٻئي وٽ وڏيءَ حب سان شادين غمين تي ايندا ويندا هئا، ۽ هڪبٽي ڪي بنا ڪنهن خرچ پکي جي سنگ بند ڏيندا وٺندا هئا.

جيڪڏهن ڪوبہ آزاد ٿيل شيدي ڏتڙجي ڪنهن شيدين جي ڳوٺ ۾ سهڙندو هو تہ ويٺل شيدي ان کي پنهنجو رت عزيز ڪري سمجهندا هئا ۽ ان کي روزيءَ لڳائي بنا دير پرٽائي ڇڏيندا هئا.

ٻن ٽن ڳوٺن جا شيدي هڪ هنڌ گڏ ٿي پنهنجا پڳدار مقرر ڪندا هئا: (1) جمعدار يعني پريو مڙس يا پٽيل، (2) خليفو يا ڪوتار (3) وزير، (4) قاضي، (5) چڙيدار. جمعدار جي فيصلي کي هر هڪ شيدي بنا

وقت غلام رهيا هئا، سي خوش طبعيءَ طرح سڏيندا هئا: ”شيدي بادشاهه“! اهو اصطلاح اڄ تائين ساري سنڌ ۾ جاري آهي. گهڻا گهڻا اڳوڻا رئيس ته شيدين جي انهيءَ موج ۾ البيلائيءَ کي حسد جي نگاهه سان به ڏسندا هئا، ڇاڪاڻ جو هو هينئر تراريون الاري يا ڇهبڪن سان سٽي شيدين کان ڪوبه ڪم ونيو ڪين سگهندا هئا.

اهڙا ڪي ٿورا شيدي هوندا هئا، جي برادريءَ جي سڏ ڏاران پيو سمورو وقت پنهنجي ڏنڌي کي لڳا پيا هوندا هئا، تنهن ڪري اهي ٻين شيدين بنسبت البت سٺيا ستابا هوندا هئا.

## مسينڊو يا مگرمان

آزادگيءَ جي وقت جتي پندرهن ويهه گهر شيدين جا هوندا هئا، اتي هُو سنڌن ديس جو هڪڙو ساز تيار ڪندا هئا، جنهن کي ”مسينڊو يا مگرمان“ سڏيندا هئا. مسينڊو آزاد ٿيل شيدين لاءِ وطني فراق جي مڃ تي فرحت جو چنڊو وجهڻ وارو ساز هو. مسينڊي وڄائيندي ۽ ان تي راند ڪندي، شيدي جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، سا پاڻ ئي سمجهندا هئا. سنڌ جو ڪوبه ماڻهو اها ٻولي سمجهي ڪين سگهندو هو تنهن هوندي به، سنڌن واڄي ۾ اهڙي ڪا ڪشش رکيل هوندي هئي، جو سنڌي ماڻهو پنهنجا ڪم ڏنڌا ڇڏيو يا ننڊ آرام کي جواب ڏيو به اچيو سنڌن راند ڏسندا هئا، بلڪ ڪي ته بي اختيار ٿيو شيدين سان راند ۾ اچيو شريڪ ٿيندا هئا.

عربي ٻولي ڄاڻندڙ ماڻهو خاطريءَ سان چئي سگهندو ته مسينڊي تي يا مسينڊي سان لاڳو ٻين سازن تي شيدي جيڪا ٻولي ڪندا هئا، سا اڄ به ڪندا آهن، سا عربي ٻولي آهي، مگر زبان جي ور سبب هو درست تلفظ ڪريو نٿا سگهن. مسينڊي تي ڪنهن مهل خدا تعاليٰ جي ساراهه، رسول ڪريم ﷺ ۽ ان جي اصحاب سڳورن رضه جي واڪاڻ، قرآن شريف جا جملا، نفي ۽ اثبات وارو ذڪر ۽ ڪلمو پڙهندا هئا، ته ڪنهن مهل مڪي معظمه ۽ مديني منوره جو ذڪر ڪندا هئا. ڪنهن مهل وطن ۽ ويڙهيچا ياد ڪريو زار زار روئيندا هئا، ته ڪنهن مهل غلاميءَ جا عذاب ياد ڪريو خدا تعاليٰ کان پناهه پنندا هئا، ڪنهن

مهل وري ڪل پوڳ جهڙيون ٻوليون ٻوليندا هئا. ڪي ڪي شيدي پنهنجي اولاد کي انهن ٻولين جو مطلب ۽ مراد سنڌي ٻوليءَ ۾ به سمجهائيندا هئا.

مسيندو يا مگرمان وطن ۽ ويڙهيچن جي فراق ڦٽ لاءِ آرام ڏيندڙ ملم هڪڙي پاسي هو ته شيدين جي قومي ميلاپ ۽ محبت کي مضبوط رکندڙ ٻئي پاسي هو. هر هڪ شيدي انهيءَ ساز تي ڇڪن هوندو هو. "مگرمان" جي آواز کي ٻڌڻ شرط جو شيدي جتي هوندو هو سو اتان ڀڄي اچي وندر ۾ شريڪ ٿيندو هو. ساري ساري رات مگرمان جي وندر ۾ گذريو وينديءَ هئي، ته به مردن خواه زالن کي ڪوبه ٿڪ محسوس نه ٿيندو هو. بلڪ صبح جو بهاريءَ سان پنهنجي ڌنڌي کي وڃيو لڳندا هئا. ڪابه شادي ٿيندي هئي، ته پري پري جا شيدي خاص "مگرمان" جي وندر خاطر اچيو گڏ ٿيندا هئا. ڪاڄ واري جا رڪا سُڪا رڌل ڇانور ڪائي به ٻه آنا يا چار چار آنا ڀهت ڏيندا هئا، ته ان مان شاديءَ واري جا سڀ خرچ تريو ايندا هئا.

ڪنهن به اولياءَ جو ڏهاڙو يا ميڙو ٿيندو هو ته نزديڪ رهندڙ شيدي پنهنجو مسيندو کڻي اولياءَ جي پڙ ۾ اچي راند ڪندا هئا. انهيءَ راند ۾ شريڪ ٿيڻ خاطر پري پري جا شيدي گهڻو ڪري سڀ ڪنهن ميڙي تي ويندا هئا.

جڏهن شيدين کي پنهنجو مڪان نهرائڻو هوندو هو يا پري جا شيدي گهرائي ڪو نياءَ ڪرڻو هوندو هون، تڏهن مگرمان پاڻ سان کڻيو آس پاس گدائي ڪرڻ ويندا هئا، ۽ جام روڪڙا پئسا ۽ اناج آڻيو گڏ ڪندا هئا.

برادريءَ ۾ ٿيل ڏوهن گناهن جا گهڻا ئي فيصلا شادين جي موقعن تي ڪندا هئا، جتي چار چار پنج پنج جمعدار ۽ پيا پڳدار اچيو گڏ ٿيندا هئا.

اوائلي دور وارا آزاد شيدي پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن مسڪينيءَ ۾ پر نهايت بهادريءَ سان گذاري ويا.

## هاڻوڪي افسوسناڪ حالت

سنڌ ۾ جيڪي شيدي آزاديءَ جي عام اعلان وقت آزاد ٿيا هئا، تن مان هن وقت هڪڙو به جيئرو ڪونه رهيو آهي. انهن جو ٻهريون دور

ٻه ڪو ڇڏو پاڙو نظر اچي ٿو نه ته گهڻو ڪري هن وقت سنڌ ۾ جيڪي شيدي آهن، سي اوائل ۾ آزاد ٿيل شيدين جي ٽين، چوٿين يا پنجين پيڙهيءَ ۾ آهن.

غلاميءَ جي زماني ۾ سنڌ ۾ جيڪي مسلمان قومون ٻيٺل ۽ پهچ واريون هيون، جن وٽ شيدي غلام رهندا هئا، سي ان وقت کان وٺي هن وقت تائين جاگيرن، زميندارن ۽ ملڪيتن جون مالڪ آهن. تنهن هوندي به، زماني جي لاهن چاڙهن انهن ۾ عام طرح بي علمي ۽ بدانتظامي ايتري قدر ڦهلائي ڇڏي آهي، جو انهن ئي قومن جا سجاڳ فرد ارمان ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجين پنهنجين قومن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪوششون پيا ڪن. بلوچ قوم جا سنڌ جي آخري حڪمران مسلمان قوم هئي، تنهن جي سڌاري لاءِ ٻن ٽن سالن کان ڪوششون ٿي رهيون آهن. انهيءَ قوم جي هڪڙي زبردست ڪانفرنس، جا ڊسمبر 1933ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ٿي، تنهن ۾ پريزيڊنٽ جناب مير بنده علي خان ٽالپر ايم ايل سي صدارتي تقرير ڪندي بلوچ قوم بابت چوي ٿو: "اڄ انهيءَ ساڳي (بلوچ) قوم جي ڪهڙي حالت آهي؟ خاندانن جون خاندانيون خاڪ ۾ ملي ويون آهن. گهر گهر ۾ بي اتفاقيءَ جي باهه ٻريل آهي. ڀاءُ ڀاءَ کان، پٽ پيءَ کان جدا آهي. اتحاد ۽ الفت جو نالو نه آهي، البته شجاعت ۽ بهادري اسان ۾ اڃا به آهي، پر افسوس! جو اها به باهمي اتفاق کي ٽوڙڻ ۽ هڪٻئي جي مٿاڀوڙيءَ ۽ جهڳڙن فسادن ۾ ڪم اچي رهيا آهيون. علمي خزاني کي ته اسين اصل ئي وڃائي ويٺا آهيون. بد رسمون، بدعتون ۽ بد رواج اسان ۾ گهر ڪري ويا آهن......"

مٿين غير متعلق ڳالهه وچ ۾ آڻي وجهڻ مان منهنجو مطلب فقط هي آهي، ته پڙهندڙ تپاس ڪري ڏسن، ته جڏهن نوي ڪن ورهين جي عرصي ۾ رئيس قوم جي حال جي سچي پچي تصوير اها اچي بڻي آهي، جيڪا قابل تعظيم صدر مٿئين لفظن جي پردي ۾ پيش ڪئي آهي، تڏهن اڄڪلهه جي شيدي قوم جا نوي ڪن ورهيه اڳي مٿين رئيس قوم جي غلاميءَ ۾ هئي، تنهن جي حالت ڪهڙي نه چوڻ جهڙي بنجي چڪي هوندي!

سچ پچ اڄڪلهہ سنڌ جي شيدين جي حالت نهايت دردناڪ ۽ دل کي گهائيندڙ آهي. جيڪي عيب ۽ سقم ٻين قومن ۾ فردن فردن ڏسڻ ۾ ايندا، سي شيدي قوم ۾ مجموعي طرح ڏسبا. هتي فقط چار سقم کولي بيان ڪجن ٿا، جيڪي سيني سقمن ۽ بداخلاقين جا بنياد آهن:
(1) نفاق، (2) جهالت، (3) مسڪيني، (4) بدتهذيبي.

## 1. نفاق

آزادگيءَ جي اول زماني ۾ چند شيدي گهٽا هوندا هئا ۽ ٻسر ٿورڙا هوندا هئا، ۽ برادريءَ جي حڪمن ۾ ٻڌل رهندا هئا. جيئن پوءِ تيئن اهڙن ٻسر شيدين جو تعداد وڌندو ويو جن جا ناناڻا شيدي، تہ ڏاڏاڻا (پوءِ ظاهر ظهور يا لڪ ڇپ ۾) ٻروچ، سيد، پير ۽ ٻيون ذاتيون هجن. انهيءَ چڪر ۾ اهڙا ٻسر شيدي بہ ويا وڌندا، جن جا ڏاڏاڻا چند شيدي، تہ ناناڻا ٻسر يا ٻيون ذاتيون. اڄ ڪلهہ ساري سنڌ جي شيدين جو شمار وٺبو تہ اهڙو ڪو شيدي ورلي نظر ايندو جنهن جا ڏاڏاڻا توڙي ناناڻا چند شيدي هجن.

غير قومن سان تعلقات وڌي وڃڻ ڪري، آزادگيءَ جي اوائلي زماني وارو قومي ميلاپ ۽ محبت ويئي بگڙندي ۽ سڱن ٻندن جا تڪرار ويا وڌندا. غير قومن جي ڪوڙي هشي ۽ پنيرائيءَ سبب شيدين ۾ سچ جي وڏائي ويئي وڌندي ۽ نيات جي نافرماني ويئي زور وٺندي.

هينئر بہ وڏن شهرن توڙي ننڍڙن ڪن ڳوٺڙن ۾ اصلوڪي رواج موجب شيدين جا جمعدار، خليفا، وزير، قاضي ۽ چڙيدار موجود آهن، اڳوڻو رس، محبت ۽ فرمانبرداري بلڪل ڪانهي. نهايت عجب جهڙي ڳالهہ اها آهي، جو ڪيترائي ٻسر يا گڏا شيدي پاڻ کي شيدي سڏائڻ بہ عيب ڄاڻندا آهن، حالانڪ ستن پيڙهين تائين سندن وجود مان شيدڪي ٻج جو اثر ميٽجڻو ئي نہ آهي، ڇاڪاڻ جو شيدي قوم قدرتي طرح اصيل ذات آهي.

هينئر بہ گهڻن شهرن توڙي ڳوٺڙن ۾ مسيندا يا مگرمان موجود آهن، پر ڪيترا شيدي بي سمجهيءَ ۽ بي ڏيانيءَ سبب ان سان چاهہ نٿا رکن، حالانڪ رڇ، پولڙا، ڪتا، نور ۽ سانڍا ٻنجي نفرت جهڙين

راندين ڪرڻ ۾ فخر تا ڄاڻن. ڪن کي تہ اهڙو بک جو وڏائو ڪائي ويو آهي، جو مگرمان تي راند ڪرڻ پنهنجي بي عزتي ٿا سمجهن.

پري پري جي شيدين جو هڪ ٻئي سان ناتو ۽ محبت هوندي هئي، پر هينئر اهڙو سدورو گهر بہ مشڪل ملندو جنهن ۾ فقط گهر جا ڀاتي هڪ ڳالهہ ۽ هڪ سر ۾ هجن.

## 2. جهالت

آزاديءَ جي اوائلي زماني ۾ نہ فقط آزاديءَ کي ٿي شيدين بي بها غنيمت ڪري ڄاتو. پاڻ ۾ رس محبت سان گذارڻ ۽ ڪل خوشيءَ ۾ گهارڻ ڏاران انهن کي پنهنجي يا پنهنجي اولاد جي مستقبل بابت ڪابہ ڳڻتي ڪانہ هوندي هئي. ايترو سو ڪندا هئا، جو ڪو نہ ڪو ڌنڌو يا هنر سيکارڻ لاءِ پنهنجي اولاد تي گهڻو زور رکندا هئا. جن شيدين غلاميءَ جي وقت ۾ ڪن ديندار ۽ پڙهيلن رئيسن وٽ گذاريو هو سي پنهنجن ٻارن کي ملن مولوين وٽ بہ پڙهڻ لاءِ ڇڏيندا هئا. پر انهن ۾ پڙهي توڙ ڪرڻ وارو ڪو ورلي ٿيندو هو.

جيڪي ٻار پنهنجن مائٽن کي هميشہ ڪل خوشيءَ ۽ راند روند ۾ مگن ڏسندا هئا، سي اهڙي ڪل خوشيءَ ۽ راند روند ۾ شريڪ رهڻ جو شوق ڇڏي، ڪنهن استاد وٽ پابند رهي، ڪو علم يا هنر چڱيءَ طرح سکن، سو هر ڪوئي سمجهو ماڻهو ڇئي سگهندو تہ ناممڪن هو.

جڏهن برٽش سرڪار عام خاص جي تعليم لاءِ سنڌ ۾ سنڌي يا انگريزي اسڪول کوليا، تڏهن شيدين جي تعليم ۾ وڏو اٽڪاءُ اهي خودبين ۽ تن پرست رئيس بہ ڪندا هئا، جن کي ڪم خرچ ۽ مفت خور شيدي نوڪرين ڏاران سرندي ڪين هئي. هو ڀائيندا هئا، تہ شيدي جيئن جاهل ۽ اڻ پڙهيل هوندا، تيئن زياده انداز ۾ اسان جي درن تي پيا هوندا، ۽ پيٽ گذران لاءِ اسان جا محتاج رهندا ايندا. هو چاهيندا هئا، تہ شيدين جا ٻار نہ پڙهن تہ چڱو متان سيان ڪالهہ اسان جي اڌ پڙهيل يا اڻ پڙهيل اولاد تي فوقيت حاصل ڪري وڃن. اهڙن خودبين شخصن کي شيدين جي پڙهڻ تي حسد ۽ نفرت هوندي هئي.

اهڙا مثل بہ ڏناسون ۽ ٻڌاسون، جو شيدين پنهنجا ٻار مڪتب يا

اسڪول ۾ ويهاريا هوندا، تہ غير قوم جي ڪن ڏسٽن وائسن ماٹهن انهن کي برغلايو هوندو تہ ٻار پڙهندا، تہ بي همت، سست، ۽ بي چيا ٿي پوندا. ”هرٽي اڳيئي ڪڏٽي، باقي ٻڏائونس ڇيڙ.“

بيت: احڪم الحاڪمين جو اعليٰ،
خوف بي ترس تنهن جورک تون سدا.
تو ٻڌو ڪونہ ان اڪرم ڪم منڪم؟
انماالمومنون اخوت ڏم؟

هيئن بہ هوندو هو تہ اسڪول ۾ جيڪي شيدين جا ٻار پڙهندا هئا، تن جي بدلي جبرائي ۽ جرئت ڏسيو ٻيا ٻار انهن کان ڪؤ ڪائيندا هئا، بلڪ ڪي استاد بہ انهن کان ڊپ رکندا هئا. تنهنڪري مڪتبن يا اسڪولن ۾ پڙهندڙ شيدي ڪو ٿورو وقت اتي جاليو سگهندا هئا.

نئين زماني جي تعليم لاءِ ڪپي خرچ، جهڙوڪ: تعليمي سامان جو خرچ، صاف گندي ڪپڙي جو خرچ وغيره. انهيءَ خرچ جي سوال تہ آڦي باقي بہ مسڪين شيدين کي تعليم کان رهائي ڇڏيو.

اهڙين حالتن هيٺ سنڌ جا شيدي هن وقت سنڌ جي ٻين سيني قومن کان علم ۽ هنر ۾ تمام گهٽ آهن.

آزادگيءَ جي زماني کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، جيڪڏهن ڪي جزوي شيدي ديني يا دنيوي علمن ۾ ڪامياب ٿيا هوندا، تہ اهي قومي مجموعي جي مدنظر اتي ۾ لوڻ جي مثال آهن.

### 3. مسڪيني

آزادگيءَ جي اوائلي زماني وارن شيدين وٽ بہ عام طرح حد درجي جي مسڪيني ۽ ڪنگالپڻو هو پر اهو سهڻو ڪنگالپڻو هو ڇاڪاڻ جو پيٽ گذران لاءِ ڪنهن ٻئي تي بار ٿي ڪڏهن ڪين پوندا هئا. ٻين قومن سان سڱ بند جا واسطا بلڪل محدود هوندا هئن، تنهن ڪري جيڪي بہ ڪمائيندا هئا، سو رکو سُڪو پاڻ ۾ ونڊي ورڇي بلڪل خوش گذاريندا هئا. قرض پڪي کان بلڪل وٽئن ويندا هئا. تنهن ڪري انهن جي مسڪيني بيشڪ اها مسڪيني ليکبي هئي، جنهن

باب ڇهون

# سنڌ جي شيدي قوم جو سڌارو

شيدين جي اڄ سڌريل قوم جي جيڪا سچي پچي تصوير مٿي ڏيکاري ويئي آهي، تنهن کي ڏسندي پٺونسٽ سيڪو چوندو "چاچا، چنا، پکن گهڙن کهڙا کنا؟" پر قادر مطلق جلشانه جي غير محدود طاقت ۽ بي انت رحم ۾ اسان جو پڪو يقين آهي، ۽ سندس پاڪ ڪلام جي حرف حرف تي سچو ويساهه آهي، جنهن فرمايو آهي، تہ "لاتقنطو من رحمة الله". يعني الله تعاليٰ جي رحم ۽ ڪرم مان ڪڏهن بہ اميد نہ لاهيو.

نااميدي ڪفر آهي! بي اعتقادي ۽ بي همتيءَ جو ٻيو نالو آهي نااُميدي. دنيا ۾ اهڙو مثال ئي ڪونہ ٿيو آهي، جو سچي اِعتقاد، نيڪ نيتي ۽ همت سان ڪن انسانن ڪهڙي بہ ڏکئي ڪم کي هٿ ڳنڍيا هجن ۽ ڪاميابي سندن قدم نہ چميا هجن. اسين وڏي دل سان چئون ٿا، تہ الله جلشانه اسان کي سڌاري جا وسيلا عطا فرمائيندو. آمين!

(والله الموفق و اليه التوفيق)

سڌاري جا خاص وسيلا هي آهن: (1) تنظيم، (2) تهذيب، (3) تعليم.

**1. تنظيم**

تنظيم جي معنيٰ آهي: هڪٻئي سان همدرد ٿي، هڪ ڳالهہ ۾ رهڻ. ڪابہ قوم تيستائين پنهنجي سڌاري ۽ واڌاري جا رڳا خواب ٿي لهي، جيستائين منجهس تنظيم نہ آهي.

شيدي قوم جي تنظيم لاءِ هي ڳالهيون ضروري آهن: (الف) نيات جو انتظام (ب) مسيندو.

## الف: نيات جو انتظام

آزاديءَ جي اوائلي زماني وارن شيدين ۾ جيڪو قيادت جو دستور هو جيڪڏهن ڪنهن ٻالي ٻولي شيديءَ سان ڪو زبردست ماڻهو ڪا تڪليف ڪندو هو تہ سڀ شيدي گڏ ٿيو ان وٽ يا ان ڪان پوءِ بہ ڪنهن بالادست وٽ وڃيو پڪاريندا هئا، تہ خرچ ۾ رولڙي ڪان سواءِ ان گهڙي ۾ ان تڪليف جو تدارڪ ٿيو پوندو هو. اڄ بہ شيدين جي سڏاري جو جيڪو پهريون پهريون ضروري ڏاڪو آهي، سو آهي نيات جي دستور کي وري نئين سر قائم ڪرڻ.

جن جن ڳوٺن ۾ اڃا نالي ماتر جمعدار، خليفا، وزير، قاضي ۽ چڙيدار پشت بہ پشت هليا اچن ٿا، تن کي سجاڳ ٿي، پنهنجي برادريءَ جي فرض تي ڌيان ڏيڻو آهي. جن جن هنڌن اهو سلسلو صفا ٽٽي ويو هجي، تن هنڌن نئين سر قائم ڪرڻو آهي. درجي بدرجي ويجهين ويجهين نياتن کي پاڻ ۾ ملي، نياتي ناتو ڪشادو ڪرڻو آهي. انهيءَ مقصد کي برقرار رکڻ لاءِ وقت بہ وقت اوري خواه پري ڳوٺن جو سفر ڪرڻ ۽ پنهنجي ذات ڀاين کي هڪ هنڌ گڏ ڪري هدايتون ڏيڻ لازم ٿيندو.

## ب: مسيندو يا مگرمان

آزاديءَ جي اوائلي زماني وارن اسان جي ابن ڏاڏن ۾ ڪي شيدي نماز ۽ روزي جا اهڙا پابند هوندا هئا، جو سندن فقيري سياءَ اڳيان هنيليون قومون بہ سر نمائينديون هيون. تنهن هوندي بہ هو مسيندي جا سچا عاشق هوندا هئا.

دنيا ۾ جيڪي اصل قومون آهن، تن مان هر هڪ وٽ پنهنجو ديسي اباڻو ساز ضرور رهي ٿو. هو عبادت ۾ بہ ڪم آڻين ٿا، ۽ روح جي وندر لاءِ بہ ڪتب آڻين ٿا. جيئن تہ عربن وٽ دف، پٺاڻن وٽ رباب، انگريزن وٽ پيانو، هندن وٽ ڍڪڙ ۽ ڪنجهيون، ڪولهين وٽ ڍاڪ وغيره. تنهن ڪري شيدي جيڪڏهن مسيندي (مگرمان) کي پنهنجو اباڻو ۽ ديسي ساز ڪري ڪم آڻيندا رهندا، تہ انهيءَ ۾ ڪهڙي اربعا خطا آهي. مسيندو شيدين لاءِ رڳو نچڻ ٽپڻ جو ساز نہ آهي، پر انهن جو روحاني ساز آهي.

اسلامي اصولن جي مدنظر مسيندو چشتي طريقي جو اهو وجد ۽

حال پيدا ڪندڙ سماع جو ساز آهي، جنهن جي ٻوليل ذڪر ۾ نہ رڳو شيدين جي زبان رڌل رهي ٿي، پر سندن دل، بلڪ ننهن کان چوٽيءَ تائين سارو بدن محو ٿيو وڃي ٿو. هن ساز جي ذڪر ۾ اهڙو چقمقي اثر رکيل آهي، جو جنهن شخص ۾ شيدڪي ذات جي ڪا نچ اٽڪيل هوندي، سو جتي بہ انهيءَ ساز جي ٻولي ٻڌندو اتي انهيءَ وٽ اچي حاضر ٿيڻ کان سک ڦٽي ايندس، تنهن ڪري مسيندبو شيدين جي قومي تنظيم لاءِ نهايت ڪارگر ساز آهي. ضرورت فقط هيءَ آهي، تہ جنهن ادب ۽ پاڪائيءَ سان اسان جا وڏا مگرمان تي ذڪر ۽ وندر ڪندا هئا، تنهن ادب ۽ پاڪائيءَ ڏانهن هاڻوڪن شيدين جو ڌيان ڇڪائجي، جيڪي ذڪر ۽ ٻوليون مگرمان تي پڙهجن ٿيون، يا "موايِن" ۾ چئجن ٿيون، سي معنيٰ ۽ مراد سميت ڇاپائي پڌريون ڪجن، هر هڪ شيدي ٻچي کي انهن کان واقف رکڻ جي ڪوشش ڪجي، انهيءَ ساڳي ڍول تي قومي تنظيم ۽ تهذيب سان تعلق رکندڙ نوان ذڪر ۽ ٻوليون مگرمان تي ڪم آڻبيون رهجن.

جيڪي شريعت جا صاحب روحانيت سان ڪوبہ واسطو نٿا رکن، سي چوندا هوندا، تہ مگرمان تي ذڪر ۽ وندر ڪرڻ "بدعت" آهي، ڪنهن ساز کي ذڪر ڪندي، چوڌاري ڦرڻ "شرڪ" يا "ڪفر" آهي. انهن صاحبن کي اهو نہ ويچار ڪرڻ کپي، تہ جناب حضرت رسول ڪريم ﷺ جن پنهنجي پاڪ حرم اُم المومنين بيبي عائشہ الحميرا رضہ کي پنهنجن سڳورن ڪلهن تي چاڙهي، جنهن ساز جو تماشو ڏيکاريو هو ۽ خوش پيا ٿيا، سو ساز الحمدالله شيدين جو مسيندبو هو.

اڄ گهڻن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مگرمان موجود آهن، مگر ارمان آهي، جو شيدين رڳو ڪوڙيءَ وڏائيءَ ۽ بي سمجهيءَ ڪري انهن کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. غيرت وارا ماڻهو جن کي مگرمان جي حقيقت ۽ قدر جي ڪابہ خبر ڪانهي، تن جي بيهودين ٺٺولين کي ڏسي، جتي ڪٿي شيدين مگرمان جي وندر جو شوق ڇڏي ڏنو آهي، ۽ اهڙن اهڙن ناچن ۽ راڳن سان چاهہ وجي رکيو اٿن، جن مان ترڙائيءَ ۽ هلڪائيءَ ڏاران ٻيو ڪجهہ بہ ورتو سرتو نہ آهي.

اڄڪلهہ جي شيدين کي گهرجي، تہ پنهنجي انهيءَ اباڻي بي بها

ساز ڪي قومي تنظيم ۽ تهذيب جو ڪارگر هٿيار ڄاڻي، شوق سان ڪم آڻيندا رهن. هر هڪ شهر يا ڳوٺ ۾ مگرمان تي ٻولين ڪرائڻ وارا شيدي باقي ڳاڻ ڳڻيا وڃي بچيا آهن. تنهن ڪري نئين ٽهيءَ کي مگرمان ۽ ساٽس لاڳو سازن وڄائڻ جي تعليم ڏيڻ هر هنڌ ضروري ڳالهه آهي. هفتي يا مهيني ۾ هڪڙو دفعو يا ڪنهن وڏي ڏينهن تي، يا شادين جي موقعن تي شيدين کي مگرمان ضرور وڄائڻ گهرجي.

## 2. تهذيب

جيتري قدر قوم ۾ "تنظيم" ترقي ڪندي ويندي، اوتري قدر "تهذيب" ڦهلائڻ ۾ آساني ٿيندي ايندي. قومي تهذيب کي برقرار رکڻ لاءِ هي ڪوششون ڪرڻيون پونديون:

1. ڀنگ، چرس ۽ آفيم جي هيراڪن کي دوائن وسيلي انهن علتن کان ڇڏائڻ.
2. نئين ٽهيءَ کي نشي تي پوڻ کان پري رکڻ لاءِ خبردار ڪرڻ.
3. ٻارن جو پورهيو ڪري ٻارن ٻچن لاءِ رهنمائي ڪرڻ. ڪوبه شيدي جنهن نوڪري يا ڌنڌي ۾ لڳائڻ جو لائق هجي، تنهن کي انهيءَ نوڪريءَ يا ڌنڌي ۾ لڳائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.
4. زالن جي پورهئي تي پيٽ پالڻ کان مردن کي نفرت ڏيارڻ.
5. جهيڙي جهٽي کان پاسو ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ.
6. بي غيرتي ۽ بداخلاقيءَ جهڙين عادتن کي درجي بدرجي ٽڙي ڪيڻ لاءِ رستا هٿ ڪرڻ.
7. نماز ۽ روزي جي پابندي پيدا ڪرڻ.

## 3. تعليم

شيدين جي تعليمي سڌاري لاءِ درجي بدرجي هيٺين ڳالهين جي ڪوشش رکڻ لازمي آهي:

1. هر هڪ شيديءَ کي پنهنجن ٻارن پاڙهڻ لاءِ ٻڌل رکڻ.
2. جيڪڏهن ڪنهن شيديءَ کي ٻارن پاڙهڻ ۾ ڪي اٽڪاءَ هجن، ته انهن اٽڪائن کي دفع ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

پيارا مسلمان ڀائرو! اسلام جي واسطي ۾ اوهان، اسان ڏتڙيل ڀيرن ڀائرن سان همدردي نہ ڪئي، تہ ٻين قومن جي ڊوڙ ڊڪ ۾ اسان جي ٻي ٻهچ قوم چيچجي چچرجي وينديءَ

اسين اڀوجهہ آهيون يا ڪنگال، بيحال آهيون يا بدحال، تہ بہ مسلمان آهيون، ۽ الحمدلله، سچي دل سان مسلمان آهيون. دنيا ۾ خدا تعاليٰ جي جنهن پياري ۽ ٻانهي اول اول اسان جي نڌڪي قوم تي ترس فرمايو سي حضرت ڪريم ﷺ جن ٿي هئا، تڏهن اسين پنهنجي هن ابتر حال ۾ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي اوهان سچن عاشقن ۾ هر طرح همدرديءَ جون اميدون ڇو نہ رکون؟

فقط چار خدا ترس عيسائي انسانيت جي واسطي ۾ اتي ڪڙا ٿيا هئا، تہ اسان جي ٻي ٻهچ قوم تان غلاميءَ جا زنجير ساري دنيا ۾ ٽوڙي ڇڏيائون تڏهن جنهن پاڪ ڪلام ۾ فرمايو آهي: انما المومنون اخوت. (سڀئي مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن) ۽ هل جزاءِ الاحسان الا الاحسان (ڀلائي جو عيوضو خدا تعاليٰ جي طرفان ضرور ڀلائي ملڻي آهي) تنهن حقاني ڪلام کي مڃيندڙن ۾ اسان کي هر طرح ٽوڙڪي هر وڙجي همدرديءَ جون جهجهيون آسون اميدون آهن.

ان الله لايضيع اجر المحسنين.

(بيشڪ الله تعاليٰ احسان ڪندڙن جو اجورو ڪڏهن بہ ضايع ٿيڻ نٿو ڏي.)

## 3. پاڪستان سرڪار ڏانهن

خداوند ڪريم جلشانہ جا لکين ٿورا ۽ احسان، جو اڄ اسان جي ڏتڙيل قوم انهيءَ اسلامي حڪومت جي زير سايہ دم ڪڍي رهي آهي، جا حڪومت پاڪستان جي روح افزا نالي سان ساري دنيا ۾ مشهور آهي. جنهن صورت ۾ برٽش حڪومت ۽ انگريز قوم اسان نڌر نماڻي قوم کي غلاميءَ جي جانڪاهہ ظلمن کان آزادگي بخشي، تنهن صورت ۾ اسان کي وڏيون اميدون آهن، تہ پاڪستان سرڪار جا نج اسلامي سرڪار آهي، سا انشاءَ الله تعاليٰ اسان جي هن سوز ڀريل اپيل تي ضرور سڳورو ڌيان مبذول ڪرڻ فرمائيندي ۽ اسان جي قوم جي دلي دردن جي علاج لاءِ جوڳو تدارڪ ڪرڻ فرمائيندي.

انگريز قوم ۾ گرينول شارپ، ٿامس ڪلارڪسن، وليم ولبر فورس ۽ سر ٿامس فائووبل بڪسٽن جھڙا انسان ذات جا سچا هڏ ڏوکي پيدا ٿين ٿا. ان قوم ۽ سندن گورنمينٽ اسان جي بي پهچ ۽ مظلوم قوم کي ساري دنيا ۾ غلاميءَ جي لعنتي دولت کان آجو ڪيو. اسان جي ابوجهه ۽ ستايل قوم سان انهن جو دراصل ڪوبہ ڏرمي ناتو ڪونہ هو نکو ڪو حاڪمي ۽ محڪميءَ جو رشتو هو. فقط خداترسي ۽ انسانيت جي لحاظ ۾ انهن ڪروڙها روپيا خرچ ڪري اسان جي بي حال قوم سان بي بها همدردي ڪئي هئي.

نہ رڳو اسان کي غلاميءَ جي ذلت کان آجي ڪرڻ لاءِ، بلڪ اسان جي آمريڪا وارن آزاد ٿيل شيدي ڀائرن جي تهذيب، تعليم ۽ حقن رئي ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ بہ انهن لکها روپيا خيرات طور ڏنا هئا. غلاميءَ جي ذلت کان آجائيءَ جي نعمت انهن جي هٿان جهڙي آمريڪا وارن اسان جي شيدي ڀائرن کي عطا ٿي، تهڙي اسان سنڌ ۾ رهندڙن کي؛ پر آمريڪا وارن خوش نصيب شيدين کي تهذيب ۽ تعليم ۾ جيڪا همدردي ۽ مدد انهن خدا ترس انگريزن کان ملي، تنهن جو ڪو حصو بہ اسان سنڌ جي شيدين کي اڄ تائين نصيب نہ ٿيو آهي.

آزاديءَ جي اعلان کي صدي گذري چڪي آهي. انهيءَ عرصي ۾ اسان جي قوم تهذيب ۽ تعليم ۾ ڪيتري قدر زبون ٿي ويئي آهي، سا ساري حقيقت هن ننڍڙي ڪتاب ۾ چٽيءَ طرح عرض رکيل آهي. سنڌ خواه پاڪستان جي ٻين ڀاڱن ۾ جيڪي جيڪي قومون پاڪستان گورنمينٽ جي رعيت آهن، تن مان هر هڪ قوم پنهنجي پنهنجي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي، انهن وٽ تہ ڪجهہ ڌن دولت ۽ زماني جي طاقت موجود آهي، مگر اسان شيدين جا ڪڇن ڪنئي ڦقڙ پيا ڏسجن.

هيءَ ڳالهہ پڌري آهي، تہ ڪابہ قوم جا رعيت آهي، سا پنهنجي حاڪم جي همدردي ۽ حمايت ڌاران پنهنجي باب ۾ ڪجهہ بہ فائدي جهڙو ڪم ڪري نٿي سگهي. اسان جي قوم جا ٻين قومن کان ڌن دولت، تهذيب ۽ تعليم ۾ ٻنهہ پٺتي پيل آهي، تنهن جي واسطي پاڪستان گورنمينٽ جي همدردي ۽ حمايت ڌاران ڇا ٿي سگهندو.

جڏهن انگريز قوم خواه انگلينڊ سرڪار اسان جي نڌر نماڻي قوم

جي آزاديءَ لاءِ خاص انساني همدرديءَ ڪان ڪم وني چڪي هئي، تڏهن اسين پنهنجي اسلامي پاڪستان گورنمينٽ ۾ دلي حب ۽ سچي وفاداريءَ جي جذبي سان ۽ خواه خداوند جي پاڪ ڪلام جي حجت سان، اميدون رکون ٿا. تہ اسان جي ڪريل قوم جي تمدن، تهذيب ۽ تعليم لاءِ ادب ۽ قانون جي حد اندر جيڪي ڪوششون وقت بوقت ٿينديون رهنديون، تن کي ڪامياب ڪرڻ ۾ هوءَ اسلام ۽ خدا جي پاڪ ڪلام جي زير حڪمن خدا ترسي ۽ رحم ڪم آڻي، ڪشادي دل سان، هڙئون توڙي وڙئون مدد ڪرڻ فرمائيندي، ۽ اسين پنهنجي هاٹوڪي ابتڙ حال تي، جي رت جا لڙڪ ڳاڙي رهيا آهيون، سي پنهنجي همدردي ۽ حمايت جي رومال سان اگهڻ فرمائيندي.

## 4. آنريبل وزيرن ۽ ميمبرن صاحبن ڏانهن

آنريبل صاحبو ۽ ڪائونسل جا ميمبر صاحبو!

اوهين، جي ملڪ جي شاهوڪارن خواه غريبن جي طرفان چونڊيل عيوضي ٿي، پاڪستان سرڪار جي چرخي هلائڻ جا ذميدار آهيو تن جي سگوري خدمت ۾ اسان جي ڏتڙيل قوم جي طرفان هيءَ اپيل آهي، تہ جنهن صورت ۾ عام فائدي جهڙن ڪمن بنسبت اڄڪلهہ سرڪار جيتري قدر اوهان جي ڳالهہ تي ويچار ڪري ٿي ۽ اوهان جي ڳالهہ کي وزن ڏئي ٿي، اوتري قدر ٻئي ڪنهن جي ڳالهہ کي وزن نہ آهي.

تنهن صورت ۾ اگرچ اوهان صاحبن کي باايمان مسلمان هئڻ جي حيثيت ۾ مجموعي طرح اڳي ئي استدعا ڪري چڏي اٿئون، پر هت اوهان صاحبن کي ارڪان عظام جي حيثيت ۾ بيهر ادب سان عرض ٿا ڪريون، تہ اوهين صاحب بہ اسان جي بيحال قوم جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ آواز ڪڍو ڪرڻ فرمائيندا، تہ پوءِ انشاءَ الله تعاليٰ اسان جا ٻيڙا پار ٿي پوندا. خدا تعاليٰ انهيءَ ڀلائيءَ لاءِ اوهان صاحبن کي دهرا دان بخشيندو.

## 5. اخبارن جي ايڊيٽرن ڏانهن

معزز ايڊيٽر صاحبو!

ڪنهن بہ قوم جي مقصدن پوري ڪرڻ لاءِ اڄڪلهہ پريس

جيڪو ڪم ڏيئي سگهي ٿي، سو روئڻ پٽڻ، رڙين واڪن ڪرڻ مان ٿيڻ ناممڪن آهي. اسان جي قوم جي دردناڪ حالت، جا اوهين هن ننڍڙي ڪتاب مان پڙهي پروڙي سگهو ٿا، سا اميد آهي، ته اوهان جي حق پسند ۽ انسانيت پريل جذبي کي ضرور اسان سان همدردي ڪرڻ لاءِ تحرڪ ۾ آڻيندي. اوهان کان اسين فقط قلم جي سخا گهرون ٿا.

اوهين پنهنجين پنهنجين اخبارن ۾ اسان جي دربدر ٿيل قوم جي پنيرائي خاطر جيڪا به قلمي سخا ڪندا، سا اسان لاءِ آبِ حيات ثابت ٿيندي.

وقت بوقت جيڪي مضمون يا پڪارون اسان ڪي اخبارن جي وسيلي پڌريون ڪرڻيون پونديون، تن کي خاص رعايت سان پنهنجي پنهنجي اخبار ۾ شايع ڪري، اوهان جيڪا همدردي ڪندؤ سا ناٽي جي ٿيلهين کان به اسان لاءِ ڪارائتي ٿيندي.

خدا تعاليٰ جلشانه، اوهان کي انهيءَ ڀلائيءَ جهڙي ڪم لاءِ ڏهه دنيا ستر آخرت درجا بخشيندو.

## 6. تعليمي ڪمن تي اختيار رکندڙ صاحبن ڏانهن

تعليمي ڪمن تي اختيار رکندڙ صاحبو!

اوهين، جي گورنمينٽ جي طرفان تعليم کاتي جا اسپيڪٽنگ آفيسر، لوڪل اٿارٽيز جي اسڪول بورڊن جا ميمبر، چيئرمين، ايڊمنسٽريٽو آفيسر ۽ سپروائيزر آهيو الحمدلله. سڀ ايمان جي سلامتيءَ وارا مسلمان آهيو تن کي اسان جو باادب عرض آهي، ته اسان جي قوم، جاهليت جي غار ۾ هٿوراڙيون ڏيئي رهي آهي، تنهن جي سڌاري ۽ واڌاري تي پنهنجي اختياريءَ آهر رحم ۽ همدرديءَ جي نظر ڪرڻ فرمايو.

گهٽي دير ڪانهي، جو اسين پنهنجي پنٽي پيل قوم لاءِ تعليم جي دان پنڻ خاطر، فقيري ڪشتو کڻي، اوهان مان هر هڪ صاحب جو دروازو اچي کڙڪائيندا اسون، چاڪاڻ جو جڏهن اوهين ڪنهن تعليمي سوال سان همدردي ڪندؤ تڏهن ئي اهو سوال گورنمينٽ وٽ جلد پذيرائي حاصل ڪري سگهندو.

باب ائون

# باب غلاميءَ کان آمريڪي صدارت تائين

## آمريڪا ۾ ڪارن جي جدوجهد

آفريڪي غلام جن کي محنت ۽ مزدوريءَ لاءِ آندو ويو هو تن وائيٽ هائوس به تعمير ڪيو هو.

1619ع ۾ آمريڪين، ڪالونين جي تعمير لاءِ غلام جي حيثيت سان هڪ آفريڪيءَ کي آڻي غلاميءَ کي وڌايو ويو ۽ ان کان پوءِ اهو سلسلو ائين شروع ٿيو جو ڏسندي ئي ڏسندي غلامن جو هڪ وڏو تعداد آمريڪا ۾ آڻي آباد ڪيو ويو. هوندئن ته انهن کي سهڻا خواب ڏيکاري آمريڪا آندو ويندو هو پر هتي انهن جي زندگي پٿر جي زماني کان به بدتر هئي. روشن خياليءَ جو هاڻوڪو آمريڪي تصور جيڪڏهن انهيءَ زماني ۾ به هجي ها، ته آرين کي جيڪي مشڪلاتون بعد ۾ آيون، اهي نه اچن ها، ۽ هي صدين تائين خوشحال ملڪ رهي ها. ابراهام لنڪن، جڏهن آمريڪا جو سورهون صدر بڻيو ته هن 1861ع ۾ جڏهن غلاميءَ کي قانون جي خلاف قرار ڏنو ته امير جي طبقي انهيءَ ترميم جي ان وقت آفريڪي آمريڪين، جن جو ان وقت تمام وڏو تعداد هو قانون جي انهيءَ سهوليت مان فائدو حاصل نه ڪري سگهيا، بلڪ انهن لاءِ بهتر زندگي گذارڻ جو تصور ۽ اُمنگ اُجاگر ٿي.

آمريڪا جي تاريخ ۾ ڪارن جي آمريڪا ۾ اچڻ جو سلسلو گهڻو اڳ ملي ٿو. جڏهن آمريڪا پاڻ پولينڊ جي ڪالوني هو. ان وقت نيگرو کي غلامن جي حيثيت سان آمريڪا اچڻ جي اجازت ملي هئي، ڇو ته محنت مزدوريءَ جي حوالي سان هيءَ هڪ سخت جان قوم هئي. Sir John Hawkins پهريون انگريز هو جنهن غلام جي حيثيت سان

ڪارن کي آفريڪا مان گهرايو هو پوءِ ان جي پيروي ڪندي، ڪيترن ئي انگريزن، ڪين آمريڪا گهرائڻ شروع ڪيو. 1680ع کان 1700ع جي وچ ۾ اٽڪل 3 لک جي ويجهو غلام ان مقصد لاءِ آمريڪا آندا ويا. 1700ع کان 1786ع تائين واري عرصي ۾ رڳو جميڪا مان 10 هزار غلام گهرايا ويا. انهن غلامن کي گهٽ ڪري سامونڊي جهازن ذريعي آندو ويندو هو ۽ جهاز جو عملو جيڪو پاڻ ماڻهن جي خدمت لاءِ مقرر هو سفر دوران انهن کان جهاز ۾ ڪم وٺندو هو. آمريڪا کان سواءِ اهي غلام برطانيہ جي ٻين ڪالونين کي سپلاءِ ٿيڻ لڳا. هڪ انگريز ڪمپنيءَ کي ٻين ملڪن ۾ غلام فراهم ڪرڻ جي اجاره داري حاصل هئي. آمريڪا جي هڪ رپورٽ مطابق 1900ع تائين 88 لک 33 هزار 994 نيگرو آمريڪا اچي چڪا هئا، جو تہ پيا نسل ان مقصد لاءِ آمريڪا اچڻ لاءِ تيار هئا. نيگرو غلامن کان گهٽي ياڳي مزدوري ۽ ٻني ٻاري جو ڪم ورتو ويندوهو. ان کان سواءِ ٻين گهريلو ڪمن ۾ بہ هي ماهر بڻجي ويا.

1833ع ۾ ذڪرڻ ڪيرولينا رياست جي هڪ وڏي منڊيءَ ۾ ڪارن غلامن جي کلي عام بولي (واڪ) جو اشتهار شايع ڪيو ويو جنهن ۾ ٻڌايو ويو تہ اهي سگهارا شيدي گهريلو ڪم بہ ڪري سگهن ٿا ۽ ڪانئن ٻنين ۾ بہ ڪم وٺي سگهجي ٿو البتہ خريدار کي اڌ پئسا نقد ادا ڪرڻ پوندا ۽ باقي هڪ يا ٻن سالن جي قسطن ۾ ادا ڪري سگهجن ٿا، جنهن جو وياج وڪري واري ڏينهن کان ادا ڪرڻ جوڳو هوندو انهيءَ اشتهار ۾ عورتن ۽ ٻارن جي خريداري ۽ وڪري جو مڪمل تفصيل موجود هو ۽ اهڙا اشتهار اڪثر شايع ٿيندا رهندا هئا.

ڪاري پيءُ ۽ گوري آمريڪي ماءُ جو پٽ بارڪ حسين اوباما، جيڪو (2009ع) ۾ آمريڪي صدر آهي. رڳو چئن سالن جي عمر جو هو جو شيدين کي آمريڪا ۾ ووٽ جو حق مليو هو. ان وقت ڪنهن کي ڪهڙي خبر هئي تہ هي ڇوڪر آمريڪا جو صدر بڻبو. حقيقت اها آهي، تہ ڪيس وائيٽ هائوس تائين پهچائڻ ۾ آمريڪا جي ترقي پسند سوچ رکندڙ ڪروڙين گورن آمريڪين جو هٿ آهي. 2008ع جي چونڊن ۾ آمريڪين جي نئين نسل جي جيڪا سوچ اڀري سامهون

آئي آهي، اها رنگ ۽ نسل کان بالاتر ۽ ترقي پسند آهي. پراڻي نسل جا اهڙا ماڻهو جن 1968ع ۾ شيدين جي هيرو ڊاڪٽر مارٽن لوٿر ڪنگ (Martion Luther King) (1929ع۔ 1968ع)، (جيڪو ڪارن آمريڪين جي شهري آزادين جي حصول جي جدوجهد ۾ عدم تشدد جو حامي هو. 1964ع ۾ کيس نوبيل انعام مليو) جو قتل ڏٺو هو ۽ انهيءَ قتل کان پوءِ اُپرندڙ اونداهي منظرنامي مان واضح ٿي ويو هو تہ روشن خيالي ۽ برابريءَ جو خواب ڏسندڙ هاڻي ڪنهن بہ شيدي اڳواڻ کي آمريڪي سياست ۾ ڪا جاءِ نہ ملندي، پر مارٽن لوٿر ڪنگ جيڪو خواب ڏٺو هو اهو نسل پرستيءَ کان متاثهون ٿيل 2008ع جي صدارتي چونڊن ۾ پورو ٿي ويو ۽ انهيءَ جي تعبير کي پورو ڪرڻ ۾ جن ماڻهن، خاص طور تي گوري نسل جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي، اهو تاريخ ساز بہ آهي، ۽ انهيءَ ڳالهہ جو بہ فيصلو ٿي ويو تہ آمريڪا، آمريڪين جو آهي.

مارٽن لوٿر ڪنگ جي قتل کان پوءِ گورن ۽ ڪارن ۾ جيڪي فساد ٿيا، اهي دل ڏاريندڙ داستان هاڻي تاريخ جو حصو بنجي ويندا. مارٽن لوٿر ڪنگ اهو پهريون شيدي هو جنهن پهريون ڀيرو ڪارن جي موجودگيءَ جو احساس ڏياريو هو. ان جي کيس ڳري قيمت ادا ڪرڻي پيئي. هن پهرين ڊسمبر 1955ع تي جڏهن روزا پارڪ کي گرفتار ڪيو هو تہ پرامن تحريڪ شروع ڪئي، ۽ بسن جي سفر جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو مارٽن لوٿر ڪنگ کان اڳ ڪارا ليڊر تشدد جي رستي تي هلي رهيا هئا، هن پنهنجي جدوجهد کي پرامن رکيو ۽ عدم تشدد جو پيغام ڏنو.

1972ع ۾ هڪ ڪاري ۽ ڪانگريس جي ميمبر شيرلي بہ صدارتي چونڊن ۾ ڊيموڪريٽڪ پارٽين جي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر هوءَ ان ۾ ناڪام رهي هئي. هوءَ 1968ع ۾ ايوان نمائندگان جي رڪنيت حاصل ڪندڙ پهرين شيدي عورت هئي، ۽ هي اهو وقت هو جڏهن آمريڪي قوم ذڪر آمريڪا ۾ نسلي تعصب خلاف تحريڪ سالن جي اٿرن کان نڪري رهي هئي. 1984ع ۾ جيڪي جيڪسن بہ ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي نامزدگيءَ لاءِ ڪوشش ڪئي هئي.

انهن چونڊن ۾ ڪجهه انتهاپسندن نسلي امتياز ڪي هوا ڏيڻ لاءِ پوسٽر ۽ پمفليٽ به شايع ڪيا. جنهن ۾ اپيل ڪئي ويئي هئي، ته پنهنجي ووٽ جو ڳجهو حق استعمال ڪندي، گوري اميدوار کي ئي ووٽ ڏيو. ان مان اندازو ٿئي ٿو ته اڃا ڪي ماڻهو انهيءَ مسئلي کان ٻاهر نه آيا آهن، جنهن جو مثال چونڊن جي آخري مرحلي ۾ انهيءَ سازش جو بي نقاب ٿيڻ آهي، جنهن ۾ بارڪ حسين اوباما کي قتل ڪرڻو هو البته اها ڳالهه به واضح ٿي رهي آهي، ته هاڻي نسلي اختلاف ختم ٿي رهيو آهي ۽ ماضيءَ وانگر چونڊن جي فيصلي تي اهو ايشو اثر انداز نٿو ٿي سگهي، جو ته آفريڪي شيدي هن وقت آمريڪا جي قومي حصول ۾ مڪمل طور شامل ٿي چڪا آهن ۽ قومي معاملن ۾ گهڻي دلچسپي وٺي رهيا آهن.

(بي بي سي ۽ روزانه جنگ جي ٿورن سان)

# حصو پيو

مسافر جي ڪهاڻي – سندن زباني

بلاول هٿان مڇيءَ جي واهه ۾ ڪِسڪڻ جي ڳالهه ڪيس ٻڌائي، تہ غلام علي ڪاوڙجي، بلاول کي چڱي مار ڪيائين ۽ پوءِ ڪيس وارن مان جهلي، گِهليندو بازار ڏانهن پنڌ پيو. واٽ تي هُن کي سيد مخدوم حُر عليءَ نالي هڪڙو شخص سامهون ايندي مليو جنهن غلام عليءَ کان پڇيو تہ هُو هن ٻارڙي کي ايئن ماريندو گهليندو ڪيڏانهن وٺي پيو وڃي؟ جڏهن ڪيس پتو پيو تہ هو ٻارَ کي وڪڻڻ لاءِ وٺي پيو وڃي، تہ مخدوم حُر عليءَ بلاول کي خريد ڪيو. بلاول، جنهن جو نئون نالو گُلاب خان رکيو ويو ڏاڍيءَ ايمانداريءَ ۽ سُگهڙائپ سان اُن گهر جي چاڪري ڪندي، گهراڻي ۾ پلجي نپجي وڏو ٿيو. غلاميءَ جي خاتمي تي آزاد ٿي، هڪڙي شيدياڻي مائيءَ سان شادي ڪيائين.

محمد صديق 'مسافر'، گلاب خان جي گهر ۾ انتهائي غُربت، غلامي ۽ بيمار ماحول ۾ وڏو ٿي پرائمري اسڪول جو استاد ٿيو ۽ پوءِ 1901ع ۾ حيدرآباد ٽريننگ اسڪول ۾ استاد بڻجي ويو. اهو ٽريننگ اسڪول پوءِ ٽريننگ ڪاليج بڻيو جتي محمد صديق 'مسافر' 1921ع تائين پڙهڻ پڙهائڻ سان گڏ تحقيقي خدمتون انجام ڏنيون. انهيءَ دؤران هُن تعليمي نصاب لاءِ ڪتاب لکيا، جيڪي سنڌ سميت بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ بہ پڙهايا ويندا هئا. 1919ع ۾ محمد صديق 'مسافر' ٽنڊي باگي ۾ هڪڙي پرائمري اسڪول جي پيڙهہ رکي، جنهن کي وقت گذرڻ سان ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۽ نوشهري فيروز ڪانپوءِ سنڌ جو ٽيون مسلم هاءِ اسڪول ڪوٺيو ويو.

'مسافر' تنهن زماني ۾ ڪجهہ اخبارن ۾ ايڊيٽر جا فرض بہ انجام ڏنا. هُو 1901ع ۾ 'اخبار تعليم' جو ايڊيٽر هو. 1919ع ۾ حيدرآباد ۾ هندوئن جي هڪڙي اخبار 'برهمو سماج' جو ايڊيٽر ٿيو. اهي ٻئي اخبارون حيدرآباد مان نڪرنديون هيون. 'مسافر' 1935ع ۾ ٽنڊي باگي مان 'لاڙ گزيٽ' ڪڍي، ۽ پوءِ ڪونڙيءَ جي هڪڙي شيدي دوست، عليءَ جي سهڪار سان 'الحبش اخبار' جو بنياد رکيائين، جيڪا ڪونڙيءَ مان نڪرندي هئي.

محمد صديق 'مسافر' سنڌي ادب جو نامور شاعر بہ هو ۽ هُن سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ قدر جوڳيون خدمتون سرانجام

ڏنيون. هُن جي شاعري مسدس، رباعين ۽ غزلن تي ٻڌل آهي. هُن جي شاعريءَ جو هڪڙو مجموعو 'ڪليات مسافر' جي نالي سان آر. ايڇ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد وارن ڇپرايو هو.

اهڙيءَ طرح سنڌي نثر جي واڌ ويجهه ۾ 'مسافر' جو نالو سيني ڪان اڳرو رهندو. 'مسافر' جا ترجمو ٿيل ٻه ناول "مهروز بانو" ۽ "ممتاز دمساز" پنهنجي زماني جا مشهور ڪلاسيڪل ناول هئا، جيڪي سنڌي ادب جي نصاب طور پڙهايا ويندا هئا. چيو وڃي ٿو ته 'مسافر'، 'سنڌي ادب جي تاريخ' جي نالي سان به هڪڙو ڪتاب سهيڙيو هو جنهن کي پوءِ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ پنهنجي نالي سان ڇپرايو. محمد صديق 'مسافر' جو ڪتاب "غلامي ۽ آزاديءَ جا عبرتناڪ نظارا" پڙهڻ جوڳو آهي، جنهن ۾ آمريڪي شيدين جي آزاديءَ واريءَ جدوجهد سميت سنڌ جي غلام شيدين جي حالتن تي قيمتي تحقيقي مواد موجود آهي. حقيقت ۾ آفريڪا جي اُڀرندي ساموندي علائقن کان غلامن جي واپار بابت اهو واحد ڪتاب آهي. جيئن 'مسافر' جي لکيل ناولن جي نالن مان ظاهر آهي، ته هُو عورتن جي تعليم جو حامي هو هڪڙي اهڙي زماني ۾ جڏهن سنڌ جي مردن ۾ ئي تعليم جي سخت اڻاٺ هئي، 'مسافر'، عورتن جي تعليم بابت نه رڳو ڀرپور جدوجهد ڪئي، بلڪ ٽنڊي باگي ۾ ڇوڪرين لاءِ هڪڙي پرائمري اسڪول جو بنياد به رکيائين، جيڪو اڄ گرلز هاءِ اسڪول آهي. 'مسافر' هڪڙو ناول "حياتيءَ جا ڏوڙ" جي نالي سان لکيو يعني زندگيءَ جا ڏاڪا، جنهن ۾ عورت جي سوال تي وڏندڙ بحث ٿيل آهي. اُن ناول ۾ عورت جي سماجي قيدَ، مردن هٿان غلاميءَ ۽ سنڌن خلاف مرداڻي تعصب بابت روشني وڌي وئي آهي. 'مسافر' "سُچاڻ زالون" نالي سان ڪجهه مشهور ۽ ناميارين عورتن جي جيونَ ڪٿا به لکي آهي.

محمد صديق 'مسافر' سادو نهٺو ساڌو منش ۽ ايئن چوڻ گهرجي، ته رحمدل ۽ ٻاجهارو حبشي هو. وفا، ايمانداري ۽ نِوڙت ته ڄڻ ڪيس سُتيءَ ۾ پيل هئي. 'مسافر' ڄمڻ کان وٺي پڇاڙيءَ تائين زندگي انتهائي مُفلسيءَ ۾ گهاري ۽ ويلا ماني کائڻ لاءِ هُو اڪثر پنهنجا ادبي مسودا ڪجهه ٽَڪن عيوض وڪڻي ڇڏيندو هو. اهڙيءَ طرح تنهن زماني جا ڪيئي ماڻهو مسافر کان قلمي مسودا وٺي، اديبن ۽ دانشورن جي صِفن

۾ شامل ٿي ويا! جڏهن زماني جي ڪنورتا، زندگيءَ جون سختيون ۽ ٻڪ توڙي غربت هُن جي ڪومل دِل کي جهير ڏيندا هئا، تہ هُو پنهنجي جهوپڙيءَ جهڙي ڪمري ۾، نويڪلائيءَ ۾ مگرمان وڄائڻ شروع ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن آڌيءَ رات جو جڏهن 'مسافر' جي ڳرن هٿن سان ڌُهل تي ٿاپ ٻُڌڻ ۾ ايندي هئي، تہ شيدي وسنديءَ جي ماڻهن کي ننڊ جي مدهوشيءَ ۾ لوليءَ جو احساس ٿيندو هو. "راڳ وِديا" جي نالي سان 'مسافر' ننڍي ڪند جي موسيقيءَ تي بہ هڪڙو ڪتاب لکيو جنهن ۾ مشهور ۽ ڪلاسيڪل سُرن جو وِستار ڪيل هو. پر ڪتاب ڇپجڻ کان اڳ ئي 'مسافر' پنهنجو سفر پورو ڪري ورتو ۽ هُن جي هٿ اکرن سان اِهي خوبصورت ڪتابَ مسودي جي روپ ۾ اڄ بہ موجود آهن.

پر هاڻي جڳاڙي ۽ ضمير وڪائو سياسي ماحول ۾ ماڻهو قبرن مان مُردا ڪڍڻ جو ڦڏو تہ ڪجهہ گهڙين ۾ اُپاري سگهن ٿا، پر محمد صديق 'مسافر' جهڙي عظيم انسانَ جي واڪاڻ ۾ هڪڙو لفظ لکڻ جا بہ اهل نہ آهن. ماتليءَ جي هڪڙي ڏاهي شيدي عبدالباري قمبراڻيءَ، 'مسافر' جي ادبي تخليقات تي هڪڙو چڱو تحقيقي مقدمو لکيو هو پر افسوس عبدالباري شيدي، جيڪو پاڻ بہ 'مسافر' جي ذهني تخليق هو اهو ڪتاب ڇپجڻ کان اڳ ئي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. ۽ هاڻي شايد اهو مسودو ڪنهن تحقيقي اداري حوالي ٿي چُڪو آهي، ۽ اُن جو بہ اهو ئي حشر ٿيندو جيڪو 'مسافر' جيَ لکيل مسودن، 'سنڌي ادب جي تاريخ' ۽ 'راڳ وديا' جو ٿيو جيڪي نامَ ڳنين اديبن پنهنجي نالي سان ڇپرائي ڇڏيا.

زندگي هڪڙو ڏکوئيندڙ ۽ پيڙا ڀريو سفر آهي، آفريڪا جي جهنگن کان وٺي سنڌ جي صحرائن تائين، ڪڏهن نہ ختم ٿيندڙ ڏُکارو وهڪرو! ۽ مسافر کان وڌيڪ پلاڻن سفر کان ڪير واقف هو.

خورشيد قائم خاني

---

نوٽ: ليکڪ جي اجازت سان سندس ڪتاب "پٽڪندڙ نسل" تان هي مواد ڪتاب ۾ هڪ تعارف طور شامل ڪيو ويو آهي.

باب پهريون

## مثنوي

مسافر جو پٽ مان مسافر ٿيس،
مسافر ٿي ره عشق جي ۾ پيس.
ڪرم سان ڏنو حق صداقت ثمر،
رهيو سوپ وارو ئي ٿيندو سفر.
رهيو سو پ وارو ئي ٿيندو سفر.

### منزل پهرين: والد مرحوم جو ٻالپڻ ۾ سفر

والد مرحوم جو زادبود آفريڪا کنڊ جو مشرقي علائقو زنجبار آهي. اتي حبشي قوم جا نرالا نرالا قبيلا رهندا آهن، جن ۾ قديم زماني کان وٺي اهو جاهلاڻو دستور قائم هو جو جڏهن ڪي ٻه ٻه قبيلا ڪنهن خسيس ڳالهه تان پاڻ ۾ اٽڪندا هئا، تڏهن سندن وچ ۾ مارا ماريءَ واري جنگ لڳندي هئي. پوءِ جيڪا ڌر غالب پوندي هئي، سا مغلوب ڌر جا پڪڙيل مرد، زالون ۽ ٻار ٻاندي ڪري سامونڊي ڪناري تي اچي عرب سوداگرن جي حوالي ڪندا هئا، جي خاص طرح حبشي غلامن هٿ ڪرڻ لاءِ دريا جي ڪناري تي تنبو هڻيو ويٺا هوندا هئا ۽ سندن انتظار ڪندا رهندا هئا. حبشي قبيلن جي انهيءَ جاهليت واري دستور موجب والد مرحوم ڇهن ستن ورهين جي عمر ۾ غلام بنجي مسقط ۾ آيو.

مسقط ۾ شيخ حسين نالي هڪڙو عرب، جيڪو خاص غلامن جو واپار ڪندو هو تنهن غلامن سان پرجي آيل تازو ٻيڙو خريد ڪيو. جن غلامن ۾ مرد، زالون ۽ ٻار شامل هئا، تن ۾ والد مرحوم به هو مگر ساڻس

نہ پيءُ هو ۽ نہ ماءُ هئي، نہ ڀائر هئس ۽ نہ ڀينرون. اهڙيءَ حالت ۾ ڇهن ستن ورهين جو ٻار ڪيتري قدر جهوريءَ ۽ جهجهڙ ۾ هوندو سو سيڪوئي سمجهو انسان هينئين سان هنڊائي سگهي ٿو. هن صغير سن غلام جي ڪا خوش قسمتي چئبي، جو شيخ حسين کيس گهر جي ڪم ڪاج ڪرڻ لاءِ گهرو غلام ڪري رکيو کيس طهر بہ وهاريائين ۽ سندس نالو رکيائين: بلال.

## منزل ٻي :

بلال ساڍهہ ٻہ سال کن شيخ حسين جي گهر ۾ مس رهيو تہ شيخ حسين، غلامن جو هڪڙو وڏو ٽولو وڪري لاءِ سنڌ ڏانهن روانو ڪيو ان ٽولي ۾ صغير سن بلال بہ شامل هو. غلامن جي ان ٽولي مان ڪي ڪتي نيڪال ٿيا تہ ڪي ڪتي، مگر بلال کي ننگر ٺٽي شهر ۾ غلام علي نالي هڪڙي سنگتراش خريد ڪيو جنهن پڻ بلال کي گهرو ڪم ڪار لاءِ پنهنجي گهر ۾ رکيو. ان وقت سنڌ ۾ ٽالپرن جي حڪومت هئي.

مير باگو خان ٽالپر، جو ڪلهوڙن کان سنڌ فتح ڪرڻ وقت چئن ٽالپر سپهہ سالارن مان هڪڙو هو ۽ سنڌ فتح ڪرڻ بعد حڪومت ۾ حصيدار رهڻ جي بدران لاڙ ۾ جاگيردار ٿي رهڻ لاءِ رضامند ٿيو ۽ ٽنڊو باگو شهر ٻڌائي، اتي پنهنجي ڪٽنب ۽ عملي سان اچي رهيو هو تنهن جي وفات ڪري ان جي وڏي فرزند مير وليہ خان ٽالپر ٽنڊي باگي ۾ پنهنجي نئين ڪوٽ ۽ ديري ٺهرائڻ لاءِ ننگر ٺٽي مان سنگتراش گهرايا هئا.[1] انهن سنگتراشن ۾ ميان غلام علي سنگتراش بہ شامل هو. مير وليہ خان جي ڪوٽ ۽ ديري جي ڪم پوري ٿيڻ تائين ميان غلام علي سنگتراش ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ننگر ٺٽي جا ڪاريگر پنهنجن ٻارن ٻچن سميت ٽنڊي باگي ۾ عارضي طرح باگي واهہ جي ڪناري تي تنبو

---

[1] مير وليہ خان ٽالپر جو نئون اڏايل ڪوٽ ٽنڊي باگي شهر ۾ انهيءَ پيٽيءَ تي هو جنهن پيٽيءَ تي هينئر مير غلام محمد اينڊ لارينس مدرسہ هاءِ اسڪول جي بلڊنگ آهي. انهيءَ ڪوٽ جي ٻاهران مير وليہ خان جيڪا مسجد ٺهرائي هئي، سا انهيءَ ساڳيءَ پيٽي تي هئي، جنهن پيٽيءَ تي هينئر لارينس مدرسہ جي مسجد اڏيل آهي. مير وليہ خان اهو نئون ڪوٽ 1806ع ۾ ٺهرايو هو.

پئي گفتگو ڪئي. ڏنائين تہ ميان غلام علي سنگتراش هڪڙي حبشي ڇوڪر کي ڪن ڪان جهليو بازار ڏانهن وٺيو پيو وڃي ۽ ڇوڪر جون دانهون پونديون وڃن. مخدوم صاحب، غلام عليءَ کان پڇيو تہ هن ڇوڪر ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي، جنهن کي ڏر تنيءَ جو گهليندو پيو وڃين؟ جواب ڏنائين تہ منهنجو غلام آهي، بازار ۾ وڪڻڻ لاءِ وٺيو ٿو وڃانس. مخدوم صاحب کي غلام ڇوڪر جي گهرج هئي، سو جيڪي پئسا ميان غلام علي چيا، سي بروقت ان کي ڏنائين ۽ بلال ڇوڪر کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري حويليءَ ۾ وٺي ويو.

مخدوم صاحب جي بيبي نهايت رحمدل ۽ خدا ترس انسان هئي، تنهن بلال کي دلداريون ڏيئي ماٺ ڪرائي ۽ پنهنجو پٽيلو غلام ڪري گهرو ڪم ڪار لاءِ رکيائونس. مخدوم صاحب جن وٽ بلال تمام سکيو ۽ خوش گذاريندو رهيو.

مخدوم حر عليءَ کي ڪوبہ اولاد ڪونہ هو. بيبي صاحبہ پنهنجي صغير غلام بلال کي پنهنجو ٻچو ڄاڻي سنڀاليندي هئي. مخدوم صاحب خواهہ بيبي صاحبہ جن بلال کي ذڪر ۽ نماز جي تعليم جي عادت ننڍي هوندي کان وڌي، جا عادت وفات جي وقت تائين منجهس قائم رهي. تنهن کان سواءِ اُٺ ويهہ جا ادب ۽ اخلاق بہ تمام چڱيءَ طرح سيکاريائونس.

هڪڙي ڀيري بلال سخت بيمار ٿي پيو. اُن جي صحت لاءِ ٻين حيلن سان گڏ بيبي صاحبہ مخدوم صاحب کي بلال جي نالي مٽائڻ جي بہ صلاح ڏني. مخدوم صاحب، بيبي صاحبہ جي اها صلاح قبول ڪري، بلال جو نالو مٽائي رکيو گلاب.

گلاب بہ سچي ايمانداري ۽ ادب سان مخدوم صاحب جي خدمت ۾ گذاريندو رهيو. گلاب جڏهن جوان ٿيو، تڏهن مخدوم حر علي صاحب هڪڙي نوجوان حبشياڻي خريد ڪري، ان سان گلاب جو نڪاح ڪرايو. ان مائيءَ جو نالو سليمت هو. مخدوم صاحب جي اوطاق جو ڪم ۽ حويليءَ جو ٻاهريون ڪم ڪار گلاب جي حوالي هوندو هو ۽ حويليءَ جو اندريون ڪم ڪار مائي سليمت جي بلي هوندو هو.

## منزل چوٿين : آزادي

1843ع ۾ جڏهن سنڌ انگريزن فتح ڪئي، تڏهن انگريز سرڪار جي طرفان عام اعلان ٿيو تہ غلامن جي خريد و فروخت قانوني ڏوهہ آهي، تنهن ڪري جن جن ماڻهن وٽ ٻانها ۽ ٻانهيون هجن، سي هڪدم انهن کي آزاد ڪن. انهيءَ اعلان موجب ساري ملڪ ۾ حبشي غلام آزاد ٿي پيا ۽ سيڪو حبشي پنهنجي مرضيءَ موجب پنهنجي منهن سر پيٽ گذران لاءِ ڪو نہ ڪو ڌنڌو ڪندو رهيو. انهيءَ سرڪاري اعلان موجب مخدوم حر علي صاحب، گلاب کي غلاميءَ کان آزاد ڪيو ۽ ان سان پنهنجي همدرديءَ جو ناتو قائم رکيائين. گلاب کي پنهنجي جاءِ جي ڀرسان هڪڙي جدا جاءِ ٺهرائي ڏنائين، جنهن ۾ هو پنهنجي ٻهرينءَ زال ۽ ٻارڙن سان رهندو هو. پنهنجي گذران لاءِ جاين راڱڻ جو ڪم ڪندو هو ۽ وقت بوقت مخدوم صاحب کي نمڪ حلال نوڪر وانگر ڪم ڪار لاءِ سڄ سان سڄ پيو ڏيندو هو.

جڏهن مخدوم حر علي صاحب وفات ڪئي، تڏهن سندس ٻيبي صاحبہ ۽ ٻيا عزيز ٽنڊي باگي مان لڏي مخدومن جي ڳوٺ ۾ وڃي رهيا، جيڪو ڳوٺ اجا تائين قتل حالت ۾ ٽنڊي باگي کان تلهار ڏانهن ويندڙ شاهي رستي تي آهي ۽ مخدومن جو ڳوٺ سڏبو آهي. ان ڳوٺ ۾ اجا بہ مخدومن جو هڪڙو گهر موجود آهي، مگر منجهن وڏن وارڙي بزرگي ۽ خداترسيءَ جي بوءِ بہ ڪانهي.

> ويا سي وينجهار هيرو لعل وڻڌين جي.
> تنهين سندا پوپان، سيهي لهن نہ سار
> ڪٽين ڪٽ لوهار هاٽي انهين پيٽئين.
> (شاهہ)

## منزل پنجين : برادريءَ جو مکڻ

سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت شروع ٿيڻ ۽ غلاميءَ جي سرشتي بند ٿيڻ بعد جيئن ٻين شهرن ۾ تيئن ٽنڊي باگي ۾ سيني آزاد ٿيل حبشين پنهنجي پنهنجي جماعت قائم ڪئي ۽ پاڻ مان هڪڙو شخص چونڊي، تنهن کي پنهنجو اڳواڻ مقرر ڪيائون، جنهن کي

جمعدار يا مکي سڏيندا هئا. مکي وري ساري برادريءَ مان چار همراهہ پنهنجا صلاحڪار چونڊيندو هو. هڪڙو وزير، ٻيو قاضي، ٽيون خليفو چوٿون چڙيدار. برادريءَ ۾ شادين ۽ غمين جي موقعن تي سڀ انتظام انهن ٻرين مڙسن جي هٿ ۾ هوندو هو ۽ برادريءَ جا گهرو تڪرار بہ اهي ٻريا مڙس سڀيئي ڀائر گڏ ڪري تن جي وچ ۾ فيصلو ڪندا هئا ۽ ڏوهيءَ کي ڏنڊ يا ٻي مناسب سزا ڏيندا هئا. اهو انتظام گهٽ ۾ گهٽ ٽي شهرن خواه ٽنڊي باگي ۾ اڃا قائم آهي.

آزاديءَ جي زماني شروع ٿيڻ شرط ٽنڊي باگي جي حبشين جيڪو پنهنجو پهريون جمعدار يا مکي، مقرر ڪيو هو ان جو نالو بہ گلاب هو. ان کي چوندا هئا وڏو گلاب ۽ والد مرحوم کي سڏيندا هئا ننڍو گلاب. وڏو گلاب هڪڙو نيڪ دل درويش صفت پيرمرد هوندو هو. ان کي اولاد ڪونہ هو. والد مرحوم (ننڍو گلاب) ان جي خدمت چاڪري ڪندو هو. جڏهن وڏي گلاب وفات تي ڪئي، تڏهن ڳوٺ جي سڀني چڱن مڙسن کي پاڻ وٽ گهرائي وصيت ڪيائين، تہ "منهنجي وفات کان پوءِ جمعداريءَ جي پڳ ننڍي گلاب کي ڏجو."

وڏي گلاب جي وفات کان پوءِ ٽنڊي باگي شهر ۽ آسپاس جي ڳوٺن ۽ شهرن جي حبشي ڀائرن ٽنڊي باگي ۾ گڏ ٿي، شهر جي برادريءَ جي جمعداريءَ جي پڳ ننڍي گلاب (والد مرحوم) کي ٻڌائي. ان وقت کان وٺي نہ رڳو حبشي قوم جا ڀائر بلڪ ٻين سڀني قومن جا چاڻ سڃاڻ وارا ماڻهو ڪيس مکي گلاب يا جمعدار گلاب سڏيندا هئا.

## منزل ڇهين : ٻي شادي

والد مرحوم جي زبان جي ڳالهہ آهي، تہ سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت شروع ٿيڻ وقت سندس عمر پنجاهہ ورهين کي نزديڪ هئي، انگريزن جي حڪومت شروع ٿيڻ کان ڏهہ سال کن پوءِ والد مرحوم جي پهرين زال مائي سليمت وفات ڪئي. والد مرحوم کي سليمت مان پٽ توڙي ڌيون جملي ارڙهن ٻار ڄاوا هئا، پر اهي سڀ ننڍي هوندي ئي وفات ڪندا ويا. ارڙهن ٻار ڄڻڻ بعد مائي سليمت سوانجي ۾ ئي وفات ڪئي.

مائي سليمت جي وفات کان پوءِ جلد ئي وڏي گلاب جمعدار والد

مرحوم کي پنهنجي برادريءَ مان مائي بيگم نالي هڪڙيءَ ڪنواريءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪرائي. ان گهر مان والد مرحوم کي پٽ ۽ ڏيون جملي ٻارهن ٻار ٿيا، جن مان هن وقت فقط راقم الحروف نيازمند (مسافر) پنهنجي اولاد سميت زنده آهي.

## منزل ستين : والد مرحوم جي آخرين منزل

آزادي ملڻ کان پوءِ جيئن هر هڪ حبشي ڪنهن نہ ڪنهن ڌنڌي ۾ لڳي ويو. تيئن والد مرحوم پهرياڻين چاين راڳڻ جي ڌنڌي ۾ مشغول رهيو پر جلد ئي پيهن ڪٽڻ جي ڌنڌي کي لڳو جنهن ڌنڌي ۾ پڇاڙيءَ تائين لڳو رهيو. هن وقت ٺٺيءَ باگي ۾ پيهن ڪٽڻ جو ڪوبہ ڪارخانو ڪونهي، پر ان وقت شهر ۾ بہ وڏا ڪارخانا خواجن جا هئا، جن مان هر هڪ ۾ ٻہ ٻہ يا ٽي ٽي پيهن ڪٽڻ جا اُکر هوندا هئا. انهن اُکرن کي پيرن سان هلائڻ لاءِ طاقتمند ماڻهن جي گهرج هوندي هئي. والد مرحوم کي خدا تعاليٰ بدني طاقت ۽ صحت اهڙي بخشي هئي، جو وفات جي بيماريءَ وارن ڇئن پنجن ڏينهن کان سواءِ هڪڙو ڏينهن بہ بنان ڌنڌي گهر ۾ نہ ويٺو.

والد مرحوم روزانو فجر جو اٿي ذڪر ڪندو هو ۽ نماز پنج ئي وقت پڙهندو هو. جا سُتي نئيي هوندي کان ئي مخدوم صاحب مرحوم کان مليل هيس. سندس نهٺائي، سادگي، ۽ همدرديءَ جون ڳالهيون شهر جا وڏي عمر وارا ماڻهو اڄ تائين ڳائيندا رهن ٿا. والد مرحوم تاريخ 9 ربيع الثاني 1305هہ (مطابق 1888ع) ۾ جمعي جي فجر جو وفات ڪئي. وفات ڪرڻ وقت ست ٻار ڇڏيائين. پنج نياڻيون (جن مان هڪ نياڻي شادي ڪيل) ۽ ٻہ پٽ، جن مان هڪڙو راقم الحروف نياز مند (مسافر) ۽ ٻيو ابراهيم. والد مرحوم جي وفات وقت سندس عمر اسي ورهين کان مٿي هئي. ان وقت منهنجي عمر نوَ سال ۽ منهنجي ننڍي ڀاءُ ابراهيم جي عمر ٻہ سال هئي. پنجن ڀينرن مان چار مون کان وڏيون هيون ۽ پنجين منهنجي پٺ جي هئي. هن وقت انهن ستن ٻارن مان فقط آءٌ پنهنجي اولاد سميت حياتيءَ جون منزلون طي ڪري رهيو آهيان.

جي اڳيان آيو ۽ ان کي اچي چيائين ته "امان بيگم! توکي مبارڪون هجن، گلاب جمعدار جي پڳ هن ننڍڙي صديق کي ٻڌائي اٿئون. جيسين هي وڏو ٿيو ۽ لائق ٿئي، تيسين برادريءَ جي ڪمن ڪارين فيصلن ڪرڻ جي واڳ تنهنجي ڀاءُ عارف جي حوالي ڪئي اٿئون." ان وقت مون سمجهيو ته مون کي منهنجي والد مرحوم واري جمعداريءَ جي پڳ ٻائرن ٻڌائي آهي.

مڪتب ۾ قرآن شريف پڙهي پوري ڪرڻ بعد ان وقت جي دستور موجب ابو الحسن جي سنڌي جو سبق ورتم. هڪ سال کن پوءِ به مڪتب ۾ گذارڻ بعد تاريخ پهرين آگسٽ 1893ع تي ماما حاجي عارف مرحوم مون کي مڪتب مان حافظ صاحب کان موڪلائي سنڌي اسڪول ۾ اچي داخل ڪيو. ان وقت منهنجي عمر چوڏهن سال کن هئي.

ٽنڊي باگي جي سنڌي اسڪول جو هيڊ ماسٽر ڏيپارجا تعلقو مورو جو ويٺل مسٽر ويساک سنگ نالي خالصو هو جو نهايت صاف دل ۽ بي تعصب شخص هو. ان مون کان سنڌي پهرئين ڪتاب ۽ ٻئي ڪتاب جا سبق پڙهايا، ته ٻنا اٽڪ پڙهي ويس ۽ ڪي لنظ لکايائين ته لکي ڏيکاريامانس، تنهنڪري منهنجو نالو ٻئي درجي ۾ داخل ڪري فقط حسابن سيکارڻ تي خاص طرح زور رکيائين. ڊسمبر 1893ع ۾ اسڪول جو ساليانو امتحان ٿيو ته ٻئي درجي جي ڪلاس ۾ پهريون نمبر پاس ٿيس.

جنوري 1894ع ۾ ٽئين درجي ۾ داخل ٿيس، ته مسٽر ويساک سنگ بدلي ٿي ويو وري ڪوڪر تعلقي ٽنڊي الهيار جو ويٺل مسٽر مولچند لعلچند صاحب هيڊ ماسٽر ٿي آيو جيڪو صاف دليءَ ۽ غربا نوازيءَ ۾ مسٽر ويساک سنگ کان به ڪي رتيون ڪٿر هو. ڊسمبر 1894ع واري ساليانې امتحان ۾ اُن ٽئين ۽ چوٿين درجي جو گڏي امتحان ڏياريو ته پهريون نمبر پاس ٿيس. ڊسمبر 1895ع ۾ پنجون درجو پاس ڪيم. پوءِ وري ڪوڪر تعلقي ٽنڊي الهيار جو ويٺل ٻيو جهونو ماسٽر مسٽر سهجرام[3] صاحب آيو جيڪو سنڌي ادب ۾ ته تمام هوشيار هو پر پارسي به چڱي ڄاڻندو هو. ان صاحب مون کي ڇهين درجي ۾ چار روپيه پگهار سان

---

[3] هي اهو صاحب آهي جنهن جي ٺاهيل سنڌي ڊڪشنري "سهج ڪوش" سنڌ جي اديبن ۾ چڱيءَ طرح مشهور آهي.

اسڪول ۾ پيوپل ٽيچريءَ جي جاءِ به وٺائي ڏني ۽ ورنيڪيولر فائنل امتحان جي تياري ڪرائڻ سان گڏ پارسيءَ جو سبق به ڏيندو رهيو.

سيپٽمبر 1896ع ۾ ورنيڪيولر فائنل امتحان تي ويس ۽ خدا تعاليٰ جي فضل سان پاس ٿيس.

## ٻي منزل : ابتدائي نوڪري

ورنيڪيولر فائنل امتحان ۾ پاس ٿيڻ جي تسلي ٿيڻ تي مسٽر سهجرام صاحب جي معرفت ضلعي جي ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب کي نوڪريءَ لاءِ درخواست ڪيم. تنهن تي ٽنڊي آدم جي سنڌي اسڪول ۾ نائب ماسٽر مقرر ٿيڻ جو حڪم اچي پهتو. مسٽر سهجرام صاحب هدايت ڏني، ته "هيڪر حڪم جي تعميل ڪري مقرريءَ جي جاءِ تي ضرور وڃڻ گهرجي، پوءِ بدلي ڪرائڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانهي." انهيءَ هدايت موجب فيبروري 1897ع جي پهرين تاريخ ٽنڊو آدم وڃي نوڪريءَ تي دخيلڪار ٿيس. خوش قسمتيءَ سان اتي جو هيڊ ماسٽر صاحب مرحوم آخوند عبدالرحيم صاحب حيدرآبادي هو جيڪو مشهور خوش طبع، يار ويس ۽ خانداني علم دوست شخص هو ۽ پينشن وٺڻ کان پوءِ حيدرآباد مان "جعفر زٽلي" نالي جيڪو ماهوار رسالو جاري ڪيو هئائين، ان رسالي جي نزاڪت ان وقت جي علم دوستن کي هرگز وسرڻي نه آهي.

اسڪول سان شامل جيڪا ماسترن جي رهڻ جي خانگي جاءِ هئي، تنهن ۾ به پرديسي نائب ماستر اڪيئي هيڊ ماستر صاحب سان گڏ رهندا هئا. مون کي به هيڊ ماستر صاحب ان جاءِ ۾ پاڻ سان رهڻ ۽ گڏجي رڌڻ پچائڻ ۽ کائڻ پيئڻ جي اجازت ڏني. اتي کائڻ پيئڻ ۽ رس رهاڻ جي ڪري ته تمام خوش وقت گذريو تي، پر مسٽر سهجرام صاحب ٽنڊي باگي واري استاد، جا پارسي جي چاش چکائي ڇڏي هئي، تنهن جي اثر ڪري "دو وايو"، "ته وايو" ۽ "پند نامہ سعدي"، اهي ٽيئي ڪتاب ساڻ هئم. جن مان مرحوم مسٽر عبدالرحيم صاحب کان فرصت جي وقت ڪجهه پڇندو هوس، ته خوشيءَ سان سمجهائي ڏيندو هو ۽ پارسيءَ جي اپياس لاءِ چڱيءَ طرح همٿائيندو هو.

ڊسمبر 1897ع ۾ ضلعي جو ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب مرحوم ميرزا صادق علي بيگ صاحب ٽنڊو آدم ۾ آيو ان کي پنهنجي وطن ڏانهن بدلي ٿيڻ بابت عرض ڪيم. مرحوم آخوند عبدالرحيم صاحب هيڊ ماستر بہ چڱيءَ طرح سفارش ڪئي، تنهن ڪري مرزا صاحب مرحوم منهنجي بدلي ڳوٺ سنجاپور تعلقي ٽنڊو باگي جي اسڪول ۾ هيڊ ماستريءَ جي جاءِ تي ڪئي.

سنجاپور ڳوٺ، ٽنڊو باگي کان ٽَوَ ميل کن پري هو. اتي جو زميندار رئيس ٺارو خان جمالي بلوچ، جنهن جي ڪوشش سان اسڪول جاري ٿيو هو تنهنجا پٽ، پاڻتيا ۽ عزيز ڇوڪر اسڪول ۾ پڙهندا هئا. تنهن ڪري کاڌو پيتو مفت ۾ ملندو هو ۽ جڏهن ڳوٺ اچڻ جو خيال ٿيندو هو تڏهن وهٽ بہ ملندو هو. رئيس ٺاري خان جو ڳوٺ سنجاپور کان ميل کن پري هوندو هو. شام جو اسڪول بند ڪري ان ڳوٺ جي ڇوڪرن سان گڏجي اوڏهين ويندو هوس. صبح جو وري نيرن ڪري، ڇوڪرن سان گڏجي، اسڪول کوليندو هوس. ٻنپهرن جي ماني ڇوڪرن جي مانيءَ سان گڏ ايندي هئي. سانجهي، سومهڻي ۽ فجر نماز رئيس ٺاري خان جي ڳوٺ واري مسجد ۾ پيش امام ٿي پڙهائيندو هوس. وڏن شاگردن کي نماز سيکاريندو هوس ۽ پاڻ سان گڏ نماز پڙهائيندو هوس، تنهن ڪري رئيس ٺارو خان خواه ٻيا آسپاس جي ڳوٺڙن جا ماڻهو تمام خوش رهندا هئا.

جيڪو وقت آءٌ سنجاپور ۾ رهيس، تنهن وچ ۾ مولوي محمد سليمان نظاماڻي تلهار جي آسپاس جو رهاڪو ٽي چار ڀيرا سنجاپور ۾ آيو هو جو سنجاپور جي رنگريزن، ٻہ وارن ٽالپرن ۽ ٻين ٻہ وارن ڳوٺڙن جي ماڻهن سان گهڻي سيند ملوڪت هوندي هيس. مولوي صاحب جيڪو وقت اتي رهندو هو، سو وقت ڏينهن جو ٽي چار ڪلاڪ منهنجي اسڪول ۾ اچي رهندو هو ۽ پارسي بيت جي برزبان هوندا هئس، سي پڙهندو ۽ انهن جي معنيٰ مون کي سمجهائيندو هو ۽ ڪي بيت مون کي سمجهائيندو هو ۽ ڪي بيت مون کي لکائيندو بہ هو. تنهن کان سواءِ شريعت جا ڪيترائي اصول ۽ عقيدا بہ سمجهائيندو هو.

مولوي محمد سليمان صاحب جي صحبت ۽ رهاڻ مان هڪڙي

پاسي مون کي پارسي پڙهڻ جو شوق گهڻو پيدا ٿيو. ٻئي پاسي قرآن شريف جي معنيٰ ۽ شرعي اصولن مان وڌيڪ واقف ٿيڻ لاءِ بي آرامي پيدا ٿي، ته ٽئين پاسي شعر سازيءَ جو اشتياق جاڳيو. چاڪاڻ جو مولوي صاحب پنهنجا ناهيل پارسي ۽ سنڌي بيت به گفتگو ڪندي گهڻي قدر ٻڌائيندو هو. انهن جذباتن ڪري ئي مون کي ٽريننگ ڪاليج ۾ تعليم وٺڻ لاءِ گهڻو چاهه پيدا ٿي پيو.

انهن ڏينهن ۾ ڪاميٽي امتحان پاس ڪيل ماستر وري پيو امتحان ٽريننگ ڪاليج ۾ اچي ڏيندا هئا، جنهن کي داخلا جو امتحان سڏيندا هئا، پوءِ جيڪي اميدوار امتحان ۾ پاس ٿيندا هئا، تن کي ٽريننگ ڪاليج جي پهرئين سال ۾ اچي تعليم وٺڻ جي اجازت ملندي هئي. سنجاپور ۾ نوڪري ڪندي داخلا جي امتحان جي تياري به پيو ڪندو هوس. آخر ڊسمبر 1897ع ۾ داخلا جو امتحان پاس ڪيم ۽ ٽريننگ ڪاليج ۾ تعليم وٺڻ جو حڪم اچي مليم. تنهن ڪري نوڪريءَ تان استعفيٰ ڏيئي، جنوري 1899ع جي شروع ۾ اچي ٽريننگ ڪاليج جي پهرئين سال جي ڪلاس ۾ داخل ٿيس.

## ٽين منزل : ٽريننگ ڪاليج ۾ تعليم

### الف: پارسيءَ جي تعليم

ٽريننگ ڪاليج جي پهرئين سال جي ڪمن ۾ پارسيءَ جا ٽي ڪتاب رکيل هئا: (1) آغاز فارسي، (2) پند نامه سعدي ۽ (3) پارسي آموز (گرامر). آغاز پارسي ۽ پند نامه سعدي ته اڳيئي منهنجا چڱيءَ طرح سمجهيل ۽ حل ڪيل هئا، تن سان گڏ دو وايه، ته وايه ۽ آمد نامه به چڱيءَ طرح سمجهيل هئم. تنهن ڪري پارسي آموز حل ڪرڻ ۾ مون کي ڪابه ذڪيائي ڪانه ٿي. ان وقت جي پارسي ماستر مرحوم قاضي اميد علي صاحب گل انداز حيدرآباديءَ ڏاڍا لائق ڪيا، جو مون کي "گلستان" ۽ "بوستان" ڪتابن پڙهڻ جي صلاح ڏنائين، جي ٻئي ڪتاب ٽريننگ ڪاليج جي ٻئي سال ۾ پڙهڻا هئا. اهي ٻئي ڪتاب خانگي طرح پڙهيم ۽ جتي ڪا مشڪلات ٿيندي هيم، اتي مرحوم قاضي صاحب کان سندس واندڪائيءَ وارن پيرڊن ۾ يا موڪل جي

ڏينهن سندس اوطاق تي وڃيو ڪانئس سمجهاڻي وٺندو هوس. پوءِ مرحوم قاضي صاحب جي هدايت موجب به لغت جا ڪتاب (هڪ ڪريم اللغات ٻيو غياث اللغات) ڪاليج جي لائبريريءَ مان وٺي، پاڻ وٽ رکيم. ۽ لئبريريءَ مان جدا جدا پارسي ڪتاب (نثر ۽ نظم جا) واري وٽيءَ تي وٺيو ايندو هوس ۽ انهن لغتن جي وسيلي بنا تڪليف ڏکيا ڏکيا پارسي ڪتاب آسانيءَ سان مطالع پيو ڪندو هوس.

ب: عربيءَ جي تعليم

ٻئي سال جي پهرئين ٽرم ۾ مرحوم قاضي اميد علي صاحب پرشن ٽيچر مون کي عربي پڙهڻ جي صلاح ڏني. آچر جي ڏينهن مون کي سندس پاڙيسري مرحوم جناب سيد محمد فاضل شاهه صاحب وٽ وٺي هليو جيڪو ستر کن ورهين جي عمر جو بزرگ هو ۽ سندن جامع مسجد ۾ قرآن شريف جو تفسير لکي رهيو هو. مرحوم سيد محمد فاضل شاهه اول نمبر جو مشهور عالم ۽ مفتي هو ۽ سارو ڏينهن مسجد ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ جي ڪم ۾ مشغول رهندو هو. قاضي صاحب جي سفارش ڪرڻ تي وڏي حب ۽ خوشيءَ سان مون کي عربيءَ جي تعليم ڏيڻ منظور ڪيائين. بروقت به ٽي عربي صرف ۽ نحو جي ڪتابن جا نالا لکايائين ۽ لاهور جي بڪ سيلر جي ائڊريس لکايائين. اتان انهن ڪتابن گهرائڻ لاءِ فرمايائين ۽ ڪتابن اچڻ تي سبق وٺڻ لاءِ اچي حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنائين. في الحال ٽي ڪتاب "صرف مير"، "نحو مير" ۽ "ماعه عامل" ڪڍايائين. هر آچر تي ۽ ڪنهن به موڪل جي وقت وٽس ويندو هوس ته انهن ڪتابن مان صرف ۽ نحو جا قاعدا برزبان سمجهائيندو ويندو هو. آءٌ پنهنجي روءِ سوءِ جيڪي سبق سمجهي ۽ ياد ڪري ايندو هوس، تن جو استعمال برزبان پڇندو هو.

صرف ۽ نحو جي قاعدن حل ڪرڻ بعد "تفسير حسيني" ۽ "مشڪوات شريف" ڪڍايائين. پوءِ "شرح ملا" ۽ "منطق الطير" عربي ڪڍايائين. مطلب ته اهو سڄو سال پنهنجن ڪلاسن جي ڪمن تي محنت ڪرڻ سان گڏ عربيءَ تي به شوق سان محنت ڪندو رهيس، تان جو ڪنهن به عربي عبارت جي معنيٰ سمجهڻ ۾ ڪا به اٽڪ ڪانه رهي، جي گهڻو ڇيهه ته "نفائس اللغات" ۽ "غياث اللغات" مان ڪهڙي به عربي لفظ جو بنياد ڪڍي سگهبو هو.

ث: شعر سازيءَ جي تعليم

مرحوم سيد محمد فاضل شاهہ صاحب جهڙو هو عالم، تهڙو ئي هو باڪمال شاعر. آءٌ ٿنڀو آدم ۾ هئڻ جي وقت کان وٺي ڪنهن ڪنهن وقت پنهنجي دل ٺارڻ لاءِ ڪچو ڦڪو شعر ٺاهيندو هوس، مگر شعر سازيءَ جي اصول ۽ قاعدن جي خبر نہ هوندي هيم. هڪڙي پيري سائين محمد فاضل شاهہ وٽ عربيءَ جو سبق پيو ورتم، تہ مرحوم سيد غلام محمد شاهہ (گدا) حيدرآباد جو نامور شاعر ڪراچي واري "معين الاسلام" اخبار کڻي آيو جنهن ۾ اتر سنڌ جي ڪنهن شاعر جو غزل ڇاپيل هو. ان غزل جي سقمن تي ٻنهي صاحبن جيڪو بحث ڪيو سو مون پوري ڌيان سان پئي ٻڌو. ٻئي واري تي آءٌ پنهنجو ڪچو ڦڪو غزل ٺاهي، سائين محمد فاضل شاهہ وٽ کڻي آيس. مرحوم منهنجو غزل ڏسي مرڪيو ۽ چيائين: "بابا، تون خاطري ڪر، توکي شعر جا قاعدا چڱيءَ طرح سمجهائيندس." مون کي "چهار گلزار" ۽ "حدائق البلاغت" انهن ٻنهي ڪتابن خريد ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. جيڪي ٻئي آچر تي مون وٽس آڻي حاضر ڪيا. اول "چهار گلزار" مان علم عروض وارو ڀاڱو پڙهڻ ۽ عروض جي قاعدن پڙهڻ لاءِ حڪم ڏنائين. جيئن تہ ڪتاب جي پارسي عبارت پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ مون کي ڪابہ تڪليف ڪانہ ٿيندي هئي، تنهن ڪري علم عروض جا بحر، ارڪان ۽ تقطيع ۾ ڪٿي ڪٿي سائين مرحوم کان سمجهاڻي وٺڻ جي ضرورت ٿيندي هئي، باقي "علم بديع" وارو ڀاڱو جنهن ۾ لفظي ۽ معنوي صنعتون سمجهايل هيون، تن ۾ سائين مرحوم کان سمجهاڻيون وٺندو هوس، جن جا مثال سائين مرحوم پنهنجي سنڌي نظم مان سمجهائيندو هو. ساڳيءَ طرح تشبيهون، ڪنايا ۽ استعارا بہ سنڌي نظمن مان مثال ڏيئي سمجهائيندو هو تنهن ڪري ٻن ٽن مهينن ۾ مٿي ڏيکاريل ٻئي ڪتاب چڱيءَ طرح حل ٿي ويا. پوءِ ڪوبہ نظم ٺاهي سائين مرحوم کي آڻي ڏيکاريندو هوس، تہ تمام خوش ٿيندو هو ۽ جتي ڪنهن درستيءَ جي ضرورت هوندي هئي، اتي درستي ڪري ڏيڻ فرمائيندو هو.

افسوس! جو سائين محمد فاضل شاهہ مرحوم نومبر 1900ع ۾ وفات ڪئي، جڏهن تہ آءٌ ٻئي سال جو ساليانو امتحان ڏيئي رهيو

هوس. سائين مرحوم جي وفات کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن به عربي ڪتاب جي ڪنهن عبارت سمجهڻ ۾ مشڪلات ٿينديون هيون، ته پڻ بزرگ عالمن مان ڪنهن هڪڙي کان اها وچي حل ڪرائيندو هوس، جي اُن وقت حيدرآباد ۾ برک عالم سڳورا هوندا هئا. هڪڙو مرحوم مولوي حاجي عبداللطيف صاحب، جنهن جو شاهي عربي تعليم جو مدرسو تلاءَ نمبر 3 تي قائم هو ۽ ٻيو مرحوم مولوي سيد حاجي محمد علي شاهه صاحب جو الهندي ڪچي واري لاڪن جي جامع مسجد جو پيش امام هو ۽ هر جمعي جي ڏينهن جمعي نماز بعد ان مسجد ۾ قرآن شريف مان وعظ ڪندو هو. جيڪڏهن ڪنهن به نظم تي علم عروض جي اصول يا فصاحت بلاغت جي ڪنهن مسئلي بابت بحث ڪرڻو هوندو هوم، ته مرحوم آخوند فقير محمد صاحب (عاجز) سان وچي مشڪلات حل ڪرائيندو هوس، جيڪو هڪڙو، جهونو شاعر حيدرآباد ۾ شيراڻي ملان محلي ۾ رهندو هو.

ج: ڪتابن مطالعي ڪرڻ جو شوق

جنوري 1901ع ۾ ٽريننگ ڪاليج جي ٽئين سال جي ڪلاس ۾ داخل ٿيڻ بعد پنهنجي ڪلاس جي ڪمن ڪرڻ سان گڏ ڪتابن مطالعي ڪرڻ جو شوق اچي جاڳيم. ٽريننگ ڪاليج جي شاگردن لاءِ جيڪا لائبريري هوندي هئي، تنهن ۾ سنڌي، اردو ۽ پارسي ڪتاب نثر خواه نظم جا گهڻائي موجود هوندا هئا. پيري پيري سان هڪڙو به ڪتاب اشو ڪرائي ڪٽيو ايندو هوس. اهي مطالعو ڪري موٽائي وري ٻيا ڪتاب اشو ڪرايو ڪٽيو ايندو هوس. اهڙيءَ طرح مون کي خاطري آهي، ته انهيءَ لائبريريءَ جو ڪوبه ڪتاب منهنجي مطالعي کان رهجي نه ويو هوندو.

منهنجي عادت هوندي هئي، ته ڪنهن به ڪتاب ۾ ڪو نئون لفظ نظر ايندو هو ته ان جي معنيٰ ضرور معلوم ڪندو هوس. پارسي ۽ عربي ٻوليءَ جي لفظن جي معنيٰ معلوم ڪرڻ ۾ ته ڪابه تڪليف ڪانه ٿيندي هئي، ڇاڪاڻ جو لغتون مون وٽ موجود هونديون هيون، مگر ڪن هندو صاحبن جي تصنيف ڪيل ڪتابن ۾ سنسڪرت لفظ ڪم آيل هوندا هئا، تن جي معنيٰ معلوم ڪرڻ ۾ مشڪلات ٿيندي

هئي، تنهن ڪري اهڙا سنسڪرت لفظ هڪڙي نوٽ بڪ ۾ لکندو ويندو هوس. جڏهن اهڙن لفظن جو وڏو انداز نوٽ بوڪ ۾ جمع ٿي چڪو هو تڏهن هڪڙي ڏينهن اهو نوٽ بڪ پنهنجي ڪتابي ڪم سيکاريندڙ استاد مسٽر اڏنمل سترامداس سڏاڻي (نتويءَ) وٽ کڻي ويس، جيڪو جهونوءَ سنڌي جو بہ قابل استاد هو. مسٽر اڏنمل صاحب مون کي شاباس ڏني ۽ بروقت ٽريننگ ڪاليج جي ماسترن واري لائبريريءَ مان "وئتپتي ڪوش" نالي ڇاپيل سنڌي ڪتاب گهرائي ڏنائين جنهن ۾ الف ب وار نج سنڌي ۽ سنسڪرت لفظن جا اشتقاق ۽ معنائون لکيل هيون. اهو ڪتاب گهڻو وقت ماستر صاحب منهنجي حوالي ۾ ڇڏيو پوءِ تہ ڪهڙي بہ سنسڪرت جي معنيٰ سمجهڻ ۾ ڪا بہ تڪليف نہ ٿيندي هئي ۽ نہ اڄ تائين ڪا تڪليف ٿئي ٿي.

د: پرنسپال صاحب جي نوازش ڀريل نظر

ٽريننگ ڪاليج ۾ پهرئين سال جي ڪلاس ۾ تعليم حاصل ڪرڻ وقت ڪاليج جو پرنسپال سرڳواسي راءِ بهادر ديوان ڪوڙومل اڏنمل ڪٽاڻي (ڀريائي) هو. اهو 1899ع جي پڇاڙيءَ ۾ پينشن تي ويو پوءِ راءِ بهادر ديوان تاراچند شوقيرام آڏواڻي (حيدرآبادي عامل) جو اول وائس پرنسپال هو سو پرنسپال ٿيو ۽ سرڳواسي ديوان تاراچند صاحب صوفي طريقي جو هڪڙو درويش صفت بزرگ هوندو هو. هو برهمو سماجي فرقي جو بي تعصب ماڻهو هو ۽ برهمو مندر جو اڄ تائين نور محمد هاءِ اسڪول جي سامهون الهندي طرف موجود آهي، ان جو اڳواڻ هوندو هو. برهمو سماج پاران هڪڙو ماهوار رسالو جاري ڪيو هئائين. ان ۾ تصوف جي خيالن سان ڀريل مضمون شايع ڪندو هو. ان کي جڏهن خبر پيئي، تہ "مسافر" کي نظم ٺاهڻ جو استعمال آهي، تڏهن انهيءَ برهمو سماجي رسالي لاءِ نثر ۾ لکي ڏنل ٽڪرا مون کان نظم ۾ لکائيندو هو جيڪي تمام پسند ايندا هئس. رسالي جي پروفن ڏسڻ جو ڪم بہ مون تي رکيائين.

نومبر 1901ع ۾ جڏهن ٽئين سال جو ساليانو امتحان خير سان پورو ٿيو تڏهن ديوان صاحب مون کي پاڻ وٽ گهرائي چيو تہ "منهنجي مرضي آهي، تہ تون هت منهنجي زيردستيءَ ۾ نوڪري ڪر. مون کي تنهنجي سڌاري ۽ ترقيءَ جو خاص اونو آهي. تون ڇا ٿو چوين؟"

اگرچہ مون کي دل و جان سان پنهنجي وطن ڏانهن وڃي نوڪري ڪرڻ جي اميد ۽ ارادو هو مگر ديوان صاحب جا نوازش ۽ خيرخواهيءَ پريا لفظ ٻڌي مجبور ٿي پيس ۽ سندس زيردستيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ رضامندو ڏيکاريم.

## چوٿين منزل : ٽريننگ ڪاليج ۾ نوڪريءَ جي شروعات

### الف: پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ نوڪري

ٽئين سال جو امتحان پاس ڪري، وئڪيشن تي پنهنجي ڳوٺ آيس. ڊسمبر 1901ع جي پڇاڙيءَ ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب سنڌ جو حڪم پهتو تہ ”توکي ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جي پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ اسسٽنٽ ماستر مقرر ڪيو ويو آهي.“ حڪم ملڻ بعد 1902ع جي شروع ۾ نوڪريءَ تي اچي حاضر ٿيس. ان وقت پرئڪٽسنگ اسڪول جو هيڊ ماستر مسٽر ٿارومل صاحب حيدرآبادي عامل هو.

نوڪريءَ تي حاضر ٿيڻ شرط ديوان تاراچند صاحب مون تي اها مهرباني ڪئي، جو مون کي شهر جي مسواڙ کان بچائڻ خاطر رهڻ لاءِ ڪاليج جي هاسٽل ۾ هڪڙي خلاصي ڪوٺي، کٽ، ميز ۽ ڪرسي سميت ڏياريائين ۽ منهنجي مانيءَ جو بندوبست مسلمانن جي بورڊنگ هائوس ۾ رکيائين، جنهن جي ويسي مون کان ڪڏهن بہ گهرڻ يا وٺڻ ۾ نہ آئي.

پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ مقرر وقت نوڪريءَ ڏيڻ کان پوءِ ديوان صاحب جي طرفان مون تي اهو ڪم رکيل هوندو هو جو جڏهن ڪوبہ تعليم کاتي جو ڪتاب نظرثانيءَ لاءِ وٽس ويندو هو يا منظور ٿيڻ لاءِ ايندو هو، تڏهن اهو منهنجي حوالي ٿيندو هو ۽ آءٌ اهو ڪتاب خيال سان نظر مان ڪڍي، ان ڪتاب جي عبارت ۾ ڪي گراميٽيڪل غلطيون يا ڇاپي جون چُڪون هونديون هيون تہ اهي نشان ڪري جدا ڪاغذ تي لکي، ديوان صاحب کي پيش ڪندو هوس. پوءِ پاڻ اهو ڪتاب پنهنجي رپورٽ سان مٿي موڪليندو هو. ديوان صاحب جي برهمو سماج واري رسالي جا پروف ڏسڻ ۽ ان رسالي لاءِ ديوان صاحب جي فرمائش موجب نثر يا نظم تيار ڪرڻ بہ منهنجي ذمي هوندو هو.

ٽريننگ ڪاليج مان ڪوبہ ماسٽر موڪل تي ويندو هو تہ ان جي جاءِ تي مون کي ائڪٽنگ طور رکيو ويندو هو جتي ٿنهي سالن جي شاگردن کي پارسي ۽ سنڌي پڙهائڻ جو ڪم منهنجي ذمي هوندو هو. پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ مون کي ساليانا اضافا بہ تڪڙا ۽ چڱا ملندا هئا.

سال 04_1903ع ۾ تعليم کاتي جي طرفان جيڪا "اخبار تعليم" پرنسپال صاحب جي زير اهتمام جاري ٿي هئي، تنهن جا ايڊيٽوريل فرض بہ ديوان تاراچند صاحب منهنجي حوالي ڪيا ۽ جيڪو ماهوار سرڪاري ايڊيٽوريل الائونس ملندو هو سو بہ مون کي ڏياريائين. ان وقت کان وٺي جيڪي نثر جا مضمون ۽ نظم منهنجي نالي سان يا ايڊيٽوريل ميٽر جي نموني ۾ اخبار تعليم ۾ شايع ٿيندا هئا، تن جي ساک اڄ بہ اخبار تعليم جا جهونا دفتر ڏيئي سگهن ٿا. جيڪي گهڻو ڪري سنڌ جي هر هڪ اسڪول ۾ اڄ بہ حفاظت سان رکيل آهن.

سال 06_1905ع ۾ بمبئي سرڪار بمبئي کاتي جي جدا جدا ٻولين جا درسي ڪتاب ساڳئي ٽائپ تي نئين سر تيار ڪرڻ لاءِ جيڪا ٽيڪسٽ بڪ ڪميٽي پونا ۾ ويهاري هئي، تنهن ٽيڪسٽ بڪ ڪميٽيءَ تي سنڌ جي طرفان راءِ بهادر ديوان پريم چند آوتراءِ جهانگياڻي مقرر ٿي ويو هو. جو ان وقت حيدرآباد ضلعي جو ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر هو. ديوان پريم چند سنڌي درسي ڪتابن جو سڀ ميٽر سنڌ ۾ رهندڙ پنهنجن ٻن دوستن هر هڪ راءِ بهادر ديوان بولچند ڏيارام پرنسپال نولراءِ هيرانند اڪيڊمي حيدرآباد ۽ راءِ بهادر ديوان تاراچند شوقيرام آڏواڻي پرنسپال ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جن جي معرفت ۽ صلاح مصلحت سان سنڌ مان تيار ڪرائي، پاڻ وٽ پونا ۾ گهرائيندو هو. راءِ بهادر ديوان بولچند صاحب ۽ راءِ بهادر ديوان تاراچند صاحب ان وقت سنڌي پهرئين، ٻئي ۽ ٽئين ڪتاب جا سڀ نظم ۽ ڪي نثر جا سبق مسڪين مسافر کان تيار ڪرائي، ديوان پريم چند صاحب ڏانهن پونا موڪليا هئا. جيڪي نظم اڄ تائين انهن ڪتابن ۾ موجود آهن. ۽ مون پنهنجي "ڪليات" ۾ بہ داخل ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن پونا واري ٽيڪسٽ بڪ ڪميٽيءَ پنهنجو ڪم

پورو ڪيو. تڏهن ديوان پريم چند صاحب جي سفارشي رپورٽ موجب ڊائريڪٽر صاحب آو پبلڪ انسٽرڪشن بمبئيءَ جن مون کي پنجانوي روپيا نقد انعام ۽ هڪڙو آفرين نامون پرنسپال صاحب جي معرفت موڪلڻ فرمايو هو.

ب: انگريزي تعليم

پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ اچي نوڪريءَ تي چڙهڻ کان چار پنج مهينا پوءِ ديوان تاراچند صاحب پرنسپال مون کي انگريزي پڙهڻ لاءِ صلاح ڏني، جيڪا مون شڪرگذاريءَ سان قبول ڪئي. ديوان صاحب جا ٻه سالا انگريزي ڇهون درجو پڙهندا هئا، سي روزمره رات جو منهنجي ڪوٺيءَ تي اچيو مون کان پارسيءَ جو سبق وٺندا هئا ۽ مون کي انگريزيءَ جو سبق ڏيندا هئا. آچر يا ٻئي ڪنهن موڪل جي وقت ڏينهن جو ٻه ٻه اڍائي ڪلاڪ اچيو پارسي پڙهندا هئا ۽ مون کي انگريزي پڙهائيندا هئا. انن ڏهن مهينن ۾ تي ريڊر آءٌ چڱيءَ طرح معنيٰ ۽ ايڪسرسائس سان پڙهي ۽ سمجهي ويس، پر انگريزي گرامر هو ٻئي ڄڻا مون کي چڱيءَ طرح سمجهائي نہ سگهندا هئا. مون کي خدا تعاليٰ جي فضل سان سنڌي، پارسي ۽ عربي گرامر جي ماهيت تمام چڱي هوندي هئي، ان ماهيت جي مدنظر ئي انگريزي گرامر بابت انهن کان سوال پڇندو هوس، تہ مون کي جواب ڏئي نہ سگهندا هئا. ديوان صاحب جن کي اها حقيقت عرض رکيم، تنهن ڪري ديوان صاحب وري ٽريننگ ڪاليج جي هڪڙي گريجوئٽ اسسٽنٽ ماسٽر مسٽر ليلارام پريم چند واڌواڻيءَ کي، جيڪو نهايت نيڪ طبيعت ۽ قابل ماسٽر هو ۽ هائوس ماسٽر هئڻ ڪري هاسٽل ۾ ئي باعيال رهندو هو، تنهن کي منهنجي انگريزي تعليم لاءِ سفارش ڪئي، جيڪا ان نهايت فراخدليءَ سان قبول ڪئي. آءٌ رات جو روزانو هڪ ڪلاڪ کن ماسٽر ليلارام صاحب وٽ ويندو هوس، جنهن نہ رڳو انگريزي ريڊرس ۽ گرامر تمام چڱيءَ طرح سمجهايا، بلڪ مئٿميٽڪ، سائنس، هسٽري ۽ جاگرافي، جن بابت سنڌيءَ ۾ ڪشادي ماهيت هيم، تن بابت بہ انگريزي اصطلاح ۽ اصول تمام چڱيءَ طرح خيال ۾ وهاريائين.

لاڳيتو ٽي سال مسٽر ليلارام صاحب وٽ تعليم وٺڻ بعد ان

صاحب ديوان تاراچند صاحب کي خاطري ڏني، ته هاڻي مسافر مئٽريڪيوليشن امتحان ڏيئي سگهي ٿو. گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر صاحب کي 1908ع ۾ جيڪي شاگرد مئٽريڪيوليشن امتحان تي موڪلڻا هئا، تن جي پرلمنري امتحان ۾ ديوان تاراچند صاحب جي چوڻ موجب هيڊ ماستر صاحب مون کي به ويهاريو انهيءَ امتحان ۾ آءٌ چڱين مارڪن سان پاس ٿيس. هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر مسٽر خوبچند لعلواڻي صاحب پيپرن جاچڻ کان پوءِ ديوان تاراچند صاحب کي خاطري ڏني، ته "مسافر کي مئٽريڪيوليشن امتحان ۾ ويهارڻ جو بندوبست ڪريو اميد آهي ته هو ضرور پاس ٿيندو."

**ٿ: امتحان ۾ قدرتي رنڊڪ ۽ ديوان صاحب جن جا لائق**

مئٽريڪيوليشن امتحان لاءِ درخواستن ۽ فين موڪلڻ ۾ ڪو ٿورو وقت اچا هو ته جولاءِ 1908ع جي پڇاڙيءَ ۾ آءٌ ڪالرا جي بيماريءَ ۾ گرفتار ٿي پيس، جيڪا ان وقت حيدرآباد شهر ۾ زور شور سان ڦهليل هئي. انهن ڏينهن ۾ آئون ٽنڊو ولي محمد پاڙي ۾ مسواڙي جاءِ ۾ رهندو هوس، ڇاڪاڻ ته 1905ع ۾ شادي ڪرڻ بعد اها جاءِ مسواڙ تي ورتي هيم، جنهن ۾ ٻارن ٻچن سميت رهندو هوس. ٿورا مهينا گذريا هئا، جو گهرواري وفات ڪري ويئي، تنهن ڪري 1908ع ۾ ڪالرا ۾ ورنجڻ وقت آءٌ اڪيلو ان مسواڙي جاءِ ۾ رهندو هوس.

ڪالرا جي حالت ۾ ايندڙ ويندڙ دوستن جي صلاح موجب مون ٿاڌلن پيئڻ ۽ وهنجڻ تي گهڻو زور رکيو. نتيجو اهو ٿيو جو دست ۽ الٽيون بند ٿي ويون، پر دماغ جا پردا اهڙا خراب ٿي ويا، جو صفا چريو بنجي پيس. نه کائڻ نه پيئڻ، نه ننڊ نه آرام، رڳو بڪ شڪ ۾ سڄو سڄو ڏينهن يا سڄي رات گذريو ويندي هئي. انهيءَ دماغ جي خرابيءَ جي جڏهن ديوان راءِ چند صاحب کي خبر پئي، تڏهن به پٽيوالا وٺي گهوڙا گاڏيءَ تي چڙهي منهنجي جاءِ تي آيو ۽ مون کي گاڏيءَ ۾ چاڙهي ٽريننگ ڪاليج ۾ آندائين، ۽ هڪڙي خلاصيءَ ڪوٺيءَ ۾ رهائي پٽيوالن کي ڪوٺيءَ جي در تي ويهاري، سول اسپتال مان يورپين سول سرجن کي وٺي آيو جنهن مون کي چڱيءَ طرح تپاسي دوا ڪرڻ شروع ڪئي. سول سرجن، ديوان صاحب کي تاڪيد ڪيو ته "هن کي ڪوبه

ڪتاب يا اخبار پڙهڻ لاءِ نہ ڏجو ۽ نہ هن وٽ ماڻهن جو گهڻو ڳالهاءِ ٻولهڻ ڏجو. نڪي ٻاهر نڪرڻ ڏجوس. حاجت ضروري لاءِ ڪمبورڊ ڪوٺيءَ ۾ هڪ ڪرسي رکي هجي، جيڪا ڀنگي صبح ۽ شام صاف ڪري" کاڌ خوراڪ لاءِ بہ ديوان صاحب کي خاص هدايتون ڪيائين.

ديوان صاحب ٽئين سال جو هڪڙو شاگرد ۽ هڪ پٽيوالو منهنجي نظرداريءَ لاءِ ڇڏيو جيڪي ڪوٺيءَ جي ٻاهرئين پاسي کٽولا وجهيو ويٺا هوندا هئا. سول سرجن جيڪا پيٽڻ جي دوا يا وزن ڏيندو هو سو وقت تي پياريندا هئا ۽ جيڪا مٽي جي مالش ڪرڻ ۽ سنگهڻ جي دوا ملندي هئي، سا مالش ڪندا ۽ سنگهائيندا هئا.

ديوان صاحب ڪاليج ۾ ماڙيءَ تي عيال سميت رهندو، جنهن ماڙيءَ تي اڄ تائين ڪاليج جا پرنسپال رهندا اچن ٿا. صبح جو ٻنپهرن جو ۽ شام جو ديوان صاحب پنهنجي بورچيخاني مان رڌل پڪل طعام منهنجي کائڻ لاءِ موڪليندو هو. صبح جو شام جو ڪڏهن ڪڏهن رات جو ڪوٺيءَ تي منهنجي نگاهہ ڪرڻ ايندو هو. ٻهرين ڏينهن ۾ هڪ نہ ٻئي ڏينهن ديوان صاحب پاڻ سان سول سرجن کي وٺي ايندو هو جيڪو اچي مون کي تپاسيندو هو ۽ پوءِ هفتي ۾ هڪ دفعو ڪڏهن ڪڏهن بہ دفعا يورپين سول سرجن کي پاڻ سان وٺيو ايندو هو. لاڳيتو ٽي مهينا ڪن سول سرجن منهنجي دوا ڪندو ۽ وقت بہ وقت مون کي تپاسيندو رهيو ۽ کاڌ خوراڪ ديوان صاحب پنهنجي گهر جي بورچيخاني مان مون کي موڪليندو رهيو. انهيءَ عرصي ۾ آءٌ بہ پاڻ کي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ چاق ۽ نيڪ دماغ سمجهندو رهندو هوس. ٽن مهينن کان پوءِ سول سرجن دوا ڏيڻ بند ڪئي ۽ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڇوٽ گهمڻ ڦرڻ جي اجازت ڏنائين. ٽن مهينن کان پوءِ آءٌ پنهنجي نوڪري پوريءَ طرح ڏيندو رهيس، مگر گهڻي پڙهڻ لکڻ کان ديوان صاحب مون کي روڪيندو رهندو هو.

اهو ئي سبب هو جو مئٽرڪ امتحان ڏيڻ کان رهجي ويس ۽ وري ٻيهر امتحان جي تياري ڪرڻ جي ڪوشش ئي ڪانہ ڪيم. فقط انگريزي ڪتاب مطالعو ڪندو ۽ انهن مان مضمون ترجمو ڪندو رهيس. هينئر ڪهڙي بہ انگريزي ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ ۾ ڪا بہ رنڊڪ نہ ٿيندي آهي.

## پنجين منزل : خود ڪاليج ۾ نوڪري

لاڳيتو ڏهه سال پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ نوڪري ڪيم، تنهن وچ ۾ ڪيترائي ڀيرا خود ڪاليج ۾ ائڪٽنگ طور پرشن ٽيچر ۽ سنڌي ٽيچر ٿي رهيس ۽ ٻه ٽي ڀيرا پرئڪٽسنگ اسڪول جو ائڪٽنگ هيڊ ماستر ٿي رهيس. آخر 1912ع ۾ ڪاليج جي پرشن ٽيچر قاضي جمال الدين صاحب شڪارپوري، بيماريءَ جي ڪري موڪل تي ويو ۽ اتان پينشن تي وڃڻ جي درخواست موڪليائين. پرنسپال صاحب مون کي اڳي ئي ائڪٽنگ طرح پرشن ٽيچر ۽ سنڌي ٽيچر ڪري رکيو هو باقي وري جو قاضي جمال الدين صاحب جي پينشن تي وڃڻ جي درخواست ٿي، تنهن تي ديوان صاحب مون کي پڪيءَ طرح ڪاليج ۾ پرشن ٽيچر ۽ سنڌي ٽيچر ڪري رکڻ لاءِ زوردار سفارش ڪئي. جيسين اها سفارش بمبئيءَ مان ڊائريڪٽر صاحب پبلڪ انسٽرڪشن کان منظور ٿي اچي، تيسين ديوان تاراچند صاحب جي پينشن تي لهڻ جو وقت پرجي آيو ۽ ديوان پريم چند آوتراءِ جهانگياڻي صاحب ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿي آيو. ديوان پريم چند صاحب 1913ع جي شروعات ۾ اچي پرنسپاليءَ جي چارج ورتي، تنهن کان پوءِ ترت ئي منهنجي پڪيءَ طرح ڪاليج ۾ پرشن ٽيچر ۽ سنڌي ٽيچر مقرر ٿيڻ جو حڪم اچي ويو.

ديوان پريم چند صاحب سان پونا واري ٽيڪسٽ بڪ ڪميٽيءَ جي زماني ۾ ئي منهنجو تعارف ٿي چڪو هو جنهن ڪري پرنسپال ٿي اچڻ بعد پنهنجي مهربانيءَ جي نظر قائم رکيائين. تعليم کاتي جي درسي ۽ انعامي خواه لائبريري ڪتابن جي تپاس جو جيڪو ڪم راءِ بهادر ديوان تاراچند صاحب مون کان وٺندو آيو ۽ اخبار تعليم جي ايڊيٽريءَ جا فرض جيئن ديوان تاراچند صاحب جي وقت ۾ منهنجي حوالي هئا، اهڙيءَ طرح لاڳيتو ڇهه سال ديوان پريم چند جي زيردستيءَ ۾ به بلڪل خوشيءَ ۽ خوبيءَ سان گذري ويا.

## ڇهين منزل : اوچتي تبديل ۽ وطن جي خدمت جو وجهه

### (الف) اوچتي شرانگيزي

1919ع ۾ جڏهن هندستان ۾ قطع تعلقات، يعني ترڪ موالات جي تحريڪ زور ورتو ۽ هندو مسلم اتحاد قائم ٿي ويو هو ۽ برٽش

گورنمينٽ ٽرٽلي ۾ پئجي ويئي هئي ۽ قومي اڳواڻن شهر ۾ جيڪي جوشيليون تقريرون پي ڪيون، تن جي اثر ڪري ڪيترن وڏن ماڻهن سرڪاري مليل لقب سرڪار کي واپس ڏنا ۽ ڪيترن ئي سرڪاري عهديدارن توڙي ننڍن نوڪرن سرڪاري نوڪريون ڇڏي ڏنيون هيون. ان وقت حيدرآباد ۾ مولانا محمد علي ۽ مولانا شوڪت علي ۽ مهاتما گانڌي جهڙن قومي اڳواڻن ۽ سنڌ جي ڪن قومي ڪم ڪندڙن مسلمانن ۽ هندن هڪ ٻئي پٺيان جيڪي تقريرون ڪيون هيون، تن بابت هڪڙي پيري آءُ ۽ هڪڙو نو مسلم شيخ صاحب ماستر، ماسٽرس روم ۾ گفتگو ڪري رهيا هئاسون ۽ تقرير ڪندڙن جون تعريفون ڪري رهيا هئاسون. هڪڙو حيدرآبادي عامل ماستر جو ڪجھ وقت کان مون کي حسد جي نگاهه سان پيو ڏسندو هو، تنهن به ساڳي روم ۾ پري اخبار منهن کي آڏي ڏيو اسان جي گفتگو پي ٻڌي. ان اسان جي گفتگو ۾ مرچ مصالحا ملائي پرنسپال صاحب جا ويجي ڪن ڀريا. ايتري قدر جو پرنسپال صاحب کي پڪ ٿي ويئي ته اهي ٻئي مسلمان ماستر، ڪاليج جي شاگردن ۾ قطع تعلقات جو جوش پيدا ڪندا ۽ ڪاليج ۾ ڪا خرابي پيدا ٿي پوندي.

پرنسپال صاحب اسان کان نڪا پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ نڪا دريافت، هڪدم اسان ٻنهي جي برخلاف ڪانفيڊنشل رپورٽ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب کي سخت لفظن ۾ لکي موڪليائين. شيخ صاحب جو ڪو سڄڻ ڪراچيءَ ۾ رهندو هو، جنهن جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب جي آفيس وارن سان ڪو ڳوڙهو تعلق هو، تنهن شيخ صاحب کي ساري حقيقت خط ۾ لکي موڪلي، ۽ صلاح لکيائين، ته جيستائين انهيءَ رپورٽ جي نتيجي بابت اوهان کي حڪم اچي پهچن، تنهن کان اڳ موڪل تي لهي پوءِ ڪو تدارڪ ڪريو.

شيخ صاحب بروقت خط مون کي ڏيکاريو. مون ان وقت ئي ريزڪي موڪل جي درخواست ڏني، جيڪا پرنسپال صاحب چپ چاپ ۾ منظور ڪئي. مون ٻي شادي ڪئي هئي ۽ ٻارن ٻچن سان حيدرآباد ۾ رهندو هوس، سو ٻار ٻچا وٺي سڌو ڳوٺ آيس. مرحوم خان بهادر مير غلام محمد خان ٽالپر او بي اِي جاگيردار سان اڇي ملاقات

ڪيم. جيئن سڀ ڪنهن موڪل جي موقعي تي ڪندو هوس. مير صاحب سان انهيءَ شرانگيزيءَ جو احوال ڪيم، جيڪا منهنجي خلاف ڪاليج ۾ ڪڙي تي هئي. مير صاحب بختاور (خداوند ڪريم جلشانه شل سندس نيڪ روح کي فردوس اعليٰ ۾ جايون بخشي) ڪل مڪانيءَ سان فرمايو ته "ماستر! مون ته اهي واتون پي ڳوليون، ته شل جلد خير سان نوڪريءَ کان آجو ٿي ڳوٺ ۾ اچين رهين. تون نوڪريءَ جو ڪوبه فڪر نه ڪر، انهيءَ ڳالهه کي انشاءَ الله تعاليٰ پهچي ويندا سون، پر هينئر هڪدم فرلو موڪل جي درخواست ڏياري موڪل، ته هت پنهنجي ڳوٺ ۾ انگريزي اسڪول کوليون. پنهنجي گهر جو سامان سڄو وڃي حيدرآباد مان کڻي اچ."

مون ذري ساعت ماٺ ۾ رهي، پوءِ عرض ڪيو ته "حاضر سائين! جيئن اوهان جي مرضي هوندي، تيئن ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

مير صاحب بروقت مس قلم ۽ اڇو پنو اندران بنگلي مان گهرائي ورتو ۽ فرمايائين، ته "فرلو موڪل جي درخواست لک." ان وقت درخواست جا ٻه فرد تيار ڪيم، هڪڙو پرنسپال صاحب جي معرفت ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب ڏانهن ۽ ٻيو سڌو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب ڏانهن موڪليم. درخواست ۾ جيڪي جڙتو خانگي سخت ضرورتون ڏيکاريون هيم، سي پڙهي مير صاحب مرحوم ڏاڍو کليو ۽ خوش ٿيو. لفافا مير صاحب وٽ ميز جي خاني ۾ موجود هئا، بروقت درخواستون لفافن ۾ بند ٿيون، ائڊريسون لکيون، ٻئي لفافا مير صاحب پنهنجي نوڪر کي پوسٽ رجسٽر ڪري اچڻ لاءِ ڏنا. سندن نوڪر ٻئي لفافا رجسٽر ڪري رسيدون آڻي مير صاحب کي ڏنيون. مير صاحب ان وقت پنجاهه روپيا مون کي ڏنا، ۽ چيائين، ته "حيدرآباد مان وڃي پنهنجي گهر جو سامان کڻي اچ."

ٻه ٽي ڏينهن ڳوٺ ترسي، حيدرآباد آيس. اتي ڪن مهربانن جي وسيلي احوال معلوم ڪيم ته فرلو موڪل واري درخواست پرنسپال صاحب سفارش سان مٿي رواني ڪئي آهي. درخواست رواني ٿيڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن ڪانفيڊنشل رپورٽ جو فيصلو پرنسپال جي آفيس ۾ اچي ويو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي، ته "مسافر جي بدلي ٽريننگ ڪاليج مان

ڪري، ان کي ڳوٺ ڀهارا تعلقو ميرپور ساڪرو ضلعي ڪراچيءَ جي لوڪل بورڊ سنڌي اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ڪجي ٿو."

پرنسپال ايتري مهرباني ڪئي، جو پنهنجي ڪلارڪ کي چيائين، تہ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب وارو مسافر جي بدليءَ جو حڪم سنڀالي رکي ڇڏيو جڏهن مسافر فرلو موڪل تان موٽي ايندو تڏهن بروقت ڪيس روبرو اهو حڪم ڏنو ويندو.

اها ساري حقيقت ڪاليج ۾ نوڪري ڪندڙن ڪن سڄڻن ڪان معلوم ڪري، پنهنجي گهر جو سامان ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي اچي ڳوٺان نڪتس.

(ب) وطن ۾ انگريزي اسڪول قائم ڪرڻ

پارسي واري سچ چيو آهي تہ:

خدا شري بر انگيزد ڪہ خير مادر آن باشد

يعني "خدا تعاليٰ پنهنجي حڪمت سان اهڙي بہ ڪا اڻ وڻندڙ حالت پيدا ڪندو آهي، جيڪا اسين پنهنجي حق ۾ زيان جهڙي سمجهندا آهيون، پر درحقيقت انهيءَ حالت ۾ اسان لاءِ ڪا ڀلائي سمايل هوندي آهي."

انهيءَ گفتي موجب ٽريننگ ڪاليج ۾ نيڪ نيتيءَ سان نوڪري ڪندي مٿي بيان ڪيل شرانگيزي، جيڪا منهنجي حق ۾ پيدا ٿي، تنهن مان منهنجي لاءِ وڏي ڀلائي اها پيدا ٿي، جو مون کي پنهنجي وطن جي خدمت ڪرڻ جو وجهہ ملي ويو ۽ گذران بہ سکيو سولو حاصل ٿي پيو.

جيستائين آءٌ حيدرآباد مان پنهنجا ٽپڙ ٽاڙي ڪٽائي آيس، تيستائين مرحوم خان بهادر مير صاحب منهنجي پاڙي ۾ اسڪول لاءِ هڪڙي جاءِ مسواڙ تي ڪري ڇڏي ۽ چار پنج ڪاٺ جا نوان ٻئنچ بہ واڍن کان ٺهرائي ڇڏيا. ميزون ۽ ڪرسيون تہ مير صاحب جي بنگلي ۾ اڳيئي موجود هيون.

حيدرآباد مان موٽڻ شرط مسواڙ تي ڪيل جاءِ، ٻئنچ، هڪ ميز ۽ ٻہ ڪرسيون مير صاحب منهنجي حوالي ڪيون، اسڪول ۾ پاڻي موجود رکڻ لاءِ مٽ، دلا، ڪرا، ڪاغذ پٽ خريد ڪرڻ لاءِ پئسا ڏنائين، ۽ فرمايائين، تہ هاڻي شاگرد هٿ ڪر ۽ بسم الله ڪري اسڪول شروع ڪر. شهر جي ماڻهن کي تہ اعتبار ئي نہ پيو اچي تہ ٽنڊي باگي ۾ ڪو

انگريزي اسڪول هلي سگهندو انهيءَ ڪري اُن ياڙي تي ڪري تنڊي باگي کان 10 ميل پري ٿهي ڳوٺ ۾ ويس، جتي وڏو رجسٽرڊ مڪتب سُجهندو هوم. اتي ميانجي محمد حسن خان لغاري جو هلڪو زميندار به هو ۽ هڪڙو وڏو مڪتب به پاڻ ۽ سندس وڏا شاگرد هلائيندا هئا ۽ سرڪار مان مڪتب لاءِ چڱي ساليانې گرانٽ ملندي هيس. ميانجي محمد حسن خان سان ڪجهه واقفيت اڳ به هئي، ان سان خان بهادر مير صاحب جي ارادي جو احوال ڪيم، هو علم وارو ۽ سمجهو انسان هو سو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مون کي چيائين، ته هن مڪتب ۾ هيترا شاگرد ويٺل آهن، تن جو امتحان وٺي جيڪي به شاگرد پسند اچنوَ سي وٺي وڃي اسڪول ۾ داخل ڪريو. مون امتحان وٺي في الحال پنج ڇوڪر پسند ڪيا، جن مان هڪڙو خود ميان محمد حسن خان جو فرزند هو. ميان محمد حسن خان اهي پنج ئي شاگرد ڪتابن ۽ هنڌ بسترن سميت منهنجي حوالي ڪيا، ۽ ڳچ جيترا چانور به انهن ڇوڪرن جي کاڌ خوراڪ لاءِ ڏنائين. اهي پنج شاگرد ساڻ ڪري مون تاريخ پهرين جنوري 1920ع تي اسڪول اچي کوليو.

خان بهادر مير صاحب، انهن ڇوڪرن جي انگريزي پهرئين درجي جي ڪتابن گهرائڻ جو حڪم ڏنو هفتي کن جي اندر حيدرآباد مان ڪتابن جي وي پي اچي نڪتي، جنهن جا پئسا مير صاحب بروقت ڏنا. اهي شاگرد منهنجي اوطاق ۾ رهندا سهڙندا هئا ۽ سندن ماني ٽڪي منهنجي گهر ۾ رجهندي پچندي هئي. پوءِ ته جيئن وقت گذرندو ويو تيئن شهر جا هندو توڙي مسلمان ڇوڪر به اسڪول ۾ داخل ٿيندا رهيا. جڏهن پندرهن سورهن پرديسي ڇوڪر اچي گڏ ٿيا، تڏهن مير صاحب اسڪول جي پرسان هڪڙي پي وڏي جاءِ به بورڊنگ هائوس لاءِ مسواڙ تي وٺي ڏني، ۽ هڪڙو پگهاردار بورچي رکي ڏنائين ۽ بورڊنگ هائوس جي روزانو جو خرچ باقاعدي لکبو هو. سڀ ڪنهن مهيني جو خرچ ايندڙ مهيني جي پهرين تاريخ مير صاحب جي اڳيان حاضر ڪبو هو ۽ وري ٻئي مهيني جو خرچ هلائڻ شروع ڪبو هو.

مرحوم خان بهادر مير صاحب جو وقت بوقت اهو ئي چوڻ هوندو هو ته خرچ منهنجو ۽ محنت ۽ ايمانداري تنهنجي، ڪڏهن به دل سست نه ڪج!!

1921ع جي شروع ۾ اسڪول ۾ چاليهه ڪن شاگرد ٿي ويا، جن مان ڏهاڪو ڪن شهر جا ۽ باقي سڀ ٻاهر جا شاگرد هئا. ان وقت هوشيار هوشيار پندرهن شاگرد انگريزي ٻئي درجي ۾ هئا ۽ پنجويهه ڪن پهرين درجي ۾. هڪڙو مئٽرڪ ۾ فيل ٿيل واقفڪار غريب شاگرد حيدرآباد مان گهرائي پاڻ وٽ اسسٽنٽ ڪري رکيم ۽ بورڊنگ هائوس جي نظرداري ۽ سنڀال به ان جي حوالي ڪيم.

مارچ 1921ع ۾ سنڌ جو ڪمشنر مسٽر ريو صاحب گشت ڪندي ٽنڊي باگي ۾ منزل انداز ٿيڻو هو. مير صاحب اڳواٽ مون کي گهرائي پنهنجي راءِ ڏني ته "ڪمشنر صاحب کي وٺي اچي اسڪول ڏيکارجي ۽ اسڪول جي مستقبل بابت به ٿي ڳالهيون عرض رکجي، ڪانئس انهن جي برصوابيءَ لاءِ مدد گهرڻ گهرجي." مون کي مير صاحب جي اها راءِ تمام پسند آئي. مير صاحب بروقت ڪجهه پئسا ڏنا، ته اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس کي دهلي دروازن ۽ جهنڊين سان سينگاري تيار ڪر. مون اها سرانجامي ڪئي. اسڪول جي ڇوڪرن کي علم ۽ ڏٺي وارو ڊائلاگ تيار ڪرايم. مرحبا جو راڳ ۽ شهنشاهه جي دعا جو راڳ چڱن سرن ۾ استعمال ڪرائي ڇڏيو مان.

ڪمشنر صاحب هڪڙي ڏينهن ٽنڊي باگي ۾ آيو ته ٻئي ڏينهن صبح جو مير صاحب کيس پاڻ سان اسڪول ۾ وٺي آيو. ڪمشنر صاحب سنڌي ٻولي به سمجهندو ۽ ڳالهائيندو هو. اسڪول ۾ سادي لباس وارا ٻهراڙيءَ جا ڇوڪرا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو راڳ ۽ ڊائلاگ به گهڻي قدر پسند آيس. ٻئي درجي وارن ڪن شاگردن کان انگريزيءَ ۾ سليس سوال ڪيائين. مثلاً تنهنجو نالو ڇا آهي؟ تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟ تون ڪهڙو درجو پڙهين ٿو؟ وغيره. انهن سوالن جا درست جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. وري مير صاحب جي عرض ڪرڻ تي بورڊنگ هائوس هلي ڏنائين، وري اسڪول ۾ اچي ڇوڪرن جي حاضريءَ جو رجسٽر ڏنائين، جو شروعات کان وٺي اڄ ڏينهن جو ٺاهي ليکي ڪم آندو ويو هو. حاضريءَ جو رجسٽر ڏسي، وري اسڪول بورڊنگ هائوس ۾ خرچ جي داخلا وارا ڪتاب ۽ ووچر گهريائين، جيڪي باقاعدي رکيل هئا ۽ پيش ڪيا ويا. وري وزيٽرس بڪ

گهريائين. جو پڻ اچن پنن جو نهيل پڪي جلد سان موجود هو. پوءِ ان وزيٽرس بڪ جا ٻه صفحا پريائين. ان ريمارڪ ۾ خان بهادر مير صاحب جي دريا دليءَ جي نهايت عمدن لفظن ۾ تعريف ڪيائين، ۽ لاڙ جهڙي ڏتڙيل ملڪ ۾ هھڙي بندوبست ۽ انتظام سان انگريزي اسڪول شروع ٿيڻ تي نهايت گهڻي خوشنودي ظاهر ڪيائين. مير صاحب اسڪول جي مستقبل بابت جيڪي مکيه ٿي ضرورتون پيش ڪيون هيس، تن جي تمام زوردار لفظن ۾ پنيرائي ڪيائين. خان بهادر مير صاحب اسڪول جي بهبوديءَ لاءِ جيڪي ٿي ضرورتون پيش ڪيون هيون، سي هي هيون: (1) اسڪول رجسٽر ٿئي، (2) ماسٽر محمد صديق گورنمينٽ سرونٽ آهي، ان جي سروس باقاعدي هڻ اسڪول لاءِ مون کي لينٽ تي ملي ۽ (3) آءُ خاصي رقم تعليم کاتي ۾ انڊوومينٽ طور رکان. ان انڊوومينٽ (ڊراوت) جي وياج مان ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو خرچ هلائي.

ڪمشنر صاحب وزيٽرس بڪ تي ريمارڪ لکڻ ۽ مير صاحب جا گهرايل مناني جا پڙا پنهنجي هٿ سان شاگردن کي ورهائي ڏيڻ ۽ باقي بچيل پڙا منهنجي حوالي ڪرڻ کان پوءِ، خير سان پنهنجي بنگلي ڏانهن روانو ٿيو.

هڪڙي ڏينهن ڪمشنر صاحب تندي باگي مان منزل ڪنئي، ته ٻئي ڏينهن خان بهادر مير صاحب مون کي پارٽ سان ڪري وزيٽرس بڪ ڪٽائي ڪراچي هليو.

هيءَ به ڪا منهنجي خوش نصيبي چئبي، جو سال 1920ع جي پڇاڙيءَ ڌاري ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب جو پرسنل اسسٽنٽ مسٽر نورالدين نانا صاحب مقرر ٿي آيو جنهن سان منهنجي نيازمنديءَ جي واٽ ان وقت کان هئي، جڏهن اهو صاحب حيدرآباد جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ اسسٽنٽ ماسٽر هو ۽ آءُ پرئڪٽسنگ اسڪول ۾.

مسٽر نانا صاحب پرسنل اسسٽنٽ ٿي اچڻ بعد اول ته اهو احسان ڪيو جو مون کي هڪڙي فرلو موڪل پنيان ٻي فرلو موڪل ملڻ ۾ ڪابه رنڊڪ ڪانه ٿي پئي ۽ هر مهيني ۾ هڪ يا ٻه دفعا ڪراچي

وچيو نئين جاري ڪيل انگريزي اسڪول بابت ڪانئس صلاحون ۽ هدايتون حاصل ڪندو هوس. ان ڪان بہ وڌو احسان اهو ڪيائين، جو منهنجي برخلاف ديوان پريم چند صاحب پرنسپال واري رپورٽ پنيان منهنجي بدلي، جا ٽريننگ ڪاليج مان ڳوٺ ڀهارا تعلقي ميرپور ساڪري تي هئي. سا بدلي منهنجي فرلو موڪل هلندي ئي رد ڪرائي وري ساڳيءَ جاءِ تي ساڳئي پگهار ۾ حقن سان ٽريننگ ڪاليج ۾ مقرري جو حڪم ڏياري موڪليائين. مرحوم خان بهادر مير صاحب مون کي ٽريننگ ڪاليج ۾ وڃڻ نہ ڇڏيو تنهنڪري نانا صاحب جي صلاح موجب هيڪر حڪم جي پيروي ڪري هفتو کن ٽريننگ ڪاليج ۾ وڃي نوڪريءَ تي چڙهيس، پوءِ ترت ئي وري نئين فرلو موڪل جو سلسلو جاري رکيم.

مٿي بيان ڪيل ڪمشنر صاحب جا ريمارڪس کڻي، خان بهادر مير صاحب سان گڏجي، جڏهن ڪراچيءَ ويس، تڏهن مير صاحب انگريزيءَ ۾ هڪڙي وڏي درخواست ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب جي نالي ٽائيپ ڪرائي ۽ ڪمشنر صاحب وارو ريمارڪ بہ ٽائيپ ڪرائي درخواست سان شامل ڪيائين. درخواست ۾ خاص طرح ٽن ڳالهين جي سوال تي زور رکيائين: "(1) اسڪول رجسٽر ٿئي، (2) مسافر جي سروس قاعدي روءِ اُداري ملي ۽ (3) انڊوومينٽ سرڪار پاڻ وٽ رکي ۽ ان جي وياج مان ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب اسڪول ۾ بورڊنگ هائوس جو خرچ هلائي."

اها درخواست مير صاحب ۽ آءٌ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب جي آفيس ۾ کڻي وياسون. اول نانا صاحب جي آفيس ۾ اڌ ڪلاڪ کن ان صاحب سان گفتگو هلي ۽ پوءِ نانا صاحب، مير صاحب سان گڏجي مسٽر ڪنٽريڪٽر صاحب (پارسي) ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب وٽ مٿي ماڙيءَ تي ويو. اڌ ڪلاڪ کن ڪان پوءِ ٻئي ڄڻا ڪلندا هيٺ لٿا. نانا صاحب خاطري ڏني، تہ انشاءَ الله تعاليٰ توهان جون تيئي ضرورتون جلد پوريون ڪيون وينديون.

ڪراچيءَ کان موٽي اچڻ ڪان پوءِ جلد ئي حيدرآباد ضلعي جي ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب پنهنجو اسسٽنٽ ٺنڊي باڳي

موڪليو جنهن نئين جاري ٿيل اسڪول جي شاگردن جو امتحان دستور موجب اچي ورتو. ٻئي درجي مان ٻارهن شاگرد پاس ڪري ٽئين درجي ۾ چاڙهيائين ۽ پهرئين درجي مان چوڏهن شاگرد پاس ڪري ٻئي درجي ۾ چاڙهيائين. اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو رڪارڊ نظر مان ڪڍيائين، ۽ آئينده لاءِ سڀ رڪارڊ ڇاپي، فارمن ۾ رکڻ لاءِ صلاح ڏنائين، وزيٽرس بڪ تي تمام سٺو ريمارڪ لکيائين. پوءِ خان بهادر مير صاحب سان ملاقات ڪري، ان کي اسڪول رجسٽر ٿيڻ لاءِ خاطري ڏنائين. جلد ئي اسڪول رجسٽر ٿي چڪڻ جو آرڊر خان بهادر مير صاحب کي اچي پهتو.

مير صاحب، ڇوڪرن جي حاضريءَ جو رجسٽر، جنرل رجسٽر، وزيٽرس بڪ، آمدني ۽ روانگي رجسٽر، روزنامچو رسيد بڪ وغيره فارم حيدرآباد جي پريس مان ڇپرائي منهنجي حوالي ڪيا، جن تي داخلائون شروع ڪيون ويون.

جولاءِ 1921ع ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب کان پيو آرڊر خان بهادر مير صاحب کي پهتو ته "محمد صديق جي سروس توهان کي لينٽ (اُڌاري طرح) ڪري ڏجي ٿي. جنهن پگهار (ستر روپيه ماهوار) تان هو ٽريننگ ڪاليج مان فرلو موڪل تي لٿل آهي، سو ماهوار پگهار ان کي ڏيندا رهجو ۽ پنج روپيا ساليانو اضافو جيئن ٽريننگ ڪاليج ۾ ان جو حق آهي، سو به سال بسال ڏيندا رهجوس ۽ ان جو پينشن فنڊ توهان کان وقت بوقت ورتو ويندو."

مٿين ٻنهي آرڊرن اچڻ کان پوءِ خان بهادر مير صاحب هڪ لک روپيا جي جنگي قرض طور سال 1914ع واري عالمگير جنگ وقت سرڪار کي ڏنا هئا ۽ اڃ تائين موٽائي نه ورتا هئائين، سي وياج سميت ايجوڪيشنل انسپيڪٽر کي ڏياريا ۽ ٻي رقم به ترت ڏيڻ جو وعدو ڪيائين، ۽ لکي موڪليائين، ته انهيءَ انڊوومينٽ (ڏراوت) مان ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو خرچ باقاعدي هلائي. جيڪا سرڪاري گرانٽ ۽ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ گرانٽ اسڪول کي سال بسال ملڻي هجي، سا به انهيءَ ڏراوت ۾ شامل ٿيندي رهي.

انهيءَ انتظام تي رهڻ کان پوءِ 1922ع جي شروع ۾ خان بهادر مير صاحب اسڪول جي نئين بلڊنگ ٺهرائڻ شروع ڪئي، جنهن ۾ اڄ تائين اهو اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي صورت ۾ هلندو رهي ٿو.

1923ع ۾ موجوده بلڊنگ جو خاص ڀاڱو يعني پنج ڪلاس رومس، هڪ هيڊ ماستر جي آفيس، ماسٽرس روم، بورڊنگ هائوس جي اتر طرف واري لائين ۽ بورچيخانو ڊائننگ روم، پرديسي ماسترن جي رهڻ لاءِ ڪوارٽر ۽ جامع مسجد تيار ٿي چڪي هئي. خان بهادر مير صاحب اسڪول تي نالو رکيو "لارينس مدرسو" ۽ تيار ٿيل بورڊنگ هائوس لائين تي نالو رکيو "گبسن بورڊنگ هائوس." لارينس صاحب ڪنهن زماني ۾ سنڌ جو ڪمشنر هو ۽ گبسن صاحب ڪنهن زماني ۾ حيدرآباد جو ڪليڪٽر هو. انهن ٻنهي صاحبن سان خان بهادر مير صاحب جا سنڌن حڪومت جي زماني ۾ خاص طرح دوستانه تعلق هئا.

جنوري 1924ع مير صاحب مون کي حڪم ڏنو ته "اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس واريون مسواڙي جايون ڇڏيون ڪري نئين تيار ٿيل بلڊنگ ۾ اچي اسڪول هلاءِ." نئين بلڊنگ ۾ آفيس جو فرنيچر به سڀ نئون تيار ڪرايو ويو هو. بورڊنگ هائوس جا کٽولا به نوان موجود رکايا ويا هئا. پوءِ جيئن شاگردن جو تعداد ۽ ماسترن جو تعداد ويو وڌندو تيئن تيئن مير صاحب بلڊنگ ۾ ويو واڌارو ڪندو. تان جو بلڊنگ هاڻوڪي موجوده صورت ۾ قائم ٿي ويئي.

نئين بلڊنگ جي جيڪا گرانٽ مير صاحب کي ملي، سا به انڊوومينٽ۾ داخل ڪرايائين ۽ هڪ لک روپيا نقد ڀيا به ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب جي روبرو ڪراچيءَ ۾ ڏيئي، انڊوومينٽ فنڊ جي ڪل موڙي اڍائي لک روپيا قائم ڪيائين.

اپريل 1924ع کان وني اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو سڀ خرچ مهيني سر مهيني ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب کان برابر ملندو هو. ماهوار خرچ جا بل به ان صاحب ڏانهن ويندا هئا ۽ سال ۾ هڪ دفعو اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو حساب ڪتاب ان صاحب جو ڪلارڪ اچي چيڪ ڪندو هو. امتحان به تعليم کاتي جا آفيسر اچي وٺندا هئا. جيڪي ڇوڪر ٽيون درجو پاس ڪندا هئا، تن مان

غريب ۽ هوشيار شاگردن کي مير صاحب پنهنجي خرچ سان سنڌ مدرسه ڪراچي يا گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ وڌيڪ تعليم لاءِ موڪليندو هو. بورڊرن جو جيڪو تعداد سال به سال ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪندو هو تنهن کان جيڪڏهن وڌيڪ ڪي غريب شاگرد اچي سهڙيندا هئا، ته انهن جي ويسي مير صاحب پنهنجي هڙئون ڏيندو هو. ان کان سواءِ غريب پرديسي شاگردن کي ڪتاب ۽ ڪپڙا به مير صاحب جي طرفان خيرات طور ملندا هئا.

1925ع جي شروع ۾ مير صاحب اسڪول ۾ چوٿين درجي پڙهائڻ جي منظوري گهري، سا ملي، مگر ايجوڪيشنل انسپيڪٽر زور رکيو ته هائي اسڪول جو هيڊ ماستر ڪو گريجوئيٽ رکڻ ضروري آهي، مير صاحب منهنجي هيڊ ماستري قائم رکڻ لاءِ زور لاتو مگر ايجوڪيشنل انسپيڪٽر نه مڃيو ۽ هڪڙو گريجوئيٽ هيڊ ماستر ڏياري موڪليائين، جنهن اپريل 1925ع ۾ مون کان اچي هيڊ ماستريءَ جي چارج ورتي ۽ آءٌ فرسٽ اسسٽنٽ ۽ بورڊنگ هائوس جو مئنيجر ليکيو ويس. جيڪو اسڪول مون پنجن شاگردن سان ۽ پنجاهه روپيا ماهوار پگهار سان شروع ڪيو هو. تنهن ۾ منهنجي چارج ڏيڻ وقت ڏيڍ سؤ شاگرد هئا ۽ ست ماستر ڪم ڪندڙ هئا. اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس جو ماهوار خرچ يارهن سؤ روپيا هو. فري بورڊ 72 هئا ۽ هر هڪ فري بورڊ جو ماهوار خرچ ڏهه روپيا ملندو هو.

ڪجهه وقت فرسٽ اسسٽنٽ طور گذاري، پوءِ مير صاحب کان منٿون ۽ آزيون ڪري موڪل ورتم ۽ رورٽ (واپس گورنمينٽ سروس ۾ وڃڻ) جي درخواست ڪيم. جيڪا قبول پئي، ۽ مون کي بدلي ڪري شڪارپور گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ اسسٽنٽ ماستر ڪري رکيائون. ڪجهه وقت موڪل تي رهي، فيبروري 1927ع ۾ شڪارپور وڃي پنهنجي مقرريءَ واري جاءِ تي حاضر ٿيس. جتي چوٿين درجي جي ڪلاس کان وٺي ستين درجي جي ڪلاس تائين پارسي ۽ سنڌي پڙهائيندو هوس.

## ستين منزل: پرديس ۾ آخري نوڪري

شڪارپور شهر اڳ ڪڏهن به منهنجو ڏٺل نه هو پر به تي جهونا

شڪارپوري ماستر اهڙا بہ هئا، جن سان ٽريننگ ڪاليج ۾ تعليم وٺڻ وقت هم ڪلاس ٿي گذاريو هوم ۽ ڪجھ جهڙا نوجوان ماستر اهڙا بہ هئا، جيڪي ٽريننگ ڪاليج ۾ منهنجي پرشن ٽيچر هئڻ وقت مون ڪان تعليم وٺي ويا هئا. تنهن ڪري شڪارپور ۾ رهڻ سهڙڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ بہ نسبت مون تمام سولو وقت گذاريو. مگر لاڙ جو ماڻهو ٿي ڪري شڪارپور جي گرمي ۽ سرديءَ جا جيڪي سواد پوڳيم، سي ڪڏهن بہ نہ وسرندم.

ساندهہ ٻارهن مهينا ڪن شڪارپور ۾ گذاريم. تہ ايتري ۾ مسٽر نورالدين نانا صاحب، ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو پرنسپال مقرر ٿي آيو تنهن مئي 1928ع ۾ منهنجي بدلي ٻيهر ٽريننگ ڪاليج ۾ ڪرائي. حيدرآباد تہ منهنجو وطن ٿي رهيو هو. تنهنڪري ڳوٺان ٻار ٻچا وٺي وري بہ حيدرآباد ۾ گهر ٻار ڪري اچي گذاريم.

ساندهہ ٻہ سال ٽريننگ ڪاليج ۾ پنهنجي ڊيوٽي ادا ڪرڻ سان گڏ نانا صاحب وٽ درسي ڪتابن جاچڻ جي اها خدمت بہ بجا آڻيندو رهيس، جيڪا خدمت اڳين هندو پرنسپال صاحبن وٽ بجا آڻيندو هوس: ان ڪان سواءِ نانا صاحب جي فرزند فيروزالدين نانا کي، جيڪو ان وقت بي. اي ڪاليج ۾ پڙهندو هو (۽ هينئر خدا تعاليٰ جي فضل سان سيشن جج آهي) تنهن کي خانگي طرح پارسيءَ جي تعليم بہ ڏيندو هوس.

مئي 1928ع جي پوين تاريخن ۾ هڪڙي ڏينهن مون ڪلاس ۾ ٽئين سال جي شاگردن کي شاهہ جي رسالي جي بيتن جي سمجهاڻي پئي ڏني، تہ ايتري ۾ خان بهادر مير صاحب السلام عليڪم ڪري ڪلاس ۾ گهڙي آيو. مون آڏرڀاءُ ڪري ڪرسيءَ تي ويهاريومانس. پاڻ بختاور فرمائڻ لڳو تہ "آءٌ ويٺو آهيان، تون ڀلي ڪلاس جو ڪم پورو ڪري وٺ." جيسين پيرڊ پورو ٿيو تيسين مون شاگردن کي بيتن جي معنيٰ پي سمجهائي ۽ پاڻ يڪ خيال ٿيو ويٺي ٻڌائين. جڏهن پيرڊ پورو ٿيو ۽ آءٌ ڪلاس کان ٻاهر نڪتس ٿي، تڏهن پاڻ بہ مون سان گڏ ڪلاس مان نڪتو ۽ مون کي چيائين، تہ "شام جو منهنجي اوطاق تي مون سان ضرور اچي ملجانءِ."

شام جو مير صاحب سان سندس اوطاق تي وڃي مليس. فرمايائين تہ "صبح جو نانا صاحب سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪري پوءِ تو وٽ ڪلاس ۾ آيو هوس. مون زناني اسڪول لاءِ پڪين سرن جي جاءِ تيار ڪرائي ڇڏي آهي. منهنجي مرضي آهي، تہ تنهنجي پينشن جو وقت هاڻي ويجهو آهي، تنهن ڪري موڪل وٺي هلي اهو اسڪول چالو ڪر ۽ پوءِ اتان پينشن لاءِ لکپڙھ هلاءِ. پر نانا صاحب اها صلاح قبول نہ ڪئي، تنهن ڪري في الحال تون فقط هڪڙو ڪم ڪر، جو مون کي ڪا ٽرينڊ ماسترياڻي هٿ ڪري ڏي، جيڪا اهو اسڪول هلي چالو ڪري. اسين ان مائي ماسترياڻيءَ کي تمام خوش ۽ سکيو رکنداسون."

مون مير صاحب کي ماسترياڻي هٿ ڪري ڏيڻ لاءِ خاطري ڏني ۽ انهيءَ ڪوشش ۾ لڳس. هڪڙي حيدرآباد جي وينل ٽرينڊ مائي، جنهن زناني ٽريننگ ڪاليج جي ٽئين سال جي امتحان پاس ڪرڻ بعد لاڳيتا اٺ ڏھ سال زناني ٽريننگ ڪاليج جي پريڪٽسنگ اسڪول ۾ اسسٽنٽ ماسترياڻي تي پي گذاريو. تنهن جي چاچن سان منهنجو پائرن جهڙو رستو هو. تنهن کي تبدلي باڳي هلڻ لاءِ تيار ڪيم. ان مائيءَ کان بدليءَ جي رضامنديءَ جي درخواست وٺي، ان زناني ٽريننگ ڪاليج جي ليڊي سپرينٽنڊنٽ صاحبہ کان نوٽ ورتم ۽ مير صاحب کان ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب جي نالي درخواست ورتم ۽ ڪراچي روانو ٿيس. ايجوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب کان مائيءَ جي بدليءَ جو آرڊر وٺي آٽي مائي ماسترياڻيءَ کي ڏنم. مائي پنهنجو عيال (مڙس، ٻہ ٻار، مڙس جا ٽي ننڍا ڀائر، جي اسڪول ۾ پڙهندا هئا ۽ هڪڙي مڙس جي ڀيڻ ڇوڪري، جا سنڌي پنج درجا پڙهيل هئي) ساڻ ڪري تبدلي باڳي ۾ آئي ۽ تاريخ پهرين آگسٽ 1928ع تي اچي مير صاحب وارو زنانو اسڪول چالو ڪيائين. مير صاحب جن مائي ماسترياڻيءَ کي ڪاڏي پيتي جي گذران ۾ اهڙو خوش رکيو جو مائي تمام خوش گذاريندي رهي ۽ مائيءَ جا حيدرآباد وارا عزيز بہ پرديس ۾ مائيءَ جي عزت معلوم ڪري تمام خوش ٿيا.

نئين اسڪول چالو ڪرڻ ۾ مائيءَ کي مشڪلات فقط هيءَ تي،

جو زناني ٽريننگ ڪاليج واري پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ مائيءَ کي چوڪرين جي حاضريءَ جي رجسٽر ڪان سواءِ اسڪول جي پئي ڪنهن بہ دفتر سان واسطو ڪونہ رهيو هو مگر ٽنڊي باگي جي نئين اسڪول ۾ مائيءَ کي اسڪول جو سڀ دفتر (حاضري جو رجسٽر، جنرل رجسٽر، آمدنيءَ ۽ روانگيءَ رجسٽر، روزنامچہ رجسٽر، رسيد بڪ وغيره) پنهنجي هٿ سان لکڻو ۽ هلائڻو هو. مائيءَ پنهنجي اها مشڪلات مون ڏانهن لکي موڪلي. ٽن چئن مهينن کان پوءِ مون کي جيڪا سياري جي وئڪيشن ملي، سا سڄي مون ٽنڊي باگي ۾ اچي گذاري ۽ مائيءَ کي اسڪول جو دفتر ۽ لکپڙھہ چڱيءَ طرح سمجھايم. پوءِ مائيءَ کي ڪنهن ڪاغذ پٽ يا لکپڙھہ ۾ مونجھہ ٿيندي هئي، تہ ان جي سمجھاڻي ڪيس حيدرآباد مان لکيو موڪليندو هوس.

## انين منزل : پينشن تي لهڻ ۽ متفرقہ حالات

### (الف) اوچتي قسمت

فيبروري 1930ع ۾ منهنجو مربي مامو حاجي محمد عارف، جنهن مون کي پٽن وانگر پاليو ۽ تاتيو هو جيڪو منهنجي پاران برادريءَ جي مکيہ جا فرض ادا ڪندو رهندو هو ۽ منهنجين غريباڻين جاين جڳهن جي سنڀال ڪندو رهندو هو تنهن وفات ڪئي. ان جي سخت بيماريءَ جي اطلاع پهچڻ تي آءٌ عيال سميت ٽنڊي باگي آيس. منهنجي اچڻ کان بہ ڏينهن پوءِ ان وفات ڪئي. انهيءَ قضئي جي موقعي تي دستور موجب اوري پري جا عزيز ۽ پائر اچي گڏ ٿيا. انهن سڀني مون تي زور رکيو تہ هيترا ڏينهن پريو مڙس وينو هو تہ توتي پاءُ برادريءَ جي ڪابہ ميار ڪانہ هئي، پر هاڻي توکي ضرور پنهنجي وطن ۾ رهڻو ۽ پاءُ برادريءَ جي شادين غمين جي ڪاروبار جو انتظام رکڻو آهي.

بئي پاسي وري خان بهادر مير صاحب زور رکيو تہ هاڻي فرلو موڪل وٺي پينشن لاءِ لکپڙھہ ڪر، ۽ وطن ۾ رهي، نئين چالو ڪيل زناني اسڪول جي انتظام ۽ تعليم ۾ مائي ماسترياڻيءَ سان مددگار رهہ.

سڀني ڳالهين جي ويچار بعد وطن ۾ گذارڻ ضروري ڄاتم، تنهن ڪري فرلو موڪل جي درخواست رواني ڪيم ۽ ان جي پنيان پينشن

ملڻ جي درخواست بہ ڪيم ۽ حيدرآباد وچي سڀ حالتون خان بهادر نانا نورالدين صاحب سان بيان ڪيم، جنهن پڻ مون کي بي ميار سمجهيو.

ان وقت کان وڻي پرديس جي نوڪريءَ جا لاڳاپا لاٿم ۽ وطن ۾ گذارڻ لڳس.

(ب) وطن جي نياڻين جي تعليمي خدمت

اها بہ مون پنهنجي خوش قسمتي سمجهي، جو هڪڙي پاسي پنهنجي اباڻي پڳداريءَ جي برادرانہ فرض ادا ڪرڻ جو وجھ مليم جي فرض خدا تعاليٰ جي فضل سان اڄ تائين بخوبي ادا ڪندو رهان ٿو ۽ ٻئي طرف وطن جي نياڻين جي تعليمي قيمتي خدمت ۾ پنهنجي سچي وطن پرست خيرخواهہ مربي خان بهادر مير صاحب سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيهڻ جو سدورو موقعو حاصل ٿيم.

مائي ماسترياڻي (مائي ڪتو احمد يونساڻي) بہ منهنجي وطن ۾ رهڻ تي ڏاڍي خوش ٿي. هوءَ مون کي پنهنجو سڳو ابو ڪري سمجهندي هئي ۽ آءٌ ان کيُ پنهنجي سڳي ڌيءَ ڪري سمجهندو هوس. اڄ تائين اچيءَ دل ۽ سچيءَ خيرخواهيءَ سان منهنجي ۽ انهيءَ مائيءَ جي وچ ۾ پيءَ ۽ ڌيءَ جهڙو ناتو قائم آهي. هن وقت اها مائي ٽنڊي قيصر جي زناني اسڪول ۾ هيڊ ماسترياڻي آهي ۽ جلد پينشن تي وڃڻي آهي.

خان بهادر مير صاحب جي طرفان مون تي اها فرمائش رکيل هئي، تہ روزمره بہ اڍائي ڪلاڪ اسڪول ۾ مائي ماسترياڻيءَ سان ڇوڪرين جي تعليم ۾ مدد ڪريان ۽ اسڪول جي انتظام ۽ تعليم جي ڪم ۾ مائيءَ جي رهنمائي ڪندو رهان ۽ اسڪول جي هر گهرج ۽ ضرورت سندن ڏيان تي آڻيندو رهان. مير صاحب پنهنجي ديري وارن خواهہ ٻين مير صاحبن جي ننڍين خواهہ وڏين نياڻين کي اهڙي هدايت ڪري ڇڏي هئي، جو اهي سڀ نياڻيون مون کي پنهنجو وڏو ماڻٹ ڪري سمجهي بنا حجاب اسڪول ۾ مون کان تعليم وٺنديون رهنديون هيون ۽ آءٌ انهن کي پنهنجا ٻچا ۽ نياڻيون ڄاڻي، ايمانداريءَ سان تعليم ڏيندو رهندو هوس.

شهر جي ٻين قومن جي سيني معزز ماڻهن جون نياڻيون بہ اسڪول ۾ داخل ٿينديون رهيون. جيئن جيئن اسڪول ۾ ڇوڪريون

وڏنديون رهيون. تيئن تيئن مائي هيڊ مسٽريس کي سرڪاري طرح اسسٽنٽ ماستريائڻيون بہ ملنديون رهيون. غريب مائٽن جي سيني نياڻين کي ڪتاب ۽ ٻيو تعليمي سامان خان بهادر مير صاحب جي طرفان ملندو هو. اسڪول کلڻ جي وقت کان وٺي هڪڙي قرآن ٽيچر مائي، مير صاحب پنهنجي پگهار سان رکي هئي، پر پوءِ ان مائيءَ کي بہ سرڪاري پگهار چار روپيا ۽ پنج روپيا ملندو هو تہ بہ مير صاحب ان قرآن ٽيچر مائيءَ تي پنهنجي شروعاتي نوازش قائم رکندو آيو. مون مسڪين تي جيڪي مير صاحب جون نوازشون ۽ احسان هوندا هئا، تن جي پوري پوري شڪرگذاري بجا آڻڻ جي تہ منهنجي زبان کي طاقت ئي نہ آهي.

جيڪي تعليم کاتي جا عملدار (ايجوڪيشنل انسپيڪٽر تائين) توڙي روينيو کاتي جا عملدار (ڪمشنر تائين) زنانو اسڪول ڏسڻ ايندا هئا، سي تمام خوش ٿي، عمدا عمدا ريمارڪ وزيٽرس بڪ تي لکيو ويندا هئا. ڪي عملدار پنهجي ريمارڪسن ۾ منهنجي خانگي خدمت جو بہ جس لکيو ويندا هئا.

انهيءَ اسڪول جي ترقيءَ لاءِ خان بهادر مرحوم اڃا بہ هڪڙي عمدي قدم کڻڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو سو ارادو هي هو تہ هڪڙي موٽر بس يا لاري رکجي، جيڪا ٻهراڙيءَ جي ڇوڪرين کي صبح جو ڳوٺان کڻي اسڪول ۾ آڻي ڇڏي ۽ وڏي سج انهن کي وري سندن ڳوٺن ۾ پهچائي اچي، ۽ ٻيو تہ اسڪول سان لاڳو ڇوڪرين لاءِ بورڊنگ هائوس نهرائجي، جنهن ۾ ٻاهر جي غريب ڇوڪرين جي رهڻ سهڻ ۽ کائڻ پيئڻ جو مناسب بندوبست رکجي.

افسوس! جو انهن ارادن کي خان بهادر مرحوم اڃا عملي جامون پهرايو ئي نہ هو تہ سندس نيڪ روح کي دارالبقا ڏي سڏ ٿيو ۽ تاريخ 12 فيبروري 1932ع تي رحلت ڪيائين. انا لله و انا اليه راجعون.

خان بهادر مير صاحب جي وفات کان پوءِ بہ اسڪول باقاعدي "گورنمينٽ پرائمري گرلس اسڪول" جي نالي سان هلندو اچي ٿو. خدا تعاليٰ جي وڏي مهرباني هيءَ آهي، جو پنجن ڇهن سالن کان وٺي اسڪول جون هيڊ ماستريائڻيون، نائب ماستريائڻيون ۽ قرآن ٽيچر هن ڳوٺ جون

ويئل ٽريننگ، ڪواليفائيڊ توڙي ان ڪواليفائيڊ نياڻيون ٿي هڪ ٻئي پٺيان ٿينديون اچن ٿيون، جن پهرين درجي کان وٺي هن اسڪول ۾ ٿي تعليم ورتي هئي ۽ آءُ ٻه اڄ تائين بنا ڪنهن اجوري ۽ لالچ جي، انهن نياڻين سان اسڪول جي ترقي، انتظام ۽ تعليم ۾ مددگار ۽ رهنما ٿيندو رهڻ پنهنجو وطني ۽ اخلاقي فرض ڄاڻندو رهان ٿو.

## (ث) تصنيف ۽ تاليف جو ڪم

1902ع ۾ ٽريننگ ڪاليج ۾ نوڪريءَ تي دخيلڪار ٿيڻ بعد مون پنهنجي فرصت جو گهڻو ڀاڱو ڪتابن مطالعي ڪرڻ ۽ ترجمي، تصنيف ۽ تاليف جي ڪم ۾ صرف ڪرڻ شروع ڪيو. شروعات وارا ٿاهيل ڪتاب مسٽر هريسنگ بڪ سيلر سکر ۽ مسٽر پوڪرداس بڪ سيلر شڪارپور ڏانهن موڪليندو هوس، جيڪي ان وقت ليٿو ۾ ڪتاب ڇاپيندا هئا. ان وقت جي ڇاپيل ڪتابن مان ڪو ورلي ڪتاب هن وقت هٿ اچي سگهندو. پوءِ مسٽر مولچند وشنداس بڪ سيلر حيدرآباد واري پنهنجو بڪ ڊيپو کوليو تڏهن ان کي پنهنجا ٿاهيل ڪتاب ڏيڻ شروع ڪيم. وري جڏهن سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي شروع ٿي، تڏهن ان کي پنهنجا لکيل ڪتاب ڏيڻ شروع ڪيم. پوءِ حيدرآباد جي يوسف برادرس بڪ سيلرز کي، مگر هاڻي پنهنجي تصنيفات جو سڀ ڪار وهنوار حيدرآباد وارن آر ايڇ احمد اينڊ برادرس سان قائم آهي.

شروعات کان وٺي اڄ تائين ٿاهيل ڪتابن مان مکيه ڪتاب هي آهن:

1. سپاهي زاده (اردو نظم جو سنڌي نظم ۾ ترجمو).
2. هداية المسلمين (اسلامي عقائد ۽ ارڪانن جون سمجهاڻيون جدا جدا ڇهه جلد)
3. رموز القرآن (قرآن شريف جي صحيح پڙهڻ ۽ وقفن يعني بيهڪ جي نشانين بابت سمجهاڻيون).
4. ناول گلبدن (اردو تان ترجمو).
5. مهروز بانو (بهار دانش پارسي جي هڪڙي ڀاڱي جو ترجمو).
6. ممتاز دمساز (اردو تان ترجمو تڪ بنديءَ سان ڇپي ڇپي تي مضمون موافق سنڌي شعرن سان).

7. سنڌي سونهان (سنڌي ٻئي ڪتاب کان ستين ڪتاب تائين لفظن جون معنائون، اشتقاق ۽ ٻيتن جون سمجهاڻيون جدا جدا ڇهه ڪتاب)
8. ديوان فاضل (سائين فاضل شاهه مرحوم جي سوانح عمري سميت).
9. قرب قليچ (مرحوم شمس العلماءِ ميرزا قليچ بيگ صاحب جي مختصر سوانح عمري).
10. شهيد ڪربلا يا شهادت نامو.
11. حياتيءَ جو دور ياڳو پهريون ۽ ٻيو (اردو تان ترجمو)
12. سڄاڻ زالون (تواريخي ڪتابن مان تاليف ڪيل).
13. سنڌي گرامر (ٽي ڀاڱا)
14. سنڌ جي تاريخ.
15. سنڌ جي جاگرافي.
16. سنڌ جي ڪن تعلقن جون جدا جدا جاگرافيون.
17. ڏيهي حساب.
18. ورنيڪيولر فائنل امتحان جي پيپرن جا جواب (1949ع کان اڄ تائين)
19. جوهر اسلام (اصحابن سڳورن جا نيڪ اعمال انگريزي تان ترجمو).
20. جاميٽري- جدا جدا ٽي.
21. انگي حساب (ٻئي درجي جي ڪورس کان پنجين درجي جي ڪورس تائين جدا جدا چار جلد).
22. تجارتي حساب ڪتاب (نئين نموني جو ڏيهي حساب)
23. غلامي ۽ آزاديءَ جا عبرت ناڪ نظارا (حبشي قوم جي غلامي ۽ آزاديءَ جو تاريخي ۽ تمدني احوال)
24. منتخب مضامين (نثر ۽ نظم، ٽي جلد).
25. منازل مسافر بمع ڪليات مسافر.

## مذهبي تعليم ۽ تربيت

مڪتب ۾ قرآن شريف جي تعليم وٺڻ واري وقت ۾ پنهنجي استاد مرحوم جي پنيان نماز پڙهڻ ۽ ان کي سانجهيءَ نماز کان پوءِ ذڪر ڪندو ڏسڻ، گهر ۾ والد مرحوم کي روزمره آڌيءَ رات جو ذڪر ڪندو ڏسڻ ۽ گهر ۾ ان کي ۽ مامي حاجي عارف کي نماز پڙهندو ڏسڻ.

استاد مرحوم کي توڙي ماڻٽن کي روزا رکندو ڏسڻ، اهي اهڙيون حالتون هيون، جن جي ڪري ڏهن ٻارهن سالن جي عمر ۾ رسمي طرح نماز پڙهڻ ۽ روزن رکڻ جي عادت پئجي ويئي، پر انهن اعمالن جي حقيقت ۽ روحاني اثر بابت ڪابہ سڌ ڪانہ هوندي هئي.

اسان جي ڳوٺ جا مير صاحب، اسان جا مٽ مائٽ، سڀيئي پاڙيسري ماڻهو پير سائين پاڳاري جا مريد هوندا هئا ۽ اڄ تائين انهن جا صادق مريد آهن ۽ پنهنجن ٻارن کي ننڍي هوندي ئي مرشد وناائيندا هئا. انهيءَ رواج موجب آءٌ جڏهن اڃا مڪتب ۾ قرآن شريف جي تعليم پيو وٺندو هوس، تڏهن مون کي پير سائين پاڳاري جي خاندان مان پير علي حيدر شاھہ (عليہ الرحمة) جو مريد ڪيائون. يعني پير صاحب دستور موجب پنهنجن خليفن ۽ فقيرن سان گڏجي پاڙي ۾ زيارت ڪرائڻ آيو هو. پير صاحب کٽ تي ويٺو هو ٻيا سڀ خليفا، فقير ۽ مريد چوڌاري ڦريو ٻيٺا هئا، کٽ جي اڳيان وچايل تڏي تي مون کي ائين ويهاريائون، جيئن نماز جي قعده ۾ ويهبو آهي. پوءِ پير صاحب ذڪر (تهليل) جي چئن لفظن مان هر هڪ لفظ چوندو ويو ۽ آءٌ پنيائنس اهي لفظ چوندو آيس. پوءِ پير صاحب ٻہ ڪٽي دعا پني ۽ منهنجي پٺ ٺپريائين. مون حاضر بيٺل ماڻهن جي چوڻ موجب پير صاحب جي پيرن تي هٿ رکيا ۽ سندن هٿ چميم.

تنهن کان پوءِ ڪڏهن سانجهيءَ نماز کان پوءِ ٻين جماعت وارن سان گڏ، ڪڏهن پنهنجي روءِ سوءِ سومهڻي نماز جي پنيان يا فجر نماز کان اڳ اهو ذڪر پيو ڪندو هوس، پر انهيءَ ذڪر جي حقيقي فائدي ۽ روحاني راحت جي خبر ان زماني ۾ بلڪل ڪانہ هيم.

جڏهن ٽريننگ ڪاليج ۾ تعليم وٺڻ وقت سنڌي، اردو ۽ پارسي مذهبي ڪتاب مطالعو ڪيم ۽ استاد مرحوم سيد محمد فاضل شاھہ صاحب کان عربي تعليم حاصل ڪرڻ بعد قرآن شريف جي معنيٰ سمجهيم. تفسير حسيني ۽ امام غزالي (عليہ الرحمة) وارو ڪتاب "ڪيمياءِ سعادت" ذري پرزي پڙهيم ۽ سمجهيم ۽ تصوف جا روحاني مسئلا زباني طرح معلوم ڪيم. تڏهن خبر پيم، تہ اسلام جي حقيقت ڇا آهي ۽ ان جي ارڪانن ۾ ڪهڙو روحاني فلسفو سمايل

آهي، ۽ ذڪر ڪرڻ مان ڪيئن روحاني روشني ۽ روحاني راحت حاصل ٿئي ٿي.

مذهبي بحث مباحثي ۾ مرحوم سائين فاضل شاهه ڪي وقت جا سيئي عالم مجرائي ڏيندا هئا. هي ڪيترن مخالفن کي مذهبي بحث مباحثو ڪندي، عام ميڙن ۾ لاجواب بنائي چڪو هو. ان مرحوم جي هيءَ هدايت هوندي هئي، ته اسلام جي مخالفن جا تصنيف ڪيل ڪتاب، جيڪي به هٿ اچي سگهن، سي ضرور مطالعو ڪر. انهن مان جن ڪتابن جا جواب عالمن لکيا آهن، سي به ڪوشش ڪري هٿ ڪر، پر جيڪڏهن ڪنهن به مخالف جي ڪتاب جا جواب ڪتاب هٿ نه اچنئي ته انهن جا پورا پورا شافي جواب تفسير حسيني ۽ "ڪيمياءِ سعادت" مان توکي ملي سگهندا.

انهيءَ هدايت موجب مون ڪيترائي ڪرستانن جا ۽ آريا سماجين جا لکيل ڪتاب پڙهيا، جن ۾ اسلام جي ارڪانن ۽ اصولن تي سخت نڪته چينيون ۽ حملا ٿيل هئا، مگر خدا تعاليٰ جي فضل سان انهن نڪته چينين ۽ حملن جا تسلي بخش رد تفسير حسينيءَ جيڪي قرآن شريف جي آيتن جا روحاني راز سمجهايا آهن، تن مان ۽ ڪيمياءِ سعادت جي معنوي سمجهاڻين مان چڱيءَ طرح ملي ٿي سگهيا.

ان زماني کان وٺي اڄ تائين منهنجو مذهبي دستور العمل هيءُ آهي، جنهن جي قرآن شريف ۽ تصوف جا اصول ڪلي ڪلائي پنيرائي ڪن ٿا:

1. خدا تعاليٰ جي پاڪ هستيءَ کي حق ڪري ڄاڻڻ. ان کي سڀ ڪجهه ڪري سگهندڙ هر جاءِ حاضر ناظر ۽ دانا بينا ڄاڻڻ ۽ سچي ويساهه سان هر وقت ۽ هر حال ۾ ان جو پاڪ نالو ياد ڪندو رهڻ.
2. مقرر وقتن تي ان جي عبادت ڪرڻ. دل جي حضور ۽ خشوع (نماڻائيءَ) سان ان کان مدد ۽ توفيق پنڻ. جيڪي عبادت ۾ پڙهجي، سو سمجهي پروڙڻ تمام ضروري آهي. بنان سمجهه ۽ پروڙ جي ناممڪن آهي، جو حضور ۽ خشوع سان عبادت ٿي سگهي.
3. روزمره، خاص ڪري فجر نماز بعد قرآن شريف جو جيترو به ٿورو يا گهڻو دئور ٿي سگهي، اوترو ڪرڻ، ۽ جيڪي پڙهجي، تنهن جي معنيٰ سمجهڻ ۽ دل سان هنڊائڻ.

4. جنهن پاڪ رسول يعني حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي معرفت اسان کي خدا تعاليٰ جي پاڪ هستيءَ جي واقفيت ۽ قرآن شريف جا احڪام پهتا آهن. تنهن تي سڀ ڪنهن وقت خاص ڪري عبادت سان صلوات سگوري پڙهندو رهڻ.

5. مرشد کان مليل ذڪر ڪنهن بہ وقت، خاص ڪري سانجهيءَ ۽ سومهڻيءَ نماز جي وچ ۾ يا پرهہ ڦٽيءَ مهل ڪندو رهڻ ۽ سمجهندو رهڻ تہ ذڪر وارن لفظن ۾ ڇا ڇئي رهيو آهيان. اهو ذڪر ئي آهي، جو روح ۽ رب جي وچ ۾ سچو تعلق ۽ سچي حب قائم رکي ٿو.

6. دنيا جي ڪاروبار ۾ پنهنجي حال آهر نيڪي ۽ خير جي ڪمن جي ڪوشش ڪندو رهڻ ۽ بدي ۽ بدنيتيءَ جهڙن ڪمن کان پاڻ کي پري رکندو رهڻ، اها خدائي نعمت تڏهن حاصل ٿيندي، جڏهن هر نماز ۾ دل جي حضور ۽ خشوع سان "اهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيمَ ○ صِرَاطَ الَّذِينَ أَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ" (يا الله سائين! اسان کي انهيءَ سنئينءَ واٽ تي هلاءِ، جنهن واٽ تي تو پنهنجا نوازيل انسان هلايا.)

7. ڪنهن بہ ٻئي فرقي يا ٻئي مذهب واري شخص سان نفرت ۽ ڏکار جهڙو رستو نہ وٺڻ. ڪهڙي بہ فرقي ۽ مذهب جو ماڻهو هجي تہ ان سان دنيا جي ڏيتي ليتي ۽ ڪار وهنوار ۾ صاف دل ۽ صلح پسند ٿي هلڻ گهرجي. مذهبي تعصب ۾ وير وروڌ رکڻ جي ڪهڙي ضرورت، جڏهن خدا تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ صاف صاف فرمايو آهي تہ:

الف: وَإِنْ جَادَلُوكَ فَقُلِ اللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا تَعْمَلُونَ ○ اللَّهُ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِيمَا كُنْتُمْ فِيهِ تَخْتَلِفُونَ ○ (سورة الحج پارو 17 رڪوع 8/15)

معنيٰ: (اي حضرت رسول ڪريم ﷺ) جيڪڏهن مخالف مذهبن وارا توسان مذهب جي باري ۾ تڪرار تا ڪن، تہ تون انهن کي چئو تہ جيڪي توهين ڪريو ٿا، سو سڀ ڪجهہ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو. جن ڳالهين بابت توهين مخالفت ڪريو ٿا، تن جو فيصلو الله تعاليٰ پاڻيهي قيامت جي ڏينهن ڪندو.

ب: وَإِنَّ هَٰذِهِ أُمَّتُكُمْ أُمَّةً وَاحِدَةً وَأَنَا رَبُّكُمْ فَاتَّقُونِ ○ فَتَقَطَّعُوا أَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ زُبُرًا كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُونَ ○ (سورة المومنون پارو 18 رڪوع 2)

معنيٰ: اي نبيو! اي مذهبي پيشواؤ! تحقيق هي جيڪي بہ مذهبي

ريسرچ لائبريري

فرقا آهن، سي سڀ ساڳي مذهبي اصول جي تعليم مليل ٽوليون آهن ۽ آءٌ اوهان جو پالڻهار آهيان، تنهن ڪري منهنجو خوف ڪريو. پوءِ انهن ٽولين پاڻ ۾ جهيڙا جهٽا ڪري انهيءَ پڪي ۽ اصلي اصول کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري جدا جدا مذهبي فرقا بنايا آهن ۽ سيڪو فرقو پنهنجي پنهنجي اختيار ڪيل اصول تي ناز ڪري رهيو آهي.

ت: لَاۤ اِكْرَاهَ فِى الدِّيْنِ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ الْغَيِّ فَمَنْ يَّكْفُرْ بِالطَّاغُوْتِ وَيُؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى لَا انْفِصَامَ لَهَا وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ○ (سورة البقر پارو 3 رڪوع 33۔1)

معنيٰ: سچ پچ سواتائي ۽ گمراهي پڌري پٽ پيئي آهي، تنهن ڪري مذهب جي تبديليءَ لاءِ ڪنهن تي زبردستي ڪم آڻڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي. انهيءَ صورت ۾ جيڪو گمراهه ڪندڙ طاقت کان پاڻ ڇڏائي سچي الله ۾ ايمان آڻي ٿو سو ڄڻ اهڙي رسيءَ کي هٿ وجهي ٿو جيڪو ٽٽڻو ئي نه آهي ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

ت: قُلْ يَاۤ اَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ○ لَاۤ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ○ وَلَاۤ اَنْتُمْ عَابِدُوْنَ مَاۤ اَعْبُدُ ○ وَلَاۤ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ○ وَلَاۤ اَنْتُمْ عَابِدُوْنَ مَاۤ اَعْبُدُ ○ لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ ○ (سورة الڪافرون پارو 30)

معنيٰ: اي رسول ڪريم ﷺ تون چئو ته اي اسلام کي نه مڃيندڙؤ! جن بتن جي اوهين پوڄا ڪريو ٿا، تن جي پوڄا آءٌ نه ڪندس ۽ آءٌ جنهن الله جي ڪريان ٿو تنهن جي عبادت اوهين نٿا ڪريو تنهن ڪري اوهين پنهنجي دين تي رهو ۽ آءٌ پنهنجي دين تي محڪم آهيان."

سبحان الله! ڪهڙي نه صلح ڪل هلت چلت!

غير مذهب وارن سان صلح سانت سان هلڻ بابت حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن جي مبارڪ زندگيءَ جا مثال موجود آهن ۽ قرآن شريف جون بيون به ڪيتريون ئي آيتون شاهد آهن.

## عشق جي منزل

محبت انسان ذات جي من جو مٺيون آهي. جڏهن الفت جي آگ کي وڇوڙي جو واءُ پڙڪائي ٿو تڏهن اها محبت عشق مجازيءَ جي نالي سان سڏجي ٿي، جنهن جي معنيٰ ظاهري هستين جي محبت جو ذيڪ، جنهن کي حقيقي نظاري سان ڪوبه واسطو نه هجي. ڪوبه ڪامل

مرشد يا استاد پنهنجي تجربي ۽ روشن دليءَ جي وسيلي مجازي عاشق جَي روح جي مجازي خوبين ۽ خاصيتن جي اصليت ۽ حقيقت ڏي رجوع ڪري ٿو يا نقش تان هٽائي نقاش سان ملائي ٿو تڏهن اهو مجازي عشق مٽجي حقيقي عشق جي صورت وٺي ٿو جو ئي انساني روح لاءِ بقادار ورونهن ۽ اصلي مقصد آهي.

ڪامل استاد مرحوم سيد محمد فاضل شاهه جي صحبت ۽ فيض بخشيءَ کان اڳ الڙپائيءَ جي وقت ۾ منهنجي من تي جيڪا مجازي عشق جي ضرب لڳي هئي، تنهنجو اثر تہ ان تجربي ڪار استاد مرحوم جي فرمائشن ۽ هدايتن سان زائل ٿي ويو پر سندن وفات کان پوءِ بہ عشق مجازيءَ جيڪو سخت حملو منهنجي روح تي ڪيو هو تنهن کي بہ خدا تعاليٰ جي فضل سان انهيءَ مرحوم ڪامل استاد جي هدايتن جي ياد آوري گهڻو وقت جٽاءَ ڪرڻ نہ ڏنو.

حق تعاليٰ جلشانه جي حمايت موجوده حقيقي راهہ تي شل آخري دم تائين ثابت قدم رکي. آمين ثم آمين.

## شاديون ۽ اولاد

منهنجي پهرين شادي پنهنجي نيات وارن مان ٽنڊي محمد خان ۾ ٿي هئي. جيئن تہ ٽنڊي باگي مان ڇڄ ڪري اچڻو هو تنهنڪري زياده خرچ ٿيڻو هو انهيءَ مدنظر تي سرڳواسي ديوان تاراچند شوقيرام آڏواڻي پرنسپال صاحب مون سان پاڻمرادو پئسي ڏوڪڙ جي چڱي مدد ڪئي، جنهن ڪري شادي خير خوبيءَ سان ٿي گذري. اها شادي اپريل 1905ع ۾ ٿي هئي. انهيءَ گهر مان مون کي هڪ نياڻي ٿي، جا ڄمڻ کان پوءِ ترت وفات ڪري ويئي ۽ انهيءَ گهرواريءَ بہ نومبر 1906ع ۾ وفات ڪئي.

ٻي شادي ٽنڊي باگي کان ميل کن جي مفاصلي تي پاهڙ مريءَ جي ڳوٺ مان پنهنجن عزيزن منجهان مارچ 1910ع ۾ ڪيم. انهيءَ گهر مان مونکي نوٻار ٿيا: ٽي پٽ ۽ ڇهہ نياڻيون. ڊسمبر 1930ع ۾ جڏهن منهنجي انهيءَ گهرواريءَ وفات ڪئي هئي، تڏهن انهن نون ٻارن مان فقط ٻہ نياڻيون حيات هيون. جن مان وڏي نياڻي پنهنجي عزيزن ۾ تلهار تعلقي بدين پرڻائي هئي، جنهن جي هڪ نياڻي زنده آهي، جيڪا تلهار ۾

لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي

پنهنجن ڏاڏاڻن ۾ رهي ٿي ۽ پنهنجي گهر ۾ نياڻين کي قرآن شريف جي تعليم ڏيندي آهي ۽ ننڍي نياڻي ڪنواري هوندي ئي وفات ڪري ويئي.

ٽين شادي پينشن شروع ٿيڻ وقت اپريل 1932ع ۾ پنهنجن پاڙيسري عزيزن مان ڪيم. انهيءَ گهر مان ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون ٿيم. هڪڙو پٽ ۽ هڪ نياڻي ٻالپڻ ۾ ئي گذاري ويا، باقي هڪ نياڻي، جيڪا سيپٽمبر 1934ع ۾ ڄائي هئي، سا پنهنجي گهر تڙ واري ۽ هڪ فرزند جي ماءُ آهي ۽ هتي جي زناني اسڪول ۾ ماسترياڻي آهي ۽ ٻيو فرزند عطاءُ الله جو مارچ 1940ع ۾ ڄائو هو سو هينئر انگريزي ٻيو درجو پڙهندو آهي. الله تعاليٰ جلشانه شل ان کي علم ۽ فضيلت جو خزانو بخشي ۽ بخت سڪندري ۽ عمر خضري عطا ڪرڻ فرمائي. (آمين.)

هينئر حياتيءَ جي سفر جو چوهترون سال طي ڪري، رهيو آهيان، خداوند ڪريم جلشانه شل پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان باقي عرصو ايمان جي سلامتيءَ ۽ ڪنهن جي منت محتاجيءَ کان سواءِ گذارائي: آمين.

آخرت دنيا کان افضل يا خدا

ڪج بحق حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ

آمين ثم آمين.

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار ٻنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽجاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ.“
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)